Follow us on: daily pak karachi

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان

ABC CERTIFIED

روزاني
پاڪ
ڪراچي

website:www.dailypak.net

TM-Reg:465078

جلد:27 سومر 17 فيبروري 2025ع بمطابق 18 شعبان المعظم 1446هه قيمت 20 رپيا شمارو: 095

”ڏاڙيل راڄ نامنظور“ بحالي امن ايڪشن ڪميٽيءَ ۽ جماعت اسلامي جو شڪارپور ۾ تاريخي ڌرڻو

انڊس باءِ پاس وٽ زبردست ڌرڻو هنيو ويو. ڪراچي پنجاب ۽ بلوچستان اينڊز ويندڙ سوين گاڏيون بيهجي ويون، پوليس پاران روڊ ڪولرائڻ جي ڪوشش، سخت مزاحمت تي اهلڪار واپس ٿي ويا

ڏاڙيل راڄ ڪي هٿ سان سنڌ ۾ مڙهيو ويو آهي، 15 سالن کان سنڌ ۾ پ پ جي حڪومت آهي، پر ڪنهن به شهر ۾ امن امان جي صورتحال بهتر ناهي: ڪاشف سعيد شيخ/ اسد الله ڀٽو

پ پ جو سنڌ ۾ ڀٽو ۽ منافقاڻو ڪردار آهي غريب ۽ امير لاءِ الڳ الڳ قانون آهي. ڏاڙيلن جي سرپرستن خلاف ايڪشن ڪٽڻ جي ضرورت آهي، عيد بعد تحريڪ هلائبي: ڊاڪٽر مهرچند ۽ ٻين جو خطاب

شڪارپور (رپورٽ امتياز علي مري) اتر سنڌ ۾ بدامني ۽ ڏاڙيل راڄ جي سرڪاري سرپرستي خلاف بحالي امن ايڪشن ڪميٽيءَ ۽ جماعت اسلامي طرفان صوبائي امير ڪاشف سعيد شيخ جي قيادت ۾ ڪندن چوڪ انڊس/ڏسو صفحو 3 بقايا 19

شڪارپور: ڏاڙيل راڄ خلاف باءِ پاس تي ڌرڻو لڳل آهي، ٻي پاسي جماعت اسلامي سنڌ جو امير ڪاشف سعيد شيخ خطاب ڪري رهيو آهي

ايم ڪيو ايم هميشه نفرت واري سياست ڪئي آهي: سعديه جاويد

عوام ايم ڪيو ايم جي ڊرامن کي رد ڪري چڪو آهي: ترجمان سنڌ حڪومت

ٻوري بند لاش ڏيڻ وارا ڪهڙي منهن سان الزام مڙهي رهيا آهن: رد عمل

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر): سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ ايم/ڏسو صفحو 3 بقايا 18

سنڌوءَ ندي تي ڏاڙي خلاف سنڌو درياهه بچايو تحريڪ پاران سيوهڻ مان نڪتل بيداري مارچ دادو کان ٿيندو ميهڙ پهتو، جلسي ۾ تبديل

پاڻي لاءِ جدوجهد زندگي ۽ بقا جي جنگ آهي، آبادگارن کي طاقت ذريعي دٻايو پيو وڃي: سنڌو درياهه بچايو تحريڪ

اقتدار جي لالچي پارٽي سنڌ کي وڪرو ڪري ڇڏيو آهي، وفاق فيصلو واپس نه ورتو ته عوامي سمنڊ اسلام آباد جو رخ ڪندو: صدر الدين شاهه/ اياز پليجو

جيڪي سنڌ جا محافظ هجڻ گهرجن اهي ئي سنڌ جو پاڻي بند ڪرائي سنڌ کي سڪائڻ چاهن ٿا، گرين پاڪستان امير ماڻهن کي فائدو ڏيڻ لاءِ قائم ڪيو پيو وڃي: زين شاهه

سنڌ کي غير آباد ڪيو پئي وڃي ۽ پنجاب کي آباد ڪيو پيو وڃي (رياض چانڊيو) حڪمران پاڪستان جا خيرخواهه نه آهن: اڳوڻو وڏو وزير لياقت جتوئي ۽ ٻيا

سيوهڻ/دادو/خيرپور ناٿن شاهه/ميهڙ (نمائندن وٽان) سنڌو درياءَ تي ڏاڙي خلاف سنڌو درياهه بچايو تحريڪ پاران نڪتل بيداري مارچ ڪيڏيو ويو بيداري مارچ جي اڳواڻي قومي عوامي تحريڪ جو سربراهه اياز لطيف پليجو/ڏسو صفحو 3 بقايا 1

ميهڙ: اياز لطيف، زين شاهه، صدر الدين شاهه ۽ لياقت جتوئي جلسي ۾ شريڪ آهن

صوبائي وزير پاران نارا ڪئنال جو دورو، لائننگ جي هلندڙ ڪم جو جائزو، عملدارن پاران بريفنگ

پاڻي مسئلي تي ڪو انتشار پيدا ٿيو ته نقصان ملڪ جو ٿيندو: ناصر شاهه

پيپلز پارٽي قيادت هميشه پاڻي معاملي تي واضح موقف اختيار ڪيو آهي: صوبائي وزير

سي سي آءِ جو اجلاس ٿيڻ وارو آهي، جنهن لاءِ اسان مڪمل تياري ڪري چڪا آهيون: ڳالهيون

سکر (رپورٽ :شڪيل عاجز) صوبائي وزير منصوبابندي، ترقيات ۽ توانائي سيد ناصر حسين شاهه /ڏسو صفحو 3 بقايا 2

ايس ٽي پي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي، سسئي پليجو ۽ ٻين آڪاش انصاري جي پونئرن سان تعزيت ڪئي

آڪاش انصاري جي گرفتار پُٽ پاران قتل جو اعتراف (پوليس ذريعا) وڌيڪ ٻه ڄڻا گرفتار

گذريل رات پوليس ٻهريان ڊرائيور گرفتار ڪيو جنهن جي اعتراف بعد ڊاڪٽر آڪاش جي پٽ وشال لطيف کي به گرفتار ڪيو ويو

بابا آڪاش کي باهه ڏيڻ بعد مون ڪيس لٽون هنيون ، جنهن دوران منهنجا پير سڙي پيا: وشال لطيف جو پوليس سامهون اعتراف

گرفتار ٻنهي جوابدارن پاران قتل جي ڏوهه جو اعتراف ڪرڻ بعد پوليس وشال لطيف جي ٻن دوستن کي به گرفتار ڪري ورتو

آڪاش جي پونيئرن سان تعزيت جو سلسلو پڻ جاري رهيو، تعزيت ڪندڙن واقعي جي اعليٰ سطحي جاچ جو مطالبو پڻ ڪيو

بدين (رپورٽ: دودو پنهور) قاسم آباد جي سٽيزن ڪالوني ۾ باهه لڳڻ سبب ناليوارو انقلابي ۽ مزاحمتي شاعر، اديب ۽ دانشور ڊاڪٽر آڪاش انصاري سڙي فوت ٿي ويو هو، جڏهن ته سندس موت کي شڪي قرار ڏنو پيو وڃي. جنهن ڪانپوءِ جاچ پوليس سندس پٽ وشال انصاري ۽ سندس ڊرائيور کي گرفتار /ڏسو صفحو 3 بقايا 3

بدين: قادر مگسي ۽ ٻيا اڳواڻ آڪاش انصاري جي تڏي تي ويٺل آهن

سيپڪو، حيسڪو ۽ ڪي اليڪٽرڪ بجلي چور آهن، عوام جو رت پيا چوسين: ترجمان سنڌ حڪومت

سکر سنڌ جو ٽيون وڏو شهر هوندي به سوا مهيني کان اونده ۾ ٻڏل آهي: ميئر، پ پ اڳواڻ ارسلان اسلام شيخ

ٽرجو دورو ڪيو وڃي، عوام کي اندازو ٿي ويندو ته پيپلز پارٽي سڀ کان سستي بجلي پيدا ڪرڻ وڃي رهي آهي

پيپلز پارٽي عوام سان ٿيندڙ زيادتين تي چپ نٿي رهي سگهي، وزيراعظم نوٽيس وٺي: ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ حڪومت جي ترجمان ۽ ميئر /ڏسو صفحو 3 بقايا 4

ڪراچي: ارسلان اسلام شيخ پريس ڪانفرنس ڪري رهيو آهي

2025 ۾ به عمران خان آزاد نه ٿي سگهندو: منظور وسان

پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿيندڙ اوچتو آيا ۽ اوچتو واپس هليا ويندا

پيپلز پارٽي هميشه صحافين جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي: ڳالهيون

ڪوٽڏيجي: (ن پاڪ) پيپلز پارٽي جي اڳواڻ منظور وسان اڳڪٿي ڪندي چيو آهي ته سال 2025 ملڪ جي لاءِ بهتر پر پي ٽي آءِ لاءِ سٺو نه آهي. /ڏسو صفحو 3 بقايا 5

ملير ۾ عارف اوتيرو ۽ زاهد ميراڻي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو

ملير بچايو امن ڪميٽي پاران گهگهر جي حسيني چوڪ کان نيشنل هاءِ وي تي ريلي ڪڍي مظاهرو ڪري ڌرڻو هنيو ويو

ڦرمزاحمت دوران عارف اوتيرو ۽ بچت بازار ۾ ريڙهو لڳائڻ تان زاهد ميراڻي کي ناحق قتل ڪيو ويو: منان شيخ/فرحان

ملير بدامني جي باهه ۾ سڙي پيو، جنهن جي ذميوار پوليس آهي، ٻنهي نوجوانن جي قاتلن کي گرفتار ڪري، امن ڪرايو وڃي

ملير (ڊ ر) ملير جي علائقي گهگهر ڦاٽڪ ۾ ”ملير بچايو امن ڪميٽي“ جي اڳواڻن منان شيخ، /ڏسو صفحو 3 بقايا 6

ڪشمور، ڪنڌڪوٽ جي ڪچي ۾ هلندڙ آپريشن نتيجا نه ڏئي سگهيو، مغوي ڏاڙيلن جي چنبي ۾

سول سوسائٽي ۽ مغوين جي وارثن جا احتجاج ٽوڙي بڪ هڙتالون به چونڊيل نمائندن جي جاڳائي نه سگهيا

چار مهينا اڳ اغوا ٿيل راجيش ڪمار ڪيسواڻي ۽ ٻين مغوين جي گهرن ۾ ڪهرام متل

مغوين جي وارثن پاران پ پ چيئرمين ۽ ٻين کان پيارن جي بازياب ڪرائڻ لاءِ تحرڪ وٺڻ جي اپيل

ڪنڌڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪشمور پوليس جو ڌوهارين خلاف ڪچي واري علائقي/ڏسو صفحو 3 بقايا 7

ڦر الزام هيٺ گرفتار جوابدار سڪرنڊ پوليس حراست ۾ فوت، صوبائي وزير نوٽيس ورتو، ڪيس داخل

جوابدار محمد نواز زرداري جي فوت ٿيڻ جو ڪيس پاءُ جي فرياد تي ڊي ايس پي، ايس ايچ او، هيڊ محرر سميت 3 اهلڪارن تي داخل ڪيو ويو

جوابدار تي تشدد ڪري قتل ڪيو ويو آهي، جسم تي استري سان ساڙڻ جا نشان ۽ ڏنڊن جي تشدد جا به نشان آهن: ايف آءِ آر جو متن

ڪيس داخل ٿيڻ کان پوءِ ڊي ايس پي سڪرنڊ فرار، ايس ايچ او، هيڊ محرر ۽ هڪ پوليس اهلڪار کي گرفتار ڪيو ويو

سڪرنڊ: (ن پاڪ) سڪرنڊ ۾ ڦر جي الزام ۾ گرفتار جوابدار محمد نواز زرداري پوليس جي حراست /ڏسو صفحو 3 بقايا 8

پٽ شاهه ۾ عوامي تحريڪ جي سهڪار سان پاڪستان ڪسان رابطا ڪميٽي طرفان ”ملڪگير هاري ڪانفرنس“ ڪوٺائي وئي

سنڌ، پنجاب، ڪي پي، بلوچستان ۽ سرائيڪي هارين پاران نوان ڪئنال زراعت مٿان حملو قرار

اسان پنجاب ۾ به ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف ۽ سنڌي ماڻهن سان گڏ پاڻي جي منصفانه ورهاست لاءِ وڙهي رهيا آهيون: فاروق طارق

پاڻي سنڌين کان ڦري غيرملڪي ڪمپنين کي وڪرو ڪرڻ جي سازش پئي ٿي: ڪسان ڪرڪيه تنظيم مردان جي اڳواڻ گلزار خان

سنڌو درياءَ تي ڪينالن جي تعمير کي فوري طور تي رد ڪيو وڃي: انجمن مزارين پنجاب جو صدر مهر غلام عباس/وسند ٿري

پٽ شاهه (رجب علي بوزدار) سنڌو درياهه ۽ سنڌ جي زمينن جي وڪري خلاف پٽ شاهه ۾ هزارين هارين /ڏسو صفحو 3 بقايا 9

پٽ شاهه: شاهه لطيف جي نگري ۾ ڪوٺايل هاري ڪانفرنس ۾ مختلف شهرن کان آيل مهمان شريڪ آهن

يارنهن ملڪن مان وڌيڪ غيرقانوني 173 پاڪستاني ملڪ بدر

سعودي غيرقانوني سرگرمين ۾ ملوث 94 پاڪستاني ڊي پورٽ ڪري ڇڏيا

ڊي پورٽ ٿيل ماڻهن مان 24 ڄڻن کي ڪراچي ايئرپورٽ تان گرفتار ڪيو ويو

ڪراچي (م ڊ) سعودي عرب، متحده عرب امارات ۽ عمان سميت 11 ملڪن مان گذريل 48 ڪلاڪن دوران وڌيڪ 173 پاڪستانين کي ڊي پورٽ ڪيو /ڏسو صفحو 3 بقايا 17

اطلاعات کاتي جو سيڪريٽري مقتول آڪاش انصاري جي گهر پهتو، تعزيت

آڪاش بهترين شاعر هجڻ سان گڏ هڪ بهترين انسان پڻ هو: نديم الرحمان ميمڻ

سندس وڇوڙي سان پيدا ٿيل خال ڪڏهن به پُرجي نه سگهندو: اطلاعات کاتي جو سيڪريٽري

بدين (ڊ ر) اطلاعات سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي وفات تي ڏک ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو سنڌ جي اطلاعات /ڏسو صفحو 3 بقايا 16

ڪراچي: صوبائي وزير شرجيل ميمڻ جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي

آمريڪا کي هوائي اڏا نه ڏيڻ تي پي ٽي آءِ باني کي جيل تحفي ۾ مليو: حليم عادل

زرداري سنڌ جي زمين ڪارپوريٽ ڪمپني کي ڪپائڻ بعد سنڌ جو پاڻي وڪرو ڪري ڏنو آهي

پيڪا ايڪٽ تحت عوام کان اظهاري آزادي جو حق کسيو پيو وڃي: خيرپور ۾ پريس ڪانفرنس

خيرپور (ڊ ر) پي ٽي آئي ضلعي خيرپور جي جنرل سيڪريٽري نورحسن چانڊيو جي رهائشگاهه تي پي ٽي آئي سنڌ جي صدر حليم عادل/ڏسو صفحو 3 بقايا 15

ڪراچي مان جبري پورهئي لاءِ سعودي اسمگل ٿيندڙ 4 عورتون گرفتار

عمري جي آڙ ۾ عورتن جي اسمگلنگ ڪوشش ناڪام ڪئي وئي آهي: ايف آءِ اي

ڪراچي ايئرپورٽ تان حراست ۾ ورتل عورتن ۾ شازيه، ضميرا، لبنيٰ ۽ ثنا شامل آهن

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) وفاقي جاچ اداري (ايف آءِ اي) جي اميگريشن سرڪل موجب ڪراچي مان 4 عورتن کي مبينه طور تي جبري مشقت جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 14

جسقم آريسر جو پيادل مارچ 20 فيبروري تي ملير پهچندو

جسقم اڳواڻ مارچ ۾ شرڪت ۽ ڪوريج لاءِ صحافين ۽ مختلف معززين سان ملاقاتون ڪيون: اشرف ٻهليم

درياهه جا وارث سکر کان پنڌ ڪري پهتل مارچ جي پانديئڙن جو ڀرپور استقبال ڪن: ڳالهيون

ملير (ڊ ر) جسقم (آريسر) جي مرڪزي نائب صدر اشرف ٻهليم، غازي خان جسڪاڻي، رشيد ڪوسو ۽ ٻين اڳواڻن ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير پهچي /ڏسو صفحو 3 بقايا 13

ملير: عارف ايترو ۽ زاهد ميراڻي جي قاتلن جي گرفتاري جي لاءِ احتجاج ڪيو پيو وڃي

گهارو مين نيشنل هاءِ وي تي ٻن موٽرسائيڪلن ۾ ٽڪر، 3 ڄڻا زخمي

حادثي ۾ زخمي ٿيل ساجد جوکيو کي ڳڀتي جوڳي حالت ۾ ڪراچي منتقل ڪيو ويو

ريسڪيو 1122 سروس وارن گاڏي واندي نه هجڻ جو چئي ڪال ڪٽي ڇڏي: وارث

گهارو (ن پاڪ) گهارو مين نيشنل هائي وئي تي ٻن موٽرسائيڪلن جو آمهون سامهون ٽڪر ، 3 ڄڻا زخمي ٿي پيا 11,22 سرڪاري ايمبولينس نه /ڏسو صفحو 3 بقايا 12

ٻلڙي شاهه ڪريم پرسان زمين تڪرار تان ٻن ڌرين ۾ جهيڙو، 14 ڄڻا زخمي

ڳوٺ گل محمد سنيو ۾ نظاماڻي ۽ سنيا برادري جي ماڻهن ۾ جهيڙو ٿي پيو

ڌريون مورچا بند، علائقي ۾ ڏهڪاءُ پوليس جي وڏي نفري پهچي ضابطو آندو

ٻلڙي شاهه ڪريم (رپورٽ علي ڏنو رند) ٻلڙي شاهه ڪريم ۾ ڳوٺ گل محمد سنيو ۾ زمين تڪرار تان ٻن برادرين ۾ جهيڙو، 14 کان وڌيڪ ماڻهو زخمي/ڏسو صفحو 3 بقايا 11

هلندڙ مهيني 28 ڪروڙن جون ادائيگيون ڪيون آهن: افتخار علي شاهه

حاضر سروس ۽ رٽائرڊ ملازمن جا مسئلا حل ڪرڻ اولين ترجيحات ۾ شامل آهي

مختلف وقتن تي ملازمن جي ڀلائي ۽ بهتري جي لاءِ مؤثر قدم کنيا ويا

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) ميئر ڪراچي بئرسٽر مرتضيٰ وهاب جي خاص هدايتن تي واٽر ڪارپوريشن پنهنجي ملازمن جي ڀلائي ۽ بهتري لاءِ/ڏسو صفحو 3 بقايا 10

فتنه الخوارج کي پنهنجي فرسوده سوچ ملڪ تي مڙهڻ نه ڏينداسين: آرمي چيف

ملڪ دشمن عناصر جي فوج ۽ عوام وچ ۾ ڏار وجهڻ جي ڪوشش هميشه ناڪام رهي آهي ۽ رهندي: جنرل عاصم منير

اسان کي پنهنجي مذهب، تهذيب ۽ روايتن تي فخر آهي، هي فتنه الخوارج ڪهڙي شريعت ۽ دين جون ڳالهيون ڪندا آهن؟

فسادين جي باري ۾ اسلام جا حڪم واضح آهن، رياست سرينڊر ڪندڙن تي رحم جي اميد ڪري سگهي ٿي: شاگردن کي خطاب

راولپنڊي: پاڪ فوج جو سپاهه سالار عاصم منير شاگردن کي خطاب ڪري رهيو آهي

اسلام آباد (م ڊ) آرمي چيف عاصم منير چيو آهي ته اسان کي پنهنجي مذهب ۽ تهذيب تي فخر آهي، ڪڏهن به فتنه الخوارج کي پنهنجي /ڏسو صفحو 3 بقايا 20

ايم ڪيو ايم کي عوام رد ڪري چڪو آهي: سمعتا افضال سيد

سياس موت مرندڙ هاڻي عوامي همدردي حاصل ڪرڻ چاهين ٿا

عوام لساني سياست کي رد ڪيو آهي: فاروق ستار جي بيان تي رد عمل

ڪراچي(اسٽاف رپورٽر) ايم ڪيو ايم اڳواڻ فاروق ستار جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 21

متحده سدائين ٻين جي لاشن کي پنهنجي سياست لاءِ استعمال ڪيو آهي: شرجيل ميمڻ

فاروق ستار ۽ ٻيا متحده اڳواڻ ذهن نشين ڪري ڇڏين ته الزام لڳائڻ سان سندن قد وڏو نه ٿيندو: صوبائي وزير

ڪراچي شهر جا ماڻهو ڏهاڪن تائين متحده جي تشدد ڀريي ڌمڪين واري سياست جي رحم و ڪرم تي رهيا

لساني فساد، تشدد، ڀتي خوري ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ متحده جو وڙ رهيو آهي: متحده اڳواڻ جي الزامن تي ردعمل

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو آهي ته متحده سدائين ٻين /ڏسو صفحو 3 بقايا 22

چيني سيڙپڪاري وفد جي سينيئر صوبائي وزير سان ملاقات، اي وي سيڪٽر ۾ سيڙپڪاري جو اظهار

شرجيل ميمڻ پاران چيني وفد کي سنڌ ۾ سيڙپڪاري جي دعوت

پرڏيهي سيڙپڪارن کي ضروري رعايتون ۽ ڪاروبار سهولتون فراهم ڪيون وينديون: شرجيل ميمڻ

مستقبل اليڪٽرڪ گاڏين جو آهي ۽ سنڌ هن تبديلي ۾ ليڊرشپ ڪرڻ لاءِ تيار آهي: وفد سان ڳالهيون

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) چيني سيڙپڪارن جي هڪ وفد /ڏسو صفحو 3 بقايا 23

وفاق سنڌ جي نيشنل هاءِ ويز کي مڪمل طور نظرانداز ڪري رهيو آهي: ترجمان سنڌ

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) : سنڌ حڪومت جي ترجمان سکديو هيماڻي نيشنل هاءِ وي اٿارٽي جي سنڌ ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 24

پني عاقل جي ڪچي ۾ توانائي واري صوبائي وزير پاران سنڌوءَ جي ڍنڊ تي ناهيل بند جو افتتاح

ڪچي ۾ ڪيترائي ترقياتي ڪم ڪرايا آهن: ناصر حسين شاهه

ڍنڍ مٿان بند ٺاهڻ ڪري علائقي واسين کي تمام گهڻو فائدو پهچندو: خطاب

سکر (رپورٽ :عمرسومرو) پنوعاقل جي ڪچي واري/ڏسو صفحو 3 بقايا 25

مٽياري ۾ سنڌياڻي تحريڪ جو درياهه تي ڏاڙي ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف پيادل مارچ، ڌرڻو

سنڌياڻي تحريڪ پاران زينت سمون جي اڳواڻي ۾ نيشنل هاءِ وي کان پيادل مارچ ڪري مين شهر ۾ ڌرڻو هنيو ويو

سنڌ کي ديوار سان لڳايو ويو آهي، سنڌ جون نياڻيون، نوجوان ۽ هاري پنهنجي سنڌو درياهه کي بچائين: زينت سمون

چولستان سميت 6 ڪئنال ٺهي ويا ته سنڌ دنيا جو وڏو ريگستان بڻجي ويندي: نصرت خاصخيلي/ رفيعه پليجو

هي وقت درياهه ۽ نسلن کي بچائڻ جو آهي، سنڌين ڪالاباغ ٺهڻ نه ڏنو ته ڪئنال ٺهڻ به نه ڏيندا: اڳواڻن جو خطاب

جيئي پليجو
احتجاج
جيئي سنڌو درياهه
احتجاج
جيئي سنڌ
احتجاج
سنڌو تي ڏاڙو ۽ 6 ڪئنال رد ڪيو، ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جي زمينن جا سودا، ڪرپشن ۽ ڏوهه ختم ڪيو
سنڌياڻي تحريڪ (قومي عوامي تحريڪ)

مٽياري: عوامي تحريڪ پاران ڪئنالن خلاف احتجاجي مارچ ڪيو پيو وڃي

مٽياري (ڊ ر) سنڌو درياهه تي ڏاڙي، 6 ڪئنال ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ خلاف سنڌياڻي تحريڪ ۽ قومي عوامي تحريڪ جي سڏ تي مٽياري ۾ /ڏسو صفحو 3 بقايا 26

پشاور جي علائقي بڍهه بير ۾ پراڻي تڪرار تان فائرنگ، 5 ڄڻا قتل

راولپنڊي (م ڊ) پشاور جي علائقي بڍهه بير ۾ پراڻي دشمني تڪرار تان فائرنگ جي نتيجي ۾ 5 ڄڻا مارجي ويا آهن. پوليس موجب فائرنگ کان پوءِ پوليس جي وڏي نفري علائقي ۾ مقرر /ڏسو صفحو 3 بقايا 27

سرحد پرسان جيءَ جهورينڊڙ حادثو، پيءُ ۽ ڌيءَ فوت، امڙ زخمي

قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر موٽرسائيڪل سوار کي ٽڪر هنيو، ديهه چنگل مهر واسي ميهار سومرو ۽ ڌيءَ مائي افروز تڏي تي دم ڏنو

حادثي ۾ فوتي جي ونيءَ زخمي ٿي پئي، فوتين جا مڙهه ۽ زخمي عورت کي اسپتال منتقل ڪيو ويو

حادثي ڪانپوءِ ٽرالر جو ڊرائيور گاڏي ڇڏي فرار ٿي ويو، پيش آيل حادثي جو ڪيس به داخل نه ٿي سگهيو

سرحد (رپورٽ عرفان ملڪ) سرحد جي قومي شاهراهه تي تيز رفتار ٽرالر جي ٽڪر ۾ پيءُ ۽ ڌيءُ فوت ماءُ زخمي، لاش گهر پهچڻ تي ڪهرام، خبرموجب /ڏسو صفحو 3 بقايا 28

لاڙڪاڻو:بجلي ڪرنٽ ۾ فوت ٿيل نينگري جو مڙهه ايمبولنس ۾ پيل آهي

ماهوٽا پرسان نينگري 11 هزار جي تارن ۾ وچڙي فوت

ڳوٺ گوڪل پور ۾ زهرا بتول سڙي زخمي ٿي، اسپتال ۾ دم ڏنائين

نياڻي گهر ڀاهران خالي پلاٽ تي چيٽا ٿڦي رهي هئي: پيءُ نظر محمد

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) ماهوٽا پرسان ڳوٺ گوڪل پور ۾ 12 ورهين جي نينگري زهره بتول ڌيءَ نظر محمد زنگيجو بجلي جي 11 هزار تارن ۾ وچڙي/ڏسو صفحو 3 بقايا 29

قلندر لعل شهباز جو عرس اڄ کان شروع، دما دم مست قلندر جون صدائون، گورنر افتتاح ڪندو

روڊ جي ٻنهي پاسن کان ۽ مختلف جاين تي دڪاندارن پنهنجا عارضي دڪان قائم ڪري ڇڏيا

زائرين پاران قافلن جي صورت ۾ لعل شهباز مزار تي حاضري ڀري پنهنجي مرشد سان عقيدت جو اظهار ڪرڻ جو سلسلو جاري

لنگر نياز تقسيم ڪرڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي، مزار اندر چيڪنگ بعد زائرين کي مزار اندر ڇڏيو پيو وڃي

درگاهه قلندر جي مزار جي داخلي ۽ خارجي رستن تي ڪنڊيدار تارون ۽ 12 واڪ ٿرو گيٽ لڳل

سيوهڻ (عبدالستار ملاح) سنڌ جي عظيم صوفيءَ بزرگ حضرت قلندر لعل شهباز جي 773 هين ساليانو عرس مبارڪ اڄ کان سيوهڻ ۾ شروع، لکن جي تعداد ۾ زائرين سيوهڻ پهچي ويا، هر طرف دما دم مست قلندر جون صدائون بلند، زائرين قلندري ڌمالن تي رقص ڪري پنهنجي مرشد سان عقيدت جو اظهار ڪري رهيا آهن ،ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري عرس مبارڪ جي/ڏسو صفحو 3 بقايا 30

ڊي سي جامشورو پاران سيوهڻ ۾ طبي ڪئمپن جو دورو

غضنفر علي پانڌيئڙن کان صحت جون سهولتون فراهم ڪرائڻ لاءِ ڪيل انتظامن بابت ڄاڻ ورتي

پانڌيئڙن کي علاج جون هر ممڪن سهولتون مهيا ڪيون وڃن: ڪامورن کي هدايت

سيوهڻ: ڊپٽي ڪمشنر جامشورو غضنفر علي قادري حضرت لال شهباز قلندر رح جي ٽن ڏينهن واري عرس مبارڪ دوران پانڌيئڙن کي صحت جون /ڏسو صفحو 3 بقايا 31

سيوهڻ:: قلندر لعل شهباز جي روضي جو ڏيک، ميلي ۾ عوام جي رش لڳل آهي، ڊي سي انتظامن جو معائنو ڪري رهيو آهي

سنڌ جي مظلوم ۽ محڪوم عوام جي ترجمان
ABC CERTIFIED
روزاني
Daily PAK Karachi
پاڪ
ڪراچي
www.dailypak.net

ايڊيٽر
غلام نبي چانڊيو
ايگزيڪيوٽو ايڊيٽر
عبدالخالق زدران

هيڊ آفيس: روزاني پاڪ ڪراچي روم نمبر 813، ائين ماڙ ٽريڊ ٽاور لڳ ميٽرو پول هوٽل، عبدالله هارون روڊ، صدر ڪراچي- فون نمبر:3_35655872_021 فيڪس نمبر:021_35655874
سکر آفيس: روزاني پاڪ سکر آفيس نمبر 261/2 پرسان سونهري بئنڪ مشن روڊ سکر
نيوز موڪلڻ لاءِ اي ميل ايڊريس: dailypak786@yahoo.com
اشتهارن ۽ اهم نيوز لاءِ اي ميل ايڊريس: daily.pak.karachi@gmail.com
ويب سائيٽ ايڊريس: website:www.dailypak.net

سومر 17 فيبروري 2025ع بمطابق 18 شعبان المعظم 1446هه

EDITORIAL

بجلي ۽ گئس مسئلن تي صنعتڪارن جا خدشا ختم ڪرڻ جو عزم

سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه بزنس فيسليٽيشن ڪوآرڊينيشن ڪميٽي (BFCC) جي اجلاس جي صدارت ڪندي بجلي ۽ گئس سان لاڳاپيل صنعتن کي درپيش مسئلن کي حل ڪرڻ لاءِ سبسڊي پيڪيجن جي وقت سر جاري ڪرڻ جي اهميت تي زور ڏنو جهڙوڪ قومي مفاد ۾ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 158 تحت ترجيحي بنيادن تي 23_2020 صنعتي سپورٽ پيڪيج ۽ صنعتي شعبي کي مضبوط ڪرڻ لاءِ صوبي مان نڪرندڙ گئس جي فراهمي ضروري آهي. وزيراعليٰ هائوس ۾ ٿيندڙ اجلاس ۾ صنعتڪارن شرڪت ڪئي جن بجلي جي کوٽ، گئس جي فراهمي جي مسئلن ۽ بجلي چوري بابت اهم خدشن جو اظهار ڪيو. شرڪت ڪندڙن ۾ صوبائي وزير سيد ناصر شاهه، سعيد غني، جام اڪرام، ميئر ڪراچي مرتضيٰ وهاب، سيڪريٽري توانائي مصدق خان، ڪمشنر ڪراچي حسن نقوي، وڏي وزير جو سيڪريٽري رحيم شيخ، مختلف صوبائي سيڪريٽرين، واٽر بورڊ جو ايم ڊي ۽ ڪي-اليڪٽرڪ جي سي اي او مونس علوي سميت ٻين نمائندن، چيف ڊسٽريبيوشن آفيسر سعديہ دادا، ۽ ايس ايس جي سي جي ڊپٽي ايم ڊي سيد سعيد رضوي، ايم اين اي اختر بيگ، ڪاروباري برادري جي اڳواڻن ۾ زبير موتي والا، زبير چاپا ۽ شبير ديوان شامل هئا. ڪي-اليڪٽرڪ جا مسئلا: وڏي وزير ڪي-اليڪٽرڪ کي صنعتن لاءِ فوري طور تي 33 ارب رپين جي سبسڊي جاري ڪرڻ جي هدايت ڪندي ان ڳالهه تي زور ڏنو ته صنعتي ترقي پاڪستان جي معيشت کي مضبوط ڪرڻ لاءِ ضروري آهي. هن چيو ته سبسڊي صنعتن کي فعال رهڻ ۽ معاشي سرگرمين کي وڌائڻ ۾ مدد ڪندي جنهن جو آخرڪار قومي معيشت کي فائدو ٿيندو. وڏي وزير اهو به اعلان ڪيو ته سنڌ اليڪٽرڪ پاور ريگيوليٽري اٿارٽي (سيپرا) جلد مڪمل طور تي فعال ٿي ويندي جنهن سان صوبائي حڪومت صوبي ۾ بجلي جي فراهمي کي آزادانه طور تي منظم ڪري سگهندي. هن وڌيڪ چيو ته هي قدم اسان کي بجلي جي فراهمي ۽ قيمتن بابت صنعتڪارن جي خدشن کي غير ضروري رڪاوٽن کانسواءِ حل ڪرڻ جي اجازت ڏيندو. صنعتڪارن هن قدم جي آجيان ڪندي چيو ته صوبائي ريگيوليٽري اٿارٽي وفاقي ادارن تي دارومدار گهٽائي سگهي ٿي ۽ ممڪن طور تي بهتر بجلي جي شرح پيش ڪري سگهي ٿي. قابل تجديد توانائي جا منصوبا: بجلي اگهن کي حل ڪرڻ لاءِ مراد علي شاهه چيو ته سنڌ حڪومت صنعتن کي فراهمي لاءِ 350 ميگاواٽ ۽ 75 ميگاواٽ هائبرڊ رينيوئيبل توانائي جا منصوبا تيار ڪرڻ ۾ هڪ چيني ڪمپني منگ يانگ رينيوئيبل کي سهولت فراهم ڪري رهي آهي. هن چيو ته هي منصوبو صنعتي پيداوار لاءِ 18 رپيا کان 25 رپيا في يونٽ شرح تي بجلي فراهم ڪندو جيڪو صنعتن کي ادا ڪيل موجوده 60 رپيا في يونٽ کان گهٽو گهٽ آهي. هن قدم جو مقصد صنعتن تي مالي بوجهه گهٽائڻ آهي جنهن سان اهي پيداوار وڌائي سگهن ٿا ۽ روزگار جا وڌيڪ موقعا پيدا ڪري سگهن ٿا. لوڊشيڊنگ ۽ بجلي چوري: اجلاس ۾ صنعتڪارن بلن جي باقاعده ادائيگي جي باوجود صنعتي علائقن ۾ بجلي ۽ گئس جي مسلسل لوڊشيڊنگ تي مايوسي جو اظهار ڪيو. انهن بجلي چوري مافيا تي الزام لڳايو ته هو صنعتي علائقن ۾ واقع پول تي لڳل ٽرانسفارمرز (PMTs) مان بجلي چوري ڪري رهيا آهن جنهن ڪري لائن لاسز وڌي رهيا آهن ۽ بجلي جي بندش ۾ وڌيڪ اضافو ٿي رهيو آهي. صنعتڪارن دعويٰ ڪئي ته ڪي-اليڪٽرڪ صنعتي علائقن کي بجلي جي فراهمي ۾ ٿيندڙ نقصان جي تلافي لاءِ ڄاڻي واڻي لوڊشيڊنگ ڪري ٿو. صنعتڪارن چيو ته ڪي-اليڪٽرڪ کي لوڊشيڊنگ جي الزام ۾ صنعتن تي ڏنڊ هڻڻ بدران بجلي چوري خلاف سخت ڪارروائي ڪرڻ گهرجي. جواب ۾ ، ڪي-اليڪٽرڪ جي سي اي او مونس علوي چيو ته ڪمپني ڪاميابي سان پنهنجي لائن لاسز کي 40 سيڪڙو کان گهٽائي 15 سيڪڙو ڪيو آهي ۽ صورتحال کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. ان ڪانپوءِ وڏي وزير ڪي-اليڪٽرڪ کي هدايت ڪئي ته صنعتي بجلي چوري کي روڪڻ لاءِ ٽيڪنيڪل حل لاڳو ڪيا وڃن ۽ صنعتي ۽ رهائشي علائقن لاءِ پي ايم ٽي الڳ ڪرڻ تي غور ڪيو وڃي. ٿر جو ڪوئلو ڪراچي آڻڻ جو منصوبو: قدرتي گئس جي کوٽ سبب پيداوار متاثر ٿيڻ تي پريشان صنعتڪارن خواهش ظاهر ڪئي ته جيڪڏهن مناسب ٽرانسپورٽ سسٽم موجود هجي ته ٿر جي ڪوئلي کي پنهنجي بوائلرن لاءِ استعمال ڪري سگهجي ٿو. ان تي وڏي وزير توانائي واري وزير ناصر شاهه کي هدايت ڪئي ته صنعتن کان ڪوئلي جي گهرج جو جائزو ورتو وڃي ۽ يقين ڏياريو ته صوبائي حڪومت هن گهرج جي تصديق ٿيڻ کان پوءِ ٽرانسپورٽ جا انتظام ڪندي. هن چيو ته اسان توانائي جي متبادل ذريعن طور ٿر جي ڪوئلي تائين صنعتڪارن جي رسائي کي آسان بڻائڻ لاءِ ضروري قدم کڻنداسين. هن عزم ڪيو ته جڏهن بجلي جي پيداوار ڪانسواءِ ٿر جي ڪوئلي جي وڪري شروع ڪئي ويندي

سنڌ جو لعل شهباز قلندر رح

اعجاز ممنائي

سنڌ ڌرتي صوفين ۽ بزرگن جي ڌرتي آهي، انهن بزرگن مان حضرت عثمان مروندي المعروف لعل شهباز قلندر رح به هڪ آهي. جن جي عظمت ۽ شهرت پوري دنيا ۾ مشهور آهي. توڙي جو سنڌس شخصيت متعلق ڪيترين ئي اختلافي روايتون موجود آهن تنهن هوندي به پوري دنيا سنڌس شخصيت ۽ پيغام کي عقيدت جي نگاهه سان ڏسي ٿي چوته پاڻ اعليٰ خاندان سان تعلق رکندڙ هئا. سنڌس والدين نهايت پرهيزگار ۽ نيڪ هئا. سنڌن والد بزرگوار سيد ڪبيرالدين پنهنجي وقت جو بزرگ عالم، عامل ڪامل، ولي ۽ عابد زاهد هو ۽ هميشہ عبادت الاهي ۾ مستغرق رهندو هو. هن بزرگ مرند جي والي سلطان شاهه جي پاڪ سيرت دختر نيڪ اختر سان شادي ڪئي. جنهن مان ڪيس شهنشاهه قلندر تولد ٿيو. ڪن روايتن موجب سنڌن والد جو نالو ابراهيم ۽ لقب ڪبير ڄاڻايو ويو آهي. حضرت جن جا وڏا اصلي عراق جا رهاڪو هئا ۽ ڪن سببن جي ڪري اتان هجرت ڪري ايران جي مشهور شهر "مشهد" ۾ اچي رهيا بعد ۾ اتان لڏي افغانستان ۾ آيا ۽ آذربائيجان ۽ تبريز درميان "مرند" ۾ اچي مستقل طور رهيا. پاڻ سڄي عمر گران مايہ پنهنجي تنهائي ۽ تجرد جي گوشي ۾ گذاري. تنهن جو سبب استغراق دائمي هو پاڻ هميشہ حق جي مشاهدي ۾ محو رهيا. ان ڪري دنيوي دادگير کان بي خبر رهيا. پوءِ هڪ ڏينهن خواب ۾ ڏٺائون ته حضرت لعل شهباز عالم ارواح مان ڪين ٿو چوي ته "بابا مون کي پنهنجي پشت مبارڪ مان ٻاهر آڻيو حضرت ڪبير روشن ضمير فرمايو ته: "بابا ظهور پر نور اوهان جو بهتر آهي ته بهشت ۾ ٿئي ۽ نه اسان جي پشت ۾." شهباز جواب ڏنو ۽ فرمايو ته نبين ولين جي طريقي موجب دار دنيا ۾ ظهور ڪرڻ وارو ۽ خاص ۽ عام تي پنهنجي فيض جو انعام پورو ڪرڻ ضروري آهي. قلندر لعل شهباز ۾ ٻين ڪيترين ئي خوبين سان گڏ سخاوت جو جذبو پڻ موجود هو انهيءَ ڪري پاڻ "سخي شهباز قلندر" جي لقب سان پڻ مشهور آهن پاڻ ابتدائي تعليم جي تڪميل کان پوءِ ڪامل مرشد جي تلاش شروع ڪئي. حضرت شهباز قلندر روحاني راز، الاهي عشق جي رمزن ۽ حقيقي حال جي حاصلات لاءِ جنهن پهرئين مرشد جي دست بيعت ڪئي ان لاءِ مختلف روايتون آهن پهرئين روايت موجب هو شيخ بابا ابراهيم جو مريد ٿيو. ٻي روايت پٽاندر شيخ بهاول الدين ملتاني جو نالو اچي ٿو. ٽين روايت مطابق شيخ جمال مجرد مصري جو نالو نروار ٿئي ٿو. قلندر حقيقت ۾ صوفياءِ ڪرام جو وضع ڪيل اصطلاح آهي. قلندر، ان کي چيو ويندو آهي، جيڪو پنهنجن ارادن، خواهشن ۽ تمنائن کي ترڪ ڪري، راضي به رضا الاهي رهي، ۽ ان ۾ ئي دلي سڪون حاصل ڪري، يعني دل جي روحاني جذبن کي سموري توجهه جو مرڪز ۽ محور بنائڻ قلندري طريقي جي خصوصيت آهي. انهيءَ لحاظ کان قلندري طريقي جو بنياد ٻن ڳالهين تي آهي هڪ زهد ۽ ٻيو محبت. مطلب ته فقط هڪ جوئي رهڻ ۽ ٻين کي ترڪ ڪرڻ ۽ انهن سان ڪو به لڳ لاڳاپو نه رکڻ ان طريقيڪار جي ڪيفيت جو نالو مستي آهي ۽ مستي ئي قلندري طريقي جي سڃاڻ آهي. قلندري طريقو ظاهري عبادتن ۽ رياضتن سان گڏ مستي، جوش، جذبي، محويت ۽ استغراق تي گهڻو زور ڏئي ٿو. قلندري طريقو حضرت سيد جمال مجرد کان شروع ٿيو. جيڪو وڏو عالم ۽ فاضل هو قلندر لعل شهباز. جنهن وقت سنڌ ۾ آيو ته ان وقت سيوهڻ شريف ۾ جهالت، انڌير، بدڪاري جهڙيون برائيون عروج تي هيون. هن ڪامل ولي انهن برائين کي ڏاڍ، زور، جبر ۽ قتل غارت کان سواءِ پنهنجي علمي بصيرت، عمل ۽ ڪردار ذريعي نه صرف سيوهڻ، بلڪ پوري برصغير ۾ اسلام جي روشني ڦهلائي ۽ هر طرف وحدانيت جو پرچار ٿيڻ لڳو. ڇاڪاڻ ته سنڌن پيغام اسلام جو آفاقي پيغام هو. سنڌن اعليٰ سوچ، تصوف جي فلسفي، انسانيت جي خدمت جي جذبي ماڻهن کي ايترو ته متاثر ڪيو جو ٿوري عرصي ۾ هزارين ماڻهو سنڌن معتقد ۽ مريد بڻجي ويا. سنڌن نظر ۾ سڀئي انسان برابر آهن. ڪو به ڪنهن کان مٿاهون نه آهي، سواءِ چڱن عملن جي پاڻ بغير ڪنهن تعصب نسلي پيد ياءِ ۽ فرق جي سڀني کي هڪ ئي نظر سان ڏٺو ۽ ماڻهن کي ايثار، ڀائيچاري، اخوت، اتحاد ۽ امن جو درس ڏنو اهوئي سبب آهي جو هر مڪتبہ فڪر سنڌس فلسفي تي ايمان رکي ٿو ۽ سنڌس معتقد آهي. اُنڪري اڄو ته قلندر ڪبريا جي ڏسيل راهه تي عمل ڪري دنيا کي امن پيار ۽ انسانيت جو گهوارو بڻايون



لعل جو لال شهباز قلندر رحمت الله عليه



وفا ولي محمد ڦل

مخدوم قلندر لعل شهباز عثمان مروندي عليہ الرحمہ جو اصل نالو عثمان آهي. سنڌن جي والد بزرگوار جو نالو ڪبيرالدين آهي. شجره نسب ڪجهه هن ريت ملي ٿو: سيد عثمان مروندي ولد ڪبيرالدين (لقب سيد ابراهيم) ولد شمس الدين ولد سيد نور شاهه ولد سيد محمود شاهه ولد سيد احمد شاهه ولد سيد هادي شاهه ولد سيد مهدي شاهه ولد سيد منتخب شاهه، ولد سيد غالب شاهه، ولد سيد منصور شاهه ولد سيد اسماعيل شاهه ولد سيد امام جعفر رضي الله #ولادت باسعادت: حضرت لعل شهباز قلندر عليہ الرحمہ جي ولادت باسعادت 538هه 1143ع تي ڳوٺ "مروند" ۾ ٿي. بعد ۾ سيوهڻ تشريف ڪئي آيا. #تعليم و تربيت: پاڻ حافظ قرآن، جيد عالم، صرف نحو جو ماهرعظيم شاعرمصنف هئا#سفرنامو قلندر شهباز عليہ الرحمہ ڪيترن ئي ملڪن جا سفر پڻ ڪيا، عراق انڊيا، ايران کان ٿيندو آخري ڏهاڙن ۾ سيوهڻ شريف ۾ رهيو #وصال شريف: سنڌس وفات 650هه 1252ع تي سيوهڻ شريف ۾ ٿي. اڄ به مزار شريف عام و خاص جي زيارت گاهه بڻيل آهي .الله تبارڪ و تعالي اسان کي صالحن جي رستي تي هلڻ جي توفيق عطا شل نصيب فرمائي .آمين حضرت لعل شهباز قلندر جن ننڍي ڪنڊ جي عظيم صوفي بزرگ حضرت سيد عثمان مروندي المعروف حضرت لعل شهباز قلندر جي تعليمات ۽ سنڌس فلسفو انسانيت جو درس ڏيندو آهي، حضرت لعل شهباز قلندر جو پيغام ڀائيچارو، محبت ۽ امن آهي. هر سال جيان حضرت لعل شهباز قلندر جي عرس مبارڪ جي موقعي تي سنڌ سميت سموري ملڪ بلڪ دنيا جي ٻين ملڪن کان لکن جي انگ ۾ زائرين حاضري ڀريندا آهن. هن چيو ته سنڌ صوفين جي ڌرتي آهي، سيوهڻ جي سرزمين تي جيڪو قدم رکندو آهي اهو قلندري رنگ ۾ رنگجي ويندو آهي. حضرت لعل شهباز قلندر جي پيغام ۽ فلسفي کي بين الاقوامي سطح تي روشناس ڪرائڻ جي ضرورت آهي. تاريخ ثابت ڪيو آهي ته صوفي ڌمال نفرت ۽ انسانيت دشمنيءَ خلاف سبق آهي اسان اڄوڪي ڏينهن تي پڪو پهه ڪريون ته معاشري مان انتهاپسندي، دهشتگردي ۽ نفرتن جو خاتمو ڪيو ويندو ڪي ماڻهو تاريخ ٿين ٿاجيڪو هميشه ٻين ڪاڻ جيئي ٿوڇاڪاڻ ته هن خوبصورت ڪائنات جو خالق رب پاڪ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ درس ڏنو آهي ته، زندگي ته سڀ ڪو گذاريندو آهي، پر ڀلارا انسان اهي آهن، جيڪي پنهنجن مارئڙن، جهانگيئڙن جي درد، تڪليفن، اهنجن، ايذائن ۽ مصيبتن کي پنهنجو درد سمجهي انهن جي درد جو درمان بڻجندا آهن. ۽ منجهيل ماڻهن جي مسئلن کي حل ڪرائڻ لاءِ رات ڏينهن بنا ڪنهن فرق ۽ بغير لالچ جي پنهنجي جستجو جاري رکندا آهن. اهڙن سنن ماڻهن مان سيوهڻ شهر جي نگري جا به اهم ۽ خاص خاندان سان تعلق رکندڙ سڄي دنيا ۾ ڄاتل سڃاتل لڪياري سيد جا جانشين لال لجپال قبلا حضرت عثمان مروندي رح المعروف حضرت لال شهباز قلندر رحمت الله جا گادي نشين سيد الله بخش شاهه لڪياري المعروف(بودلو) سيد گل محمد شاهه لڪياري المعروف سائين راجا سائين لڪياري خاندان جا چشم چارغ سيوهڻ شهر جي سرسبز سرزمين جي مٽي مان جنم وٺندڙ پڻ هڪ آهن جنهن هميشه مسڪينن ۽ غريبن جي ڪم اچڻ ۾ زندگي گذاري آهي اسان دعاگو آهيون. ته پاڪ سائين جن کي هميشه لاءِ خوش آباد رکي ته جيئن هو غريب مسڪينن جي مدد ڪرڻ ۾ هميشه جيان اڳيرو رهي سنڌس شخصيت تي شاهه سائين جون هيءُ سٽون ارپي سگهان ٿو ته(ماڻهو سڀ نه سهڻا، پکي سڀ نه هنج، ڪنهن ڪنهن ماڻهوءَ منجهه اچي بوءِ بهار جي) قلندر شهباز جي عرس تي هر سال جيان هن سال سپائي يعني اڄ کان زبردست ملاکڙو ـ قلندر جي ڌمال جي محفل راڳ ويراڳ ايراني سرگس ٿيٽر جهولا موت گهر سميت ڪيترين محفلون مچنديون قلندر شهباز تي 4 ئي صوبن جا پرستار عقيدتمند لکن جي تعداد ۾ پهچڻ شروع ٿي ويا آهن ـعرس مبارڪ کان اڳ پنجاب کان ايندڙ پانڌيڙن سان قاضي احمد شهر ۽ راڻيپور شهرن جي حدن ۾ افسوسناڪ حادثا به پيش آيا آهن جن ۾ اندازن 2درجن انساني جانيون فوت ٿيون آهن الله پاڪ انهن جي مغفرت ڪندو ۽ زخمين کي شفا عطا ڪندو آخر ۾ دعا آهي الله پاڪ هن مستو لال شهباز قلندر جهڙي عظيم هستي کي جنتالفردوس ۾ اعلي مقام عطا ڪري(آمين) ۽اسان سڀني مسلمانن کي اهڙين ڀلارين هستين جي نقش قدم تي هلڻ جي توفيق عطا ڪندو انشاءالله

بقايا 01

منعقد ڪئي وئي، سنڌ جي ثقافت بابت آيل مهمانن روشني وڌي، سنڌ جي ثقافت کي بچائڻ لاءِ ثقافتي مچ ڪچهرين منعقد ڪرڻ سان سنڌ جي تاريخ جي خبر پوي ٿي. جشن بهار جي آمد جي سلسلي ۾ حاجي نياز حسين سريوال طرفان ڳوٺ علي خان سريوال ۾ هڪ پروقار ثقافتي مچ ڪچهري ڪوٺائي وئي، ثقافتي مچ ڪچهري جي صدارت سيد غلام حيدر شاهه عرف حيدر شاهه ڪئي، منعقد ثقافتي ڪچهري ۾ معزز مهمانن طور رٽائرڊ ڊي سي گنهور خان لغاري، سيد منور علي شاهه، سيد غلام محمد شاهه گل وسان، اقبال انڙ، اياز منگي سميت ٻين مهمانن ۽ اديبن شاعرن پڻ شرڪت ڪئي، پروگرام جي شروعات ۾ حاجي نياز حسين سريوال آيل مهمانن کي آجياڻو پيش ڪيو. ان موقعي تي سيد غلام حيدر شاهه حيدرشاهه ڳالهائيندي چيو ته سنڌ ڌرتي امن پيار ۽ محبتن جي ڌرتي رهڻ سان گڏ مهمان نواز رهي آهي، هن ڌرتي تي رب پاڪ انسان پيدا ڪيا آهن ته انهي ۾ انسانيت هجڻ به لازمي آهي سنڌ هميشا انتهاپسندي کي رد ڪيو آهي، هن وقت انسانن مان انسانيت ختم ٿي ويندي وڃي. ماڻهو هاڻي پئسن جي لالچ ۾ اچي ڪري رت جا رشتا به داءُ تي لڳائي ڇڏيندا آهن. سائنس ۽ اسلام ڀلي پنهنجو ڪم ڪري پر اسان کي پنهنجي تاريخ ۽ ثقافت کي وسارڻ نه گهرجي، هي سون جي تعداد ۾ آيل ماڻهو هڪ ٻي کي ڀڏڻ ۽ محبتن ونڊڻ لاءِ گڏ ٿيا آهن. هي مچ ڪچهريون پنهنجي تهذيب ۽ ثقافت کي ياد ڪرڻ لاءِ رکيون وڃن ٿيون ته جيئڻ پنهنجي ثقافت ميسارجڻ کي بچي پوي، هن وڌيڪ چيو ته ثقافتي مچ ڪچهري جو هڪ ئي مقصد آهي جنهن ۾ ادب جي سکيا سان گڏ سنڌ جي تاريخ تي ڳالهائي سنڌ جي تاريخ کي اجاگر ڪيو وڃي ٿو، سنڌ 5 هزار سالن کان وڌيڪ جي تاريخ رکي ٿي جنهن جو مثال موهن جو دڙو، سنڌ ڌرتي اوليائن بزرگن جي امن واري ڌرتي رهي آهي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ ۾ اهڙيون مچ ڪچهريون هر شهر ڳوٺ ۽ واهڻ وستي ۾ منعقد ڪيون وڃن ته جيئن ايندڙ نئين نسل کي سنڌ جي تاريخ جي خبر پيچي سگهي، ان موقعي تي آيل مهمانن شاعري، ڳجهارتون، ٻهاڪا ۽ خاڪا پيش پڻ ڪيا، جڏهن ته ڪونائيل مچ ڪچهري ۾ پراڻي دور کي تازا ڪرڻ لاءِ لالٽين، ونجٿيون، رليون، کهاڙيون، توڙي اجرڪون پڻ بهترنموني سان سجائي سنڌ سان محبتن جو اظهار ڪيو ويو، ان موقعي تي آيل مهمانن کي حاجي خان سريوال- توقير سريوال سنڌ جي سوکڙي اجرڪن، لونگين ۽ ٽوپين جا تحفا پڻ پيش ڪيا.

بقايا 02

والد ۽ سنڌ جي نامور ليکڪ ۽ شاعر ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي لاڏاڻي تي گهري ڏک ۽ افسوس جو اظهار ڪندي مرحوم جي گهرڀاتين سان تعزيت جو اظهار ڪيو پنهنجي تعزيتي بيان ۾ هن چيو ته ڊاڪٽر ذوالفقار سيال پنهنجي شاعري ۽ نثر ذريعي سنڌي ٻولي ۽ ادب جي لاءِ بيشمار خدمتون سرانجام ڏنيون جيڪي هميشہ ياد رکيون وينديون هن چوڻ هو ته ڏک جي هن گهڙي ۾ اسين دانيال سميت مرحوم جي سمورن سوڳوار پونئرن سان ڏک ۾ برابر جا شريڪ آهيون هن دعا ڪئي ته الله تعالي مرحوم جي مغفرت فرمائي ۽ سنڌن خاندان کي اهيو صدمو برداشت ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

بقايا 03

شاعر ۽ سنڌي ادبي سنگت جي اڳوڻي جنرل سيڪريٽري ذوالفقار سيال جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪيو آهي، پنهنجي هڪ بيان ۾ سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن مخدوم سعيد الزمان "عاطف" چيو آهي ته ڊاڪٽر ذوالفقار سيال سنڌي ادب، ٻولي ۽ ڌرتي سان بي حد پيار ڪندڙ ۽ ادب جو درد رکندڙ ماڻهن مان هڪ هو. ذوالفقار سيال جون سنڌي ادب لاءِ ڪيل خدمتن تي کيس خراج تحسين پيش ڪيون ٿا. هن چيو ته ذوالفقار سيال جي لاڏاڻي تي دلي ڏک پهتو آهي،سنڌس لاڏاڻي سان سنڌي ادب کي وڏو نقصان پهتو آهي. مرحوم جي مغفرت ۽ سوڳوار پونئيرن کي ڏک برداشت ڪرڻ لاءِ باري تعالي جي بارگاهه ۾ دعاگو آهيون.

بقايا 04

ڪان مڪمل طور تي تباهه ۽ برباد ٿيل آهن پر ڪو والي وارث ناهي ناهي رهواسين کي سخت مشڪلاتن کي منهن ڏيڻو پوي پيو پنجن منٽن جو سفر ڪلاڪن ۾ طئي ٿيڻ لڳو جڏهن ته ٻن تعلقن نري ميرواهه ۽ سوڀوديرو کي پاڻ سان ملائيندڙ روهڙي ڪئنال جي پل پڻ ٽٽل ۽ زبون حالي جو شڪار آهي سينارجا ۽ آسپاس جي رهواسين ايم پي اي رئيس ساجد علي ٻانيڻ، ايم اين اي پير سيد فضل علي شاهه جيلاني ۽ پي پي اعلي قيادت کان مطالبو ڪيو آهي ته سينارجا جي آسپاس جا روڊ ٺهرائي رهواسين مان بيچيني ختم ڪئي وڃي.

بقايا 05

عبدالرسول ڪوسو جي رسم پڳ ٻڌائي جي تقريب ٿي گذري ۾ ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو ۽ ٻين نيڪ مردن جي وڏي انگ ۾ شرڪت، پهريون پڳ جو ور رئيس علي بخش ڪوسو ڏنو جنهن ڪانپوءِ ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو، رئيس طالب حسين ڪوسو رئيس شمن خان ڪوسو تمندار حنيف خان چانڊيو (ڪارو)، علي حسن ڪوسو انجنيئر منير احمد ڪوسو شاهه محمد ڪوسو منظور ڪوسو سردار عبدالقيوم ميراڻي، رئيس مشهود الحق ڳاڏهي، سجاد احمد جوڻيجو رئيس علي شير ڪوسو ۽ ڪوسا برادري جي نيڪ مردن سان گڏ ٻين برادري جي ماڻهن پڳ جا ور ڏنا. ڪوسا برادري ۽ آيل مختلف برادري جي نيڪ مردن خوشي منجهان رئيس عبدالرسول ڪوسو کي نوٽن ۽ گلن جا هار پارائڻ سان گڏ دعائون پڻ ڏنيون. پڳ واري تقريب کي خطاب ڪندي رئيس عبد رسول ڪوسو چيو ته منهنجو والد رئيس سيٺ غلام رسول ڪوسو غريبن سان ڪلهو ڪلهي ۽ ملائي پوري عمر بي پهچ ۽ غريبن ماڻهن جي خدمت ڪئي ۽ انهن سان ڏک سک ۾ گڏ رهيو ۽ سدائين مسئلا حل ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندو رهيو آءُ به سنڌس نقشي قدم تي هلندي پنهنجي برادري جي ماڻهن سان گڏ آهيان ۽ سنڌن مسئلا گڏجي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندس انشاءالله مان به انسان ذات ۽ برادري جي ماڻهن جي خدمت ڪندو رهندس.

بقايا 06

ڪنڌڪوٽ پورهيت جو بازارن جي بندش خلاف سراج احمد مغيري، احمد بڪتي، جاويد ٿهيم، اڪرم ٻرڙو جي اڳواڻي هيٺ ڊسٽرڪٽ پريس ڪلب ملير جي آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو ان موقعي تي مظاهرين نعريبازي پڻ ڪئي، مظاهري کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته گلشن حديد بجٽ بازار ۾ اڍائي مهينا اڳ پورهيت زاهد ميراڻي جي قتل بعد ڊي سي ملير پاران ملير ۾ بجٽ بازارون بند ڪرڻ جو نوٽيفڪيشن جاري ڪيو هو جيڪو هن مهل تائين موجود آهي جنهن سبب بجٽ بازارون بند آهن. هنن چيو ته بجٽ بازارن ۾ اسان ريڙها، اسٽال لڳائي پنهنجي ٻچن جو گذر سفر ڪندا هئاسين جيڪو اڍائي مهينن کان بند آهي مٿان رمضان آهي اسان جو روزگار نه هجڻ جي ڪري جي زيور ڪان ٻچا پڪين کاڌي سان گڏوگڏ تعليم کان به محروم بڻجي ويا آهن. هنن چيو ته بجٽ بازارن سان عام ماڻهو کي رليف ملندو آهي پر عام ماڻهو سان گڏوگڏ اسان جو روزگار بند هجڻ جي ڪري اسان گهرن جا ڪرايا، بجلي ۽ گئس جا بل به نه ڀري سگهيا آهيون جنهن جي ڪري اسان سخت ڏکيائين منهن ڏئي رهيا آهيون، هنن احتجاجي مظاهرو ڪندي ملير انتظاميه ۽ ڊي سي ملير کي اپيل ڪندي چيو ته ملير ۾ بجٽ بازارن جي بندش وارو نوٽيفڪيشن واپس وٺي اسان جي روزگار جو رستو کوليو وڃي ته جيئن اسان ڀلاري مهيني رمضان شريف ۾ پنهنجي ٻچن جي روزي ڪري سگهون ۽ عام ماڻهن کي رليف پڻ ملي سگهي.

بقايا 07

جبار مري ۽ عامرجمالي ۽ جي لاشن کي علائقي واسين پنهنجي مدد پاڻ ڪرڻ ذريعي مٽيءَ جي ڍير مان ٻاهر ڪڍي مقامي اسپتال پهچايو ويو آهي. ڏاڍيجي ۾ ٿيل افسوسناڪ واقعي تي مقامي انتظاميه ڪو به تحرڪ نه ورتو جنهن سبب ٻنهي پورهيتن جي لاشن کي علائقي واسين پاران سوزوڪين ذريعي مقامي اسپتال تائين پهچايو ويو آهي.

بقايا 08

ٻنهي پاسن جي دڪانن اڳيان بيٺل دڪاندار سخت پريشان. اعلي اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو دڪاندارن وڌيڪ چيو ته ڪافي ڀيرا ڊي سي ڪشمور ۽ ميونسپل انتظاميا کي شڪايتون ڪيون ڪيل شڪايتن جو ازالو ڪون ڪيو پيو وڃي. ان چيو ته نالن جي صفائي ڪاني نه ڪرائڻ سبب پاڻي ڀرجي اوور فلائي ٿئي روڊن تي وهڻ لڳو.

بقايا 09

قمبر لغاري جي طرفان سيتاروڊ جي ڪميونٽي سينٽر ۾ ٿيليسيميا جي بيماري ۾ مبتلا معصوم ٻارن جي زندگي بچائڻ خاطر هڪ ڏينهن واري رت جي عطيي جي ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ ٿيليسيميا ويلفيئر سوسائٽي نوابشاهه جي ٽيم پهچي سوين مريضن جون ٽيسٽون ڪيون سيتاروڊ ۽ ان جي ڀرپاسي جي ماڻهن جي معصوم ٻارن جي زندگي بچائڻ لاءِ رت جو عطيو ڏنو ان موقعي تي ٽائون چيئرمين قمبر خان لغاري ۽ بلقيس رضا ٽرسٽ جي چيئرمين ۽ سماجي ورڪرن ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته رت جو عطيو ڏيڻ جو احساس انهن کان محسوس ڪيو جيڪي اوهان جي رت جي هڪ ڦڙي لاءِ ترپي رهيا هوندا هڪ انسان جي زندگي بچائڻ پوري انسانيت کي بچائڻ برابر آهي هن وڌيڪ چيو ته اسين سيتاروڊ ۽ ان ڀرپاسي جي ماڻهن کي هٿ ٻڌي عرض ٿا ڪيون ته وڌ ۾ وڌ شرڪت ڪري معصوم ٻارڙن جي زندگي خاطر رت جو عطيو ڏئي انهن ٻارجي خوشي جو سبب بڻجو

بقايا 10

نوجوان فيصل بروهي کي موٽر سائيڪل سوار هٿياربند ٻن ڦورن هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي ڪائنس ايزي لوڊ ڪرڻ واري موبائيل ڦر ڪري فرار ٿيڻ جي ڪوشش ڪئي ته دڪاندار ۽ ٻين ڳوٺائن مڙسي ڪري ٻنهي ڦورن کي سوگهو ڪيو ۽ ناهوڪو ڪٽڪو ڏيڻ بعد باقراڻي ٿاڻي جي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو، پڪڙيل ڦورن جي سڃاڻپ لاڙڪاڻي واسي شاهد ڀٽو، خان محمد ڀٽي طور ٿي آهي، جڏهن ته اهڙي واقعي جو ڪيس باقراڻي ٿاڻي تي دڪاندار فيصل بروهي جي فرياد تي ٻن جوابدارن شاهد ڀٽو ، خان محمد ڀٽي مٿان 392 پ پ ڪ تحت داخل ڪيو ويو آهي.

بقايا 11

ڪائونسل جي اڳواڻن جي هٿ تي هندو مسلم پيل برادري سان تعلق رکندڙ 15 کان وڌيڪ خاندانن اسلام قبول ڪري مسلمان ٿي ويا. ڳوٺ وارث گنيير ۾ سني رابطا ڪائونسل جي اڳواڻن مولانا عبدالجبار حيدري ۽ عبدالڪريم مري جي هٿ تي پيل برادري سان تعلق رکندڙ 15 کان وڌيڪ خاندانن سان تعلق رکندڙ مردن عورتن ۽ ٻارن اسلام قبول ڪري ورتو اسلام قبول ڪندڙن ۾ مردن جا نالا مٽائي محمد عمر , ايوب , ابوبڪر, عثمان ۽ ٻيا نالا رکيا ويا. جڏهن ته عورتن جا پهريان نالا تجو چانڊني پوجا ڪرن مٽائي ڪري فاطمہ , خديجا , ڪلثوم , زينب, قيہ رکيا ويا. پيل برادري سان تعلق رکندڙن غير مسلمن کي ڪلمو پڙهائي مسلمان ڪيو ويو

بقايا 12

شاهه ناميارو شاعر ۽ اديب ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار ڪندي چيو آهي ته سنڌي ٻولي، ادب ۽ ورثي لاءِ سنڌس خدمتون سدائين ياد رکيون وينديون. هن وڌيڪ چيو ته مرحوم جي وڇوڙي سان بيشڪ سنڌي ٻولي ۽ ادب هڪ وڏو نقصان رسيو آهي. وڏي وزير دعا ڪئي ته الله تعاليٰ مرحوم جا درجات بلند ڪري ۽ سوڳوارن کي صبر جميل عطا فرمائي. آمين

بقايا 13

ذريعن موجب پهرين مرحلي ۾ سمورن ڊيلي ويجز ملازمن کي نوڪري مان ڪڍيو ويو آهي، ٻئي مرحلي ۾ ڪانٽريڪٽ ملازمن کي نوڪري مان ڪڍيو ويندو. ذريعن جو چوڻ آهي ته اهو قدم حڪومتي(رائٽ سائزنگ پاليسي) جي تحت کنيو پيو وڃي جنهن جو مقصد ادارن ۾ غير مستقل ملازمن جو انگ گهٽ ڪرڻ آهي. ذريعن وڌيڪ ٻڌايو ته برطرف ڪيل ملازمن مان ڪيترائي ملازم 10 سالن کان وڌيڪ وقت کان خدمتون انجام ڏئي رهيا هئا. ياد رهي ته آگسٽ 2024 ۾ حڪومت يوٽيليٽي اسٽورز ڪارپوريشن کي ختم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو هو جنهن کان پوءِ وزيراعظم انهي تي تجويزون طلب ڪيون هيون. حڪومت اسٽورن کي ڏنل 50 ارب روپين جي سبسڊي به ختم ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 14

جي اڳواڻي ۾ سيهڙ، ايئرپورٽ، باڊهه، ويهڙ سميت ڏوڪري ۽ باقراڻي تعلقن جي مختلف ٿاڻن جي پوليس اٿالن ڏوڪري جي ڏيرا محلي ۾ منشيات جي اڏي تي ڇاپو هنيو ڇاپي دوران پوليس ۽ هٿياربندن ۾ مبينا فائرنگ سبب ڪنهن به جاني نقصان جو اطلاع نه مليو آهي. پوليس موجب مختلف ڪيسن ۾ گهربل جوابدار نادر ڏيرو جي گرفتاري لاءِ ڪارروائي ڪئي، جنهن دوران سخت مزاحمت بعد زين ڏيرو ۽ ياسين جتوئي گرفتار ڪري ورتو آهي، جڏهن ته جوابدارن جي گهرن کي ڊاهڻ جا اطلاع پڻ مليا آهن. ان موقعي تي صحافين سان ڳالهائيندي ايس ايڇ او ڏوڪري احمد علي اوڍو چيو ته ڏيرا پاڙي ۾ منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ڪرڻ دوران منشيات فروشن پوليس مٿان فائرنگ ڪئي آهي، جڏهن ته منشيات فروش گهر ڇڏي فرار ٿي ويا آهن. جن خلاف ڪاروائي ڪري رهيا آهيون. هن چيو ته منشيات فروشن کي ڪنهن به صورت ۾ بخش نه ڪيو ويندو، ڏوڪري شهر منشيات کان پاڪ ڪيو ويندو.

بقايا 15

خلاف ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن هٿن ۾ بئنر پلي ڪارڊ ۽ تنظيمي جهنڊا کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي پيپلز هاري ڪميٽي سنڌ جي صوبائي صدر محمد پنهل لهر، علي مدد لاشاري، غلام شبير شر، سردار بليدي، ثمر علي لهر، خادم حسين بروهي، علي رضا ڪوري، ايوب چاچڙ، تاج محمد ٻڙدي ۽ ٻين ريلي کي خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياهه تي پنجاب پاران 6 ڪئنالي منصوبو سنڌ کي بنجر ۽ ريگستان بڻائڻ جي سازش آهي، جنهن کي سنڌ جو عوام مڪمل طور تي رد ٿو ڪري جڏهن ته سنڌو درياهه ۾ 102 ايم ايف پاڻي موجود هوندو آهي، جنهن مان 48 ايم ايف سنڌ جو حصو آهي، پر ان جي باوجود به سنڌ کي پورو پاڻي ناهي ملندو ۽ هر سال سنڌ کي 19.4 سيڪڙو پاڻي گهٽ ڏنو ويندو آهي، اهي انگ اڪرارسا پنهنجي ويب سائٽ تي پڻ جاري ڪندي رهي آهي، جنهن سبب هر سال سنڌ جا ڪيترائي ضلعا پاڻي کوٽ کي منهن ڏيندا آهن ۽ هاڻي پنجاب ۾ اهي 6 ڪئنال ناهيا ويا ته سنڌ جي وڌيڪ لکين ايڪڙ زرعي زمين بنجر ٿي ويندي، جڏهن ته ڊائون اسٽريم ڏانهن پاڻي نه پهچندو جنهن سبب ٺٽو ۽ بدين جي لکين ايڪڙ زرعي زمين سمنڊ برد ٿي ويندي ۽ ساموندي جيوت به سخت متاثر ٿي ويندو، جڏهن ته سنڌ اڳ ئي موسمياتي تبديلي کي منهن ڏئي رهي آهي ۽ اهو منصوبو سنڌ جي زراعت کي مڪمل طور تي ختم ڪري ڇڏيندو. هنن سپريم ڪورٽ آف پاڪستان کي اپيل ڪئي ته 6 ڪئنالن واري منصوبي کي رد ڪري معادي تحت سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي ڏياريو وڃي. هوڏانهن پيپلز هاري ڪميٽي سنڌ طرفان خيرپور لاڙڪاڻو پل تي پهچي سنڌو درياهه مٿان گلن جي ورکا ڪندي محبت جو اظهار ڪيو ويو.

بقايا 16

برداري تقريب ٿي گذري. شهدادپور تعلقہ بار ايسوسيئيشن صدر آغا افتخار ترين پاران نئي چونڊيل عهديدارن صدرمهدي عباس رند نائب صدرعابد لغاري، جنرل سيڪريٽري عمر چتو اطلاعا سيڪريٽري محرم ٽالپر کي حلف کڻايو ان موقعي تي مقررين خطاب ڪندي چيو ته نون ڪئنالن جي ٺهڻ سان سنڌ جون زمينون بنجر بڻجي وينديون. هنن چيو ته اسان کي ماڻهن کي شعور بيدار ڪرڻ توڙي ڪين ڪئنال جي نقصان بابت سجاڳ ۽ جاڳرتا مهم هلائڻ جي ضرورت آهي. هنن چيو ته وڪيلن کي مثبت سماجي تبديلي آڻڻ لاءِ پرعزم جاڳوڙ لاءِ پنهنجي جذبي سان متحد ٿيڻ جي ضرورت آهي. ان موقعي تي وڪيلن سول سوسائٽي جي ماڻهن ڀرپور شرڪت ڪئي ۽ نون ڪئنالن کي سنڌ لاءِ هاڃيڪار قرار ڏيندي رد ڪري ڇڏي. جڏهن ته آيل مهمانن کي اجرڪ جا تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا 17

ميونسپل ڪارپوريشن (ايس ايم سي) پاران ميمبرن تي مشتمل ناهيل هيلٿ ڪميٽي جي ميمبرن ملاقات ڪئي. هيلٿ ڪميٽي ۾ شامل ايس ايم سي ميمبر عزرا جمال، زينت پنهور، شهناز شيخ، ماريہ احسان ملڪ شامل هئا. جڏهن ته اي ايم ايس ڊاڪٽر الطاف اعوان، ڊاڪٽر اياز شاهه ايس ايم سي هيلٿ ڪميٽي کي ٻڌايو ته اسپتال ۾ فنڊن جي کوٽ ۽ مختلف ضلعن مان ايندڙ مريضن جي تمام گهڻي رش سبب مسئلا پيش اچي رهيا آهن. اسپتال جي ڊرينيج لائين خراب ٿي وئي آهي جنهن سبب اسپتال ۾ مسئلا پيش اچي رهيا آهن. جنهن تي ايس ايم سي جي هيلٿ ڪميٽي جي ميمبرن کين چيو ته هو ان مسئلي جي حل لاءِ ميئر سکر ارسلان اسلام شيخ سان ڳالهائڻ سان گڏ ايس ايم سي جي اجلاس ۾ آواز اٿارينديون

بقايا 18

ڪم سبب ڊراما انڊسٽري ۾ جلد پنهنجو هڪ الڳ هنڌ ناهڻ ۾ ڪامياب ٿي، تنهن هوندي ڪاميابي جي ان سفر ۾ اداڪارا ڪيترين ئي رنڊڪن ۽ سخت تجربن کي منهن ڏنو هڪ انٽرويو ۾ پنهنجي ان مشڪل دور بابت ڳالهائيندي يمنيٰ زيدي ٻڌايو ته مشڪل وقت ۾ پاڻ کي خدا جي گهڻو ويجهو محسوس ڪندي آهيان. اداڪارا ٻڌايو منهنجو والد جلد مون کان جدا ٿي ويو ان جي وفات بعد زندگي تمام گهڻي بدلجي وئي، مونکي ان ڏک الله جي ويجهو ڪري ڇڏيو يمنيٰ زيدي چيو ته تلخ تجربن ۽ سخت روين جي ڪري ٿيندڙ بيچيني ۽ دٻاءُ توهان کي روحانيت جي راهه تي وٺي ويندا آهن. جتي دل کي حقيقي سک ۽ سڪون ملندو آهي.

بقايا 19

پراسرار طور گم آهي. سکر پريس ڪلب پهچي هن ميڊيا وسيلي انتظاميہ ۽ عوام کي سنڌس ڳولها ڪرڻ جي اپيل ڪئي آهي هن ٻڌايو ته لاڳاپيل ٿاڻي اي سيڪشن کي رپورٽ ڏني، پر پوليس اڃا تائين ڪيس هٿ ڪرائڻ ۾ ناڪام وئي آهي. جنهن سبب گهر ۾ ڪهرام مچي ويو آهي ۽ هن جي ماءُ صدمي ۾ مبتلا آهي.

بقايا 20

آهي ، ان سلسلي ۾ صوبائي وزير حاجي علي حسن زرداري ، صوبائي گهرو وزير ضياءالحسن لنجار ، پ پ سنڌ جي صدر نثار احمد کهڙو ، ايم اين اي سردار نظير احمد ٻگهيو ، ايم پي اي سردار خان چانڊيو ، جي يو آئي اڳواڻ مولانا راشد محمود سومرو ، ايم پي اي فياض بٽ ، سردار ذوالفقار ڪماريو ، صوبائي وزير سيد ذوالفقار شاهه ، ڊسٽرڪٽ ڪائونسل لاڙڪاڻو چيئرمين اعجاز احمد لغاري ، ڊي آئي جي لاڙڪاڻو ناصر آفتاب پٺاڻ ، ايس ايس پي لاڙڪاڻو فيصل احمد چوڌري ، ڊي سي لاڙڪاڻو شرجيل نور چنا ، اسسٽنٽ ڪمشنر باقراڻي نظام الدين جتوئي ، اڳوڻو اسسٽنٽ ڪمشنر باقراڻي غوث بخش جتوئي ، صحافي ظفر ابڙو ، لالا برڪت بلوچ ، بشير احمد شيخ ، احمد نواز بروهي سميت مختلف سياسي سماجي اڳواڻن ، اديبن ، شاعرن ، صحافين آفيسرن سيال هائوس انور آباد ۾ مرحوم ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي پائٽي اڳوڻي صوبائي وزير ايم پي اي سهيل انور سيال ، منور خان سيال ، فهد جبران سيال ، پ پ اڳواڻ طارق انور سيال ، ٽائون ڪاميٽي دڙي جي چيئرمين شاهه رخ خان سيال ، محمد خان سيال ، ذوالقرنين سيال ، نديم اڪبر سيال ۽ ٻين پونئيرن سان تعزيت ڪئي ۽ مرحوم جي ايثال ثواب لاءِ دعا خير پڻ گهري.

بقايا 21

فارسي عربي سنڌي پنجابي سرائڪي هندي ۽ ٻين ٻولين ۾ شاعري ملي ٿي گذريل ڏينهن سنڌس درگاهه جي اڱڻ تي عرس مبارڪ جي موقعي تي مختلف درگاهن جي گادي نشينن پيرسيد سجاد رسول راشدي پير سليم شاهه راشدي سائين سعيد امروٽي شرڪت ڪئي ۽ درگاهه جي خادم فقير انورڪيريو جي ميزباني هيٺ صوفي راڳ ويراڳ ڪرايو هنن چيو ته سنڌ ۾ درگاهون هڪ اهم روحاني ۽ ثقافتي ورثو هونديون آهن. اهي درگاهون، جن ۾ اولياءَ الله وارا بزرگ، ۽ صوفي درويشن امن محبت پيار ۽ هميشہ ڀائيچاري جو درس ڏين ٿا بزرگن درويشن هميشہ دنيا جي ايش آرام اميري کي ترڪ ڪري روحاني عبادت ڪئي آهي صوفي فنڪارن ڀاڳ چند پيل ڪامران علي ڪامران چانڊيو ڪاشف ڀٽواستاد عمران اياز ڪيريواشرف ڪيريو ۽ ٻين صوفي ڪلام ٻڌائي ويٺل تي وجد طاري ڪري جڏهن ته درگاهه تي چادر پعد صوفي محفل پرهہ ڦٽي تائين جاري رهي

بقايا 22

مرڪز انوار طاهريہ سائيٽ ايريا سکر ۾ زير صدارت صوبائي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر سعيد اعوان جي صدارت ۾ منعقد ٿي تقريب ۾ جمعيت علماءِ طاهريہ جي فنانس سيڪريٽري خليفو مولانا حسيب احمد راهوجو روحاني طلباءِ جماعت پاڪستان جي مرڪزي اڳواڻ حافظ عظمت الله ميمڻ شرڪت ڪئي.ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي پريس سيڪريٽري ڊاڪٽر سعيد اعوان چيو ته پاڪستان جي عظيم علمي ۽ روحاني شخصيت سڄڻ سائين امت جي وحدت ۽ اتحاد جا ضامن آهي. محبتن جا سفير اوهان علم ۽ ڏاهپ جا موتي انسانيت کي الله پاڪ عطا ڪيا آهن. جن انسانيت کي بلندي تائين پهچائڻ ۾ اهم رول ادا ڪيو آهي، انهن جي تربيتي مرڪزن ۽ خانقاهن ۾ اولياءَ صوفي آهن حيات پاڪ کي سمجهڻ ۽ ٻندي کي الله طرف ويجهو ٿيڻ جو ماحول فراهم ڪري ٿو تصوف جي علوم ۽ علامتن کي سمجهڻ سان بندو الله تعاليٰ ۽ حضرت محمد صلي الله عليہ وآلہ وسلم جو قرب حاصل ڪري سگهي ٿو اڄ جي اڄ جي فتني واري دور ۾ سڄڻ سائين امت مسلمہ جا سڄڻ آهن.ان موقعي تي ايڊيشنل ڊي ايڇ او ڊاڪٽر تنوير عباسي رت جو عطيو ڪرڻ جي حوالي سان.خليفي حسيب احمد محبت شيخ ليڪچر ڏنا. آخر ۾ خليفي محمود علي ميمڻ ملڪ جي استحڪام، ترقي ۽ خوشحالي لاءِ خصوصي دعا گهري.تقريب ۾ خليفو مير محمد عباسي،حافظ جميل احمد آرائين، حافظ محمد عمر، صبغت الله ميمڻ، تاج محمد لکڻ، ريحان فيضان الحسين ميمڻ، منور علي ڪوسو ۽ ٻين عهديدارن ۽ ميمبرن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 23

هندو دڪاندار پهلاج راءِ کي هٿيارن جي زور تي يرغمال بڻائي سنڌن کان موٽرسائيڪل ڦر ڪري ڦورو آساني سان فرار ٿي ويا، واقعي جو اطلاع حد جي پوليس کي اطلاع ملڻ تي پوليس واقعي واري هنڌ نه پهتي، متاثر دڪاندار پهلاج راءِ ڏانهينڊي چيو ته ڪجهہ مهينا اڳ ڏوهارين مونکان موٽرسائيڪل ڦر ڪري ويا هئا جيڪا پوليس واپس ناهي موٽائي سگهي صبح سوير دربار ۾ پوڄا پاٺ ڪرڻ وڃي رهيو هيس ته موٽرسائيڪل سوار هٿياربندن مونکي دربار ٻاهران يرغمال موٽرسائيڪل ڦري ويا آهن ايس ايس پي ڪشمور زبير نظير شيخ ڦر واقعي جو نوٽيس وٺي موٽرسائيڪل واپس ڪرائي ڏياري وڃي امن امان جي بحالي لاءِ سخت اپاءَ ورتا وڃن

بقايا 24

پئي وڃي پيپلزپارٽي پهرين کان وڌيڪ مظبوط منظر آهي مخالف شوشل ميڊيا جي ذريعي عوام کي ورغلائي نٿا سگهن ايندڙوزيراعظم بلاول ڀٽو زرداري ٿيندو مخالف چون ٿا ته پيپلزپارٽي وارا فارم 47 ذريعي ڪٽي آيا آهن پر ائين هرگز ناهي هر اميدوار کي عوام چونڊيو آهي ۽ اهي عوام جي طاقت سان ئي سنڌ اسيمبلي ۽ قومي اسيمبلي تائين پهتا آهن سنڌ اندر جي ڊي اي جهڙا اتحاد سدائين نهيا پر انهن جو مثال لهندڙ سج وانگي آهي جيڪو تاقيامت تائين نه اڀري سگهندو ان موقعي تي چاڪر خان ملوڪاڻي، نواب خان ٻهبن، سڪندر ڪتهوڙ، راڻاانور راجپوت،خليفو صوبو خاصيخلي، نواب ڀٽو خان لنڊ ۽ ٻيا پ پ اڳواڻ پڻ موجود هئا

بقايا 25

طور ريلي ڪڍي پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جتي هنن هٿن ۾ بئنر ۽ تنظيمي جهنڊا کڻي سخت نعريبازي پڻ ڪئي. ان موقعي تي پي پي پي شهيد ڀٽو سٽي لاڙڪاڻي جي چيف آرگنائيزر سيد رستم شاهه، عبدالستار جاگيراڻي، مهراب علي ڀٽو، لياقت علي عمراڻي، شاهنواز ٿهيم، صدام حسين جاگيراڻي ۽ ٻين چيو ته لاڙڪاڻي شهر سميت آس پاس جي علائقن ۾ بدامني انتهائي وڌي وئي آهي، جتي ڪو به ماڻهو محفوظ ناهي، جڏهن ته خاص طور تي اقليتي برادري کي ٽارگيٽ ڪري قتل ۽ اغوا ڪيو ٿو وڃي، جنهن ۾ نئون ديرو شهر ۾ سنتوش ڪمار کي قتل ڪيو ويو ۽ لاڙڪاڻي شهر اندر ٻن هندو واپارين سنجي ڪمار ۽ رونق آهوجہ کي سرعام گولين هڻي مرٽيگ ڪيو ويو آهي. هنن وڌيڪ چيو ته سکر جي سنگرار شهر مان معصوم نيائي پريہ ڪماري کي اغوا ڪيو ويو آهي، جنهن جوهن وقت تائين ڪو ڏس پتو ناهي پئجي سگهيو جڏهن ته سنڌ جي مختلف شهرن ۾ هندو برادري جي ماڻهن کي ٽارگيٽ ڪيو پيو وڃي، پر افسوس جو انتظاميہ توڙي پوليس مڪمل طور تي خاموشي اختيار ڪري ويٺي آهي، جنهن لاءِ اڄ هندو برادري جا ماڻهو سنڌ ڇڏڻ تي مجبور ٿي ويا آهن. اهڙي عمل خلاف پ پ پ شهيد ڀٽوجي پليٽ فارم تان هي احتجاج ڪيو ويو آهي ۽ هندو برادري جي ماڻهن کي ٻڌائڻ ٿا چاهيون ته اسين سنڌن سان هر موڙ تي گڏ آهيون.

بقايا 26

ورسي ملهائي وئي. ورسي تقريب ۾ سيد غوث علي شاهه جي دوستن ۽ پ پ ڪارڪنن شرڪت ڪئي. مرحوم پ پ اڳواڻ سيد غوث علي شاهه جي ايثال ثواب لاءِ قران خواني پڻ ڪئي وئي. ورسي تقريب بعد سيد غوث علي شاهه جي وڏي پٽ ۽ پ پ اڳواڻ سيد سعيد حيدر شاهه چيو ته سيد غوث علي شاهه پ پ جو انتهائي مخلص ۽ ارڏو اڳواڻ هو هن شهيد سنڌ راڻي محترمہ بينظير ڀٽو سان هر موڙ تي وفاداري جو ثبوت ڏنو. جنهن کري محترمہ بينظير ڀٽو کيس پنهنجو ڀاءُ سڏيندي هئي. هن چيو ته سيد غوث علي شاهه ڪراچي جي ڪورنگي واري صوبائي تڪ پي ايس 125 تان 2 ڀيرا پارٽي ٽڪيٽ تي اليڪشن وڙهي ۾ ڪراچي جي مخصوص تنظيم جي سرڪاري سرپرستي ۾ ٿيل ڌانڌلي سبب هارائي ويو. سيد غوث علي شاهه پاران زبردست اليڪشن مهم هلائڻ ۽ پارٽي سان حد کان وڌيڪ سچائي سبب سيد غوث علي شاهه ڪارڪنن جي دلين تي ڇانئجي ويو هو.

بقايا 27

ڪندي چيو آهي ته آڪاش انصاري پنهنجي رومانوي شاعري ۽ مخصوص اندازِ بيان وسيلي سنڌ جي نوجوان نسل متاثر ڪيو. تعليم وارو وزير سيد سردار علي شاهه پنهنجي پيغام ۾ ڊاڪٽر آڪاش انصاري کي دل گهريو دوست ڪوٺيندي چيو آهي ته ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي وڇوڙي جو خال ڪڏهن به نه ڀرجي سگهندو ڊاڪٽر آڪاش انصاري بهترين انسان سان گڏ هڪ بهترين شاعر به هو

بقايا 28

نصيرآباد پاران سائنسي پروجيڪٽ نمائش تقريب منعقد ڪئي وئي جنهن ۾ نرسري کان پنجين جي شاگردن جي طرفان جديد ۽ تخليقي منصوبن جي نمائش ڪئي وئي، جديد پراجيڪٽ، مختلف طبقن جي شاگردن پنهنجا جديد سائنسي پروجيڪٽ ڏيکاريا ۽ لڳ ڀڳ 15 کان مٿي پروجيڪٽ پيش ڪيا ويا، پروگرام جو مقصد ٻارڙن ۾ موجود سائنسي ۽ فني تخليقن جو اظهار ڪرڻ شامل هو پروگرام ۾ ٻارڙن تمام گهڻي دلچسپي جو اظهار ڪيو ۽ ڪوڙ سارو تخليقي مواد پڻ تيار ڪيو. آيل استادن ۽ مهمانن ڳالهائيندي چيو ته اڄ جيڪا تقريب روشني سائنس اسڪول نصيرآباد جي طرفان منعقد ڪئي وئي ان تقريب ۾ نرسري کان پنجين جي شاگردن سائنسي پروجيڪٽ نمائش ۾ پاڻ مڃايو آهي هي روشني سائنس اسڪول نصيرآباد جي طرفان پيون پيرو سائنسي پروجيڪٽ نمائش پروگرام منعقد ڪيو ويو آهي ۽ اسين ٻارڙن مان متفق آهيون ٻارڙن تمام سٺي محنت ڪئي آهي، ۽ اڳتي به اهڙا پروگرام ۽ سائنسي پروجيڪٽ نمائش، سائنسي ميلا لڳايا وڃن. جنهن ايندڙ نسل جي سائنسدانن. مفڪرن ۽ ٻين جي حوصلا افزائي ٿي سگهي. ان موقعي تي منعقد ٿيل سائنسي پروجيڪٽ نمائش جو ڊاريڪٽر عبيدالله سانگهرو، سان گڏ استادن جبار شيخ، غلام پرور سومرو، سيف ڏيس، سعيد احمد ڪوري، خدمت علي چانڊيو، شهري اتحاد جي جنرل سيڪريٽري عنايت ٿنيو ۽ ٻيا موجود هئا.

بقايا 29

لاکو واسي شهر پرسان انڊس هاءِ وي روڊ ڪيڏڪر پل تان ڪري بيهوش ٿي پيو جنهن کي علائقي واسين ڳنڀير جوڳي حالت ۾ کڻائي ٽراما سينٽر منتقل ڪيو ڪيو ڪتي ڊاڪٽرن سنڌس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي. ان موقعي تي فوتي جي وارثن ٻڌايو ته اياز لاکو ٽيڪنيڪل ڪاليج ۾ استاد هو جيڪو موٽرسائيڪل تي درگاهه تي ويل هو ته ڪيڏڪر پل تان ڪري فوت ٿيو آهي.

بقايا 30

پاران ڳوٺ سومر ڦلپوٽو محمد لائق ڦلپوٽو جي سهڪار سان مچ ڪچهري جي تقريب منعقد ڪئي وئي هن تقريب جي صدارت سنڌ جي ناليواري سگهڙ شاعر ءَجي ڇهن ڪتابن جي خالق محبوب علي محبوب ڏيهر جن ڪئي جڏهن ته مهمان خاص سنڌ يونيورسٽي ڄامشورو جي سنڌي ادبي سنگت جي متحرڪ عهديدار شاهه ميول سولنگي جي هيا جڏهن ته شاعرن اقبال ڳاڏهي شريف سومرو ميول سولنگي امتياز نادر ڦلپوٽو اداس عالم ڦلپوٽو محمد اسماعيل سيال شاعر سگهڙ محبوب علي محبوب ڏيهر جن پنهنجي شاعري ٻڌائي ڳوٺائن کان وڏو داد وٺرجهڻ ڪئي سنڌ جي سريلي فنڪارن ساجد علي خاصخيلي،غريب اياز لاشاري قومي گيت ٻڌائي محفل کي جهوماٽي ڇڏيو

بقايا 31

وسي جي رهواسين هٿڙي پوليس جي ناانصافين خلاف ڪلهه حيدرآباد پريس ڪلب سامهون احتجاجي مظاهرو ڪري سخت نعريبازي ڪئي. احتجاجي مظاهري ۾ عورتن ۽ ٻارڙن شرڪت ڪئي. ان موقعي تي واڻن خدابخش لغاري، جسقم آريسر جي اڳواڻ شبير لغاري، سنڌ سڄاڳي فورم جي اڳواڻ اعزاز لغاري، فهد لغاري، حسين بخش لغاري ۽ ٻين چيو ته رات دير سان هٿڙي ٿاڻي جي پوليس اٿالن سان اچي چوديواري جو تقدس پامال ڪندي گهرن ۾ گهڙي عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد ڪيو ۽ بيگناهه نوجوانن تجمل حسين، مشڪور لغاري، عاجز لغاري، نادر لغاري ۽ عامر لغاري کي ڪنهي گر ڪري بعد ۾ پوليس ڪوڙو پوليس مقابلو ڏيکاري ڪيس داخل ڪيو آهي. جيڪا سراسر ناانصافي آهي هنن چيو ته هٿڙي پوليس لڳاتار مختلف وقتن تي ڳوٺاڻن کي تنگ ڪندي رهي آهي جڏهن ته علائقي ۾ منشيات فروشن کلي عام منشيات وڪرو ڪن ٿا انهن خلاف ڪابه ڪاروائي نٿي ڪئي وڃي. هن مطالبو ڪيو ته سنڌن نوجوانن کي آزاد ڪيو وڃي ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 32

سيڪريٽري جنرل نور چاڪيراڻي جوائنٽ سيڪريٽري احساس ميرل عورت جوائنٽ سيڪريٽري خالده منير آبيتراياز لطيف ڏاڀي شاخ سکر جي سيڪريٽري مجيد نواز مغل ارشاد پيرزادي ۽ ٻين پنهنجي گڏيل بيان ۾ سنگت جي اڳوڻي سيڪريٽري جنرل ،سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي ناليواري ليجنڊ ليکڪ، اديب ۽ شاعر خاص طور سنڌي ٻاراڻي ادب جي جهول ۾ پنهنجي حصي جا خوبصورت گل ٽاڪيندڙ هردلعزيز شخصيت ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي ابدي وڇوڙي تي بيحد افسوس جو اظهار ڪندي چيو آهي ته ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جو وڇوڙو سنڌي ٻولي، ادب ۽ ڌرتيءَ جي لاءِ ناقابل تلافي نقصان آهي، سنڌس ڪيل ڪم کي صدين تائين ياد رکيو ويندو. سنڌي ادبي سنگت سنڌ پاران ڊاڪٽر صاحب جي چوڏهين تي ڏينهن سوڳ جو اعلان ڪيو ويو آهي، سموري سنڌ ۾ سنگت جون شاخون تعزيتي ميڙاڪا ڪري ڊاڪٽر صاحب کي ڀيٽا پيش ڪنديون.

بقايا 33

جو سينئر ورڪر محمد شريف مڪراڻي گذريل ڏينهن اوچتو وفات ڪري ويو جنهن جي جنازي نماز شهر جي سر شاهنواز ڀٽو پارڪ وٽ ادا ڪئي وئي، سنڌس نماز جنازا ۾ پي پي پي جي اڳواڻن، ورڪرن سميت مختلف مڪتبہ فڪر سان تعلق رکندڙ ماڻهن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي. جڏهن بعد مرحوم جو مڙهه مقامي قبرستان اکين سان مينڻ شاهه قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويو ۽ سنڌس تڏو مڪراڻي پاڙي واري رهائشگاهه تي وڇايو ويو آهي. جتي سنڌس پونئرن سان تعزيت جو سلسلو هلندڙ آهي.

بقايا 34

اهو زندگي ۽ موت جو مسئلو آهي جنهن لاءِ هر شخص کي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. اها ڳالهه معروف قانوندان محمد اشرف سمون ايڊووڪيٽ سپريم ڪورٽ ميمبر سنڌ بار ڪائونسل صحافين سان ڳالهائيندي ڪئي. هن چيو ته ان جدوجهد ۾ سنڌ جي وڪيلن ۽ بار ايسوسيئيشن کي ڀرپور ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ۽ 6 ڪئنالن کي رد ڪرڻ لاءِ عملي طرح ميدان تي نڪرڻو پوندو. ايڊووڪيٽ محمد اشرف سمون چيو ته ٻئي طرف سنڌ حڪومت وفاق سان گڏجي سنڌ جون زمينون ڪارپوريٽ سيڪٽر کي ڏنيون پيون وڃن جيڪو سنڌ واسين سان سراسر ظلم آهي، اشرف سمون چيو ته صرف عمرڪوٽ جي ٿر ۾ واسين جون تقريبن 2لک ايڪڙ زمين ڪارپوريٽ سيڪٽر کي ڏنيون پيون وڃن جيڪو تر واسين جو حق آهي ۽ اهو صدين کان انهن زمينن جي حفاظت ڪري سک ۽ ڏک ۾ صدين کان آباد آهن پر هينئر سنڌ حڪومت انهن تر واسين سنڌ جي ٻين ضلعن ۽ مقامي ماڻهن کي نظرانداز ڪري غير مقامي سرمائيدارن کي سنڌ وڪرو ڪري ڏني پئي وڃي جنهن جي هر سنڌ واسي کي پنهنجي حصي جو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو ۽ هينئر عدالتن کي حڪومت جي تابع ڪيو ويو آهي ۽ سياسي طرح عدالتن جي آزادي ختم ڪئي وئي آهي جنهن لاءِ عدالتون حڪومت خلاف فيصلا ڏيڻ جي پوزيشن ۾ نه آهن انهيءَ لاءِ اسان سڀني کي اهي فيصلا روڊن تي ڪرڻا پوندا ۽ حق سچ لاءِ ٻاهر نڪرڻو پوندو ان لاءِ منهنجي سڄي سنڌ ۽ پاڪستان جي وڪيل برادري کي گذارش ٿو ڪيان ته هو ان سلسلي ۾ سنڌ واسين سان ٿيندڙ هن ظلم خلاف پنهنجو ڪردار ادا ڪن ۽ هر شخص کي پنهنجو ايندڙ نسل بچائڻ لاءِ هر طرح جي ڊي اي ۽ ٻين سنڌ واسين جو ساٿ ڏيڻو پوندو ۽ پنهنجو ڪردار ادا ڪري پنهنجي ايندڙ نسل کي بچائڻ لاءِ حق ۽ سچ جي ڳالهه ڪرڻي پوندي ٻي صورت ۾ ايندڙ نسل ۽ تاريخ اسان کي معاف نه ڪندي. ايڊووڪيٽ محمد اشرف سمون وڌيڪ چيو ته پيڪا ايڪٽ سان ڪرپٽ ماڻهن ۽ ڏوهارين کي فائدو رسندو ۽ عام شهرين کي حق ۽ سچ ڳالهائڻ لاءِ لکڻ کان روڪيو ويو آهي جيڪو سراسر عوامي مفاد جي خلاف آهي انهي لاءِ وڪيل برادري کي پڻ آواز بلند ڪندي ۽ اسين صحافين سان گڏ آهن

بقايا 35

عبدالخبير خاڪسار جي صدارت ۾ ٿي گذريو ، جنهن ۾ وڏي انگ ۾ عهديدارن پڻ ڪئي ، اجلاس ۾ يونٽ جي امير مولانا عبدالخبير خاڪسار ڪونائيل اجلاس کي خطاب ڪندي چيو ته سکر مسئلن جي روڄهيل آهي عوام کي بنيادي سهولتون نڪيون ملن سول اسپتال سکر ڪوس گهر بڻيل آهي سالن ايم آر آئي مشين توڙي سٽي اسڪين مشين خراب پيل آهي ، مريض جو بهتر علاج نه ڪيو پيو وڃي مريضن کي ٽيسٽون پرائيويٽ اسپتالن مان ٿا ڪرائين ، سول اسپتال ۾ بجلي ۽ پاڻي جو بحران لڳو پيو آهي ، ڪروڙين روپين جي بجٽ جي باوجود اسپتال ۾ ڪو سڌارو نه پيو اچي، هنن وڌيڪ چيو ته سکر جا شهري بدبودار پاڻي پيئڻ تي مجبور آهن. جنهن جي 75سالن صاف پاڻي نئون ملي ، هنن چيو ته شهرين کي بنيادي سهولتون فراهم ڪيون وڃن ، نه ته احتجاجي تحريڪ هلائينداسين. ان موقعي تي مفتي محب الله ، قاري گل حسن، مولانا محمد دين بگرائي ، محمد اسماعيل انيڙ محمد ابراهيم سجادالا عبد الغفار چنا سميت ٻين اڳواڻن اجلاس ۾ شرڪت ڪئي.

بقايا 36

سنڌو درياهه مان ڇهه ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جون زمينون نيلام ڪرڻ خلاف مٽياري پريس ڪلب آڏو احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهري جي اڳواڻي جسقم بشير خان ضلعي مٽياري جي اڳواڻ عابد شاهاڻي، لقمان ڪوسو، عبدالشڪور جمالي، غفور ڪوسو مير دوست ڪوسو جواد شيخ، شان علي خاصخيلي ۽ ٻين ڪئي، ان موقعي تي مظاهرين چيو ته سنڌو درياهه مان ڪئنال ڪڍڻ سنڌ سڪائڻ جي سازش آهي. سنڌو درياهه سان اڳ ئي ناانصافي ٿي رهي آهي. سنڌ پهريان ئي پاڻي جي گهٽتائي کي منهن ڏئي رهي آهي. هن چيو ته پاڻي جي ڪٽوتي نه ڪندا. سنڌو مان ڪئنال ڪڍڻ وارو فيصلو واپس وٺي ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي تي سنڌ جون زمينون نيلام ڪرڻ بند ڪيون وڃن ٻي صورت ۾ احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو.

بقايا 37

ليکڪ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ۽ ليکڪ پرويز پيرزادي جي لاڏاڻي تي تعزيتي ريفرنس ٿي گذريو ريفرنس ۾ لاڏاڻو ڪري ويل قلمڪارن ڊاڪٽر آڪاش انصاري ،ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ،پرويز پيرزادي جي روح کي ايثال ثواب پهچائڻ لاءِ فاتحه خواني ۽ مغفرت لاءِ دعا گهري وئي ،ٻه منٽ جي خاموشي اختيار ڪئي وئي، تعزيتي ريفرنس کي خطاب ڪندي سينيئر شاعر ملزم سومرو، فدا ملڪ ،شاخ جي سيڪريٽري جي ايم لاڙڪ ،عامر علي جان ملڪ ،مسافر پتافي،عامر علي ارمان، نوبت ناز ڏهر، فراق لغاري ۽ زاهد علي ڀٽو ڳالهائيندي چيو ته ڊاڪٽر آڪاش انصاري، ،ڊاڪٽر ذوالفقار سيال ،پرويز پيرزادي جي ڪمهلي ۽ هڪ ئي هفتي لاڏاڻي جي خبر سنڌ ۽ سنڌي ادب لاءِ ڏک جي خبر آهي ،ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي الميائي موت جو جوڊيشل انڪوائري ڪرائي قتل پويان اصل قاتل ۽ محرڪ پڌرا ڪري قانون موجب سزا ڏني وڃي تعزيتي ريفرنس بعد سنڌي ٻوليءَ اختياري ۽ سنڌي ادبي سنگت مرڪز پاران سنڌي ٻوليءَ قومي ٻولي مهم جي سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ کي قومي ٻولي جو درجو ڏيو ،پبلڪ لائبريري کان جامع مسجد چوڪ تائين ريلي ڪڍي وئي ،ريلي ۾ سنڌي ٻوليءَ قومي ٻولي جا نعرا هنيا ويا ۽ ريلي کي خطاب ڪندي سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي جي سيڪريٽري جي ايم لاڙڪ ،محمد دين راڄڙ ، فدا ملڪ ،مسافر پتافي ،عامر جان ملڪ ،عامر علي ارمان سميجونوبت ناز ڏهر،فراق لغاري،زاهد علي ڀٽو ،ماجد ملڪ ڳالهائيندي چيو ته سنڌي ٻولي قديمي تهذيب جي حصو آهي ، سنڌي ٻوليءَ کي پاڙيسري ملڪ هندستان ۾ پڻ قومي ٻولي جو درجو مليل آهي سو پاڪستان ۾ پڻ سنڌي ٻوليءَ سميت سرائيڪي ،بلوچي ۽ پشتو کي قومي ٻولي جو درجو ڏنو وڃي

بقايا 01

سنڌ يونائيٽيڊ پارٽي اڳواڻ زين شاهه، مسلم ليگ فنڪشنل اڳواڻ صدرالدين شاهه راشدي، جي ڊي اي اڳواڻ لياقت جتوئي ۽ ٻيا ڪري رهيا هئا. قافلو دادو پهتو ته شاندار آجيان ڪئي وئي، دادو بعد قافلي جي ميهڙ ۽ خيرپور ناٿن شاهه واسين به شاندار آجيان ڪئي. جتي پيادل مارچ جلسي جي شڪل اختيار ڪري ويو جلسي کي خطاب ڪندي سيد زين شاهه , اياز لطيف پليجو،لياقت علي خان جتوئي،مسرور جتوئي،ڊاڪٽر صفدر عباسي،رياض چانڊيو،مير حيدر شاهه سيد لال شاهه حسنئن مرزا, جگديش آهوجا ۽ ٻين چيو ته سنڌ جي هارين ۽ آبادگارن کي زبردستي طاقت جي ذريعي دٻايو پيو وڃي سمنڊ سنڌ جي ڳوٺن، شهرن ۽ زمينن کي ڳڙڪائي رهيو آهي سنڌ پڇي رهي آهي ته اهي اسان کي ريگستان ڇو بڻائي رهيا آهن؟ پيپلز پارٽي اقتداري مفادن لاءِ وسيلا پاڻي ۽ 18 هين ترميم تان هٿ کڻي چڪي آهي.هنن چيو ته سنڌ جي هارين ۽ مزدورن کي ٻن ويلن جي ماني لاءِ محتاج بڻائي ڇڏيا آهن هيٺيون ۽ وچولو طبقو پٿرجي دور ۾ زندگي گذارڻ تي مجبور آهي. سياسي پارٽين جي مفادن جي جنگ ۾ پاڪستاني عوام نشانو بڻجي رهيو آهي سڄي سنڌ سڪي رهي آهي. ڪوبه حال پڇڻ وارو ناهي. سنڌن چوڻ هو ته واپڊا چيئرمين ٻڌائي ڇڏيو آهي ته پيپلز پارٽي 6 ڪينالز جي منظوري ڏني آهي حڪمرانن کي اهو سمجهه ۾ نٿو اچي ته هي وقت صوبن کي متحد ڪرڻ جو آهي نه ته ورهائڻ جو آهي ٻن ڏهاڪن کان وٺي سنڌ ۾ زراعت، گورننس ۽ روزگار جو سخت بحران آهي پاڪستان جي وفاق سان ۽ مستقبل سان ڪيڏو بند کيو وڃي.اڳواڻن چيو ته سنڌ جي عوام جي صبر جو پيمانو ختم ٿي رهيو آهي، دير نه ٿي وڃي بندرگاهه , گئس ۽ پيٽرول ڏيڻ واري سنڌ جو پاڻي نه کسيو.هنن چيو ته پاڻي لاءِ جدوجهد زندگي ۽ بقا جي جدوجهد آهي آصف علي زرداري, پيپلزپارٽيءَ پنجاب سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙو هڻي سنڌ کي رڻ پٽ ۽ بيابان ۾ تبديل ڪرڻ ۽ سنڌ جي عوام کي پاڻي لاءِ تڙپائي مارڻ چاهين ٿا وفاقي حڪومت ۽ ڪرپٽ سنڌ جا حڪمران سنڌ جي پاڻي تي ڌاڙا هڻائڻ ۾ سهولتڪار آهن. ڪوٽڙي بئراج کان هيٺ پاڻي نه ڇڏڻ ڪري سمنڊ ٺٽو سجاول ۽ بدين جي لکين ايڪڙ زمين ڳڙڪائي ويو آهي. ساحلي پٽي وارا ضلعا ٺٽو سجاول ۽ بدين وڌيڪ پڙپانگ ٿي ويا آهن ساحلي پٽي جا هزارين ماڻهو دربدر واري زندگي گذاري رهيا آهن خوشحال ماڻهو بدحال ٿي ويا. پيپلزپارٽي جا چونڊيل نمائندا ۽ سنڌ حڪومت خاموش آهي 6 ڪروڙ سنڌين جو جياپو سنڌو درياهه آهي وفاق فيصلو واپس نه ورتو ته ڪراچي ۾ عوامي سمنڊ پهچندو ۽ وفاق کي فيصلو واپس وٺڻو پوندو هنن چيو ته عوام جي ووٽ تي اقتدار جا مزا ماڻيندڙ سنڌو درياهه لاءِ ڇو نه ٿا نڪرن. هنن وٽ پاور آهي پر هو سنڌي ماڻهن جو پرچلو ٿيڻ نه ٿا چاهن. ڇو جو پ پ وارا سنڌو جو سودو ڪري چڪا آهن ۽ سنڌ کي ريگستان بڻائڻ چاهن ٿا. هنن چيو ته جيڪي سنڌ جا محافظ هجڻ گهرجن اهي ئي سنڌ جو پاڻي بند ڪرائي سنڌ کي سڪائڻ چاهن ٿا. هنن چيو ته سنڌو کي واپس ڪرڻ لاءِ اسان لکين سنڌي گڏجي واپس ڪرائي سگهون ٿا. هنن چيو ته گرين پاڪستان چند امير ماڻهن کي فائدو ڏيڻ لاءِ قائم ڪيو پيو وڃي جنهن سان غريب مسڪين سنڌي ماڻهن کي ڪوبه فائدو نه ملندو

بقايا 02

جو نارا ڪينال جو دورو صوبائي وزير منصوبابندي،ترقيات ۽ توانائي سيد ناصر شاهه نارا ڪينال جو دورو ڪيو جتي نارا ڪينال جي 2 ڪلوميٽر لائننگ جي ڪم جي مڪمل ٿيڻ بعد جائزو ورتو ان موقعي تي ايڪسين نارا ڪينال خرم پرويز بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته پروجيڪٽ تي شروعاتي طور 2 ارب 80 لک رپيا لاڳت جو اندازو لڳايو ويو هو پر ڊزائين ۾ تبديلي بعد لاڳت 5.4 بلين رپيا ٿي وئي نارا ڪينال جي گنجائش 13649 ڪيوسڪ مان وڌي 18000 ڪيوسڪ تائين پهچي ويندي ۽ لائننگ جي نتيجي ۾ 10 کان 12 سيڪڙو پاڻي جي رساوَ ۾ گهٽتائي ٿيندي پروجيڪٽ سان ٽيل وارن آبادگارن کي پاڻي جي دستيابي يقيني بڻجي سگهندي نارا ڪينال تي سنڌ جي معيشت جو دارومدار آهي هن چيو ته درياهه مان هن ڪينال کي صحيح طريقي سان انٽيڪ نه ملي رهي هئي جنهن سبب سکر بيئراج تي به دٻاءُ پئجي رهيو هو اهو اهم منصوبو هو جنهن سان ڪينال جي وهڪرن ۾ سڌارو ايندو هن چيو ته هي پروجيڪٽ رڳو هڪ مهيني جي مختصر عرصي ۾ مڪمل ڪيو ويو جنهن سان 10 کان 12 سيڪڙو پاڻي جي بچت ٿيندي هن چيو ته سنڌ ۾ نهرن جي لائننگ جا 185 منصوبا مڪمل ڪيا ويا آهن جن تي 82 ارب رپيا خرچ ڪيا ويا هن وقت به 99 منصوبا جاري آهن ۽ سنڌ ۾ ڪل 1710 ڪلوميٽر ڪينالن جي لائننگ ڪئي پئي وڃي، جنهن لاءِ 52 بلين رپيا مختص ڪيا ويا آهن هن وڌيڪ چيو ته هي صدر آصف علي زرداري جو ويزن آهي، جنهن جي خاص هدايت تي روهڙي ڪينال تي به ڪم ڪيو ويندو شروعاتي طور 25 ڪلوميٽر تي ڪم ڪيو ويندو. هن چيو ته ڪينالن جي ابتدائي پوائنٽ تي دٻاءُ گهٽ ٿيندو ۽ سکر بيئراج محفوظ رهندو هڪ سوال جي جواب ۾ سيد ناصر حسين شاهه چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي قيادت هميشه پاڻي جي ماملي تي واضع موقف اختيار ڪيو آهي وزيراعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه وزيراعظم کي خط لکيو آهي ۽ سي سي آءِ جو اجلاس ٿيڻ وارو آهي، جنهن لاءِ اسان مڪمل تياري ڪري چڪا آهيون هن چيو ته اسان جو واضع موقف آهي ته درياءُ سنڌ تي ڪنهن به ڪينال جي اجازت نه ڏني ويندي. ڪالاباغ ڊيم تي به اسان جو موقف واضح هو شهيد محترمه بينظير ڀٽو پاڻ ڪمون شهيد تي احتجاج جي اڳواڻي ڪئي هئي هن چيو ته جيڪڏهن پاڻي جي مسئلي تي ڪو انتشار پيدا ٿيو ته ملڪ کي نقصان ٿيندو هن وقت پاڪستان وڏي مشڪل سان صحيح رخ ۾ وڃي رهيو آهي ٻاهرين ڪمپنيون سيڙپڪاري لاءِ پاڪستان اچي رهيون آهن جنهن سان نوڪريون پيدا ٿينديون ۽ شين جي اگهن ۾ گهٽتائي ايندي هڪ ٻي سوال جي جواب ۾ صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته اين ايڇ اي جو نالو "پي ايڇ اي" (پنجاب هاءِ وي)رکڻ گهرجي ڇو ته ٻين صوبن ۾ اين ايڇ اي صوبائي روڊ ناهي ڏنيون آهن پر سنڌ ۾ ڪا به ترقياتي سرگرمي نه ٿي آهي هن چيو ته دنيا ۾ موٽرويز جو آغاز پورٽ سٽي کان ڪيو ويندو آهي پر اسان وٽ ان جي ابتڙ آهي هن ٻڌايو ته تازو چائنا جي دوري دوران وزيراعليٰ سنڌ ايم 6 موٽروي جو معاملو اٿاريو ۽ اميد آهي ته ان تي اڳڀرائي ٿيندي هن چيو ته وفاقي حڪومت وٽ وڏو ترقياتي بجيٽ آهي پر اهو تاثر غلط آهي ته 18هين ترميم بعد وفاق وٽ ڪجهه به نه رهيو آهي 2013 کان پوءِ جي هر وفاقي حڪومت سنڌ کي نظرانداز ڪيو وفاقي بجيٽ ۾ سنڌ لاءِ صرف 3 کان 4 سيڪڙو ترقياتي بجيٽ رکيو ويو جيڪو وڏي ناانصافي آهي

بقايا 03

ڪيو پوليس جو چوڻ آهي ته ڀهريان سندس ڊرائيور قتل جو اعتراف ڪرڻ ڪانپوءِ سندس پٽ وشال انصاري به قتل جو اعتراف ڪري ورتو. پوليس جو چوڻ آهي ته اسان وشال انصاري جي ٻن دوستن کي به گرفتار ڪيو آهي، هوڏانهن شاعر آڪاش انصاري جي قتل تي پونيئرن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي، اطلاعات کاتي جو سيڪريٽري نديم الرحمان ۽ ايس ٽي پي جي سربراهه ڊاڪٽر قادر مگسي بدين ۾ ڊاڪٽر آڪاش جي تڏي تي پهچي سندس پونيئرن سان تعزيت جو اظهار ڪيو ان موقعي تي ڊاڪٽر قادر مگسي چيو ته ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي وڇوڙي سان سنڌ هڪ انقلابي شاعر ۽ سياسي اڳواڻ کان محروم ٿي وئي آهي ڊاڪٽر آڪاش انصاري سنڌ جو بيباڪ شاعر ۽ اڳواڻ هو جنهن پنهنجي شاعري جي ذريعي سنڌ جي ماروئڙن جي ڏکن تڪليفن کي نروار ڪيو جڏهن ته پي پي اڳواڻ اڳوڻي سينيٽر سسئي پليجو پڻ بدين پهچي ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي وفات تي سندس پونيئرن سان تعزيت ڪئي هن چيو ته ڊاڪٽر آڪاش انصاري پورهيتن مسڪين ماروئڙن جو ترجمان شاعر هو هن سڄي زندگي سنڌي ماڻهن جي ڏکن کي پنهنجي شاعري جي ذريعي اجاگر ڪيو سندس شاعري تاريخ جو هڪ نه وسرندڙ باب طور ياد رکي ويندي هن چيو ته سندس قتل تي سنڌ ۾ هر اک آلي آهي انتظاميا کي گهرجي ته هو سندس قتل جي اعليٰ" سطحي جانچ ڪري سندس قاتلن کي ڪيفر ڪردار تي رسائين. تعزيت ڪندڙن ۾ اڳوڻو ڊي سي سبحان ميمڻ ايم پي تاج محمد ملاح لطيف راهو ڊاڪٽر سجاد چانڊيو سينئر صحافي ابراهيم ڪنير رجب فقير بخت جمال حافظ نظاماڻي صحبت برڙو حڪيم زنگيجو بادل راهي الهڏنو جوڻيجو سنڌي ادبي سنگت شاخ بدين جو جنرل سيڪريٽري امر انصاري عبدالمجيد ملاح امر سومرو ۽ ٻيا شامل هئا

بقايا 04

سکر ارسلان اسلام شيخ ڪراچي ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي چيو آهي ته سکر سنڌ جو ٽيون وڏو شهر آهي، سوا مهيني کان سکر ۽ ٻين شهرن ۾ اوندهه ۾ ٻڏل آهن. وزيراعظم کي درخواست آهي ته هو نوٽيس وٺي، پيپلز پارٽي عوام سان زيادتين ۾ چپ نٿي رهي سگهي، ٿر جو دورو ڪريو ته توهان کي اندازو ٿيندو ته پيپلز پارٽي سڀ کان سستي بجلي پيدا ڪرڻ وڃي رهي آهي. چئرمين پيپلز پارٽي بلاول ڀٽو زرداري جي چوڻ تي ماڻهن کي مفت بجلي پڻ فراهم ڪئي پئي وڃي. سنڌ حڪومت FIA کي خط لکيو آهي سنڌ جي مختلف شهرن ۾ اسان سولر لائٽس لڳايون آهن. هن چيو ته وفاق پاڪستان تي رحم ڪري. اسي لک نوي هزار بوگس يونٽس چارج ڪيا پيا وڃن جڏهن ته گئس جو مسئلو سنڌ ۾ وڌي رهيو آهي ۽ پاڪستان جي آئين جي آرٽيڪل 158 مطابق گئس جتان پيدا ٿئي ٿي، ڀهريان اتي جي گهرج پوري ڪئي ويندي آهي. اسان جا ٻار صبح جو ناشتو ڪرڻ کان سواءِ اسڪولن ۾ وڃن ٿا. ترجمان ۽ ميئر سکر بيئرسٽر ارسلان اسلام شيخ وڌيڪ چيو ته شب برات ۾ به ٽن ڏينهن تائين سکر جي شهرين کي بجلي نه ڏني وئي هئي، اسان وفاق کي سپورٽ ڪريون ٿا پر ان جو مطلب اهو ناهي ته اسان خاموش رهنداسين. سنڌ حڪومت کي وفاقي حڪومت سان ڪيترائي اختلاف آهن. پوري پاڪستان قوم معيشيت سبب پريشان آهي، بجلي جي بلن تي خودڪشيون ٿي رهيون آهن. سکر ۾ سيپڪو ۽ حيدرآباد ۾ حيسڪو ۽ ڪراچي ۾ ڪي اليڪٽرڪ آهن. سيپڪو ۾ ڏهه ضلعا اچن ٿا، 65 کان وڌيڪ شهر اچن ٿا. سيپڪو حيسڪو ۽ ڪي اليڪٽرڪ بجلي چور آهن. اهي عوام جي رت چوسن پيا . عوام تي بار وڌايو پيو وڃي، هن چيو ته اسان جا مطالبا 48 ڪلاڪن ۾ پورا ڪيا وڃن. سيپڪو جي هڪ ضلعي ۾ 25 ڪروڙ روپين جي ڪرپشن ٿي رهي آهي، 35 ارب روپين جي ڪرپشن سيپڪو ۾ ٿي آهي، ماڻهن کي مهانگي بجلي ڏني پئي وڃي، ڪي اليڪٽرڪ فائدو پهچائڻ بدران ايڪسٽرا فيول چارجز لڳايا آهن. هن چيو ته سنڌ ۾ هڪ افسوسناڪ حادثو پيش آيو، سيوهڻ ۾ حادثي جو بنيادي سبب تباهه حال روڊ آهي، حادثا روزانو جي بنيادن تي ٿي رهيا آهن. هن وڌيڪ چيو ته وفاق سنڌ کي نقشي کان ڌار ڪيو آهي، اسان وفاق کي سنڌ جي وسيع تر مفاد ۾ سپورٽ ڪيو ۽ سنڌ هميشه قربانيون ڏني رهي آهي. سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته وزيراعظم کي اپيل آهي ته ٻين صوبن تي به نظر رکي وڃي، اسان جي دعا آهي چاچو ڀائيٽي جي جوڙي سلامت رهي. هن چيو ته عوام اسان کان پڇندي آهي ته سنڌ جو موٽروي سنڌ حڪومت ڇو نٿو بڻائي، وفاقي حڪومت سڄي پاڪستان ۾ موٽروي قائم ڪري ڇڏي آهي، حيدرآباد يا سکر جي ڳالهه اچي ٿي ته موٽروي منصوبا دير جو شڪار ٿي وڃن ٿا. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي شاهراهه ۾ پيپلز پارٽي مثالي ڪم ڪيو بيئرسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته اسان جون آئيني ضرورتون پوريون ڪيون وڃن. وزيراعظم کي رياست لاءِ والد جو ڪردار ادا ڪرڻ گهرجي. هن چيو ته سي سي آءِ مفادات ڪائونسل جو اجلاس گهرائي، آئين مطابق هي اجلاس هر نوي ڏينهن کان پوءِ ٿيڻ گهرجي، وفاقي حڪومت آئيني تقاضن کي پورو ڪري، پيپلز پارٽي ملڪ جي مفاد ۾ هميشه وفاقي حڪومت کي سپورٽ ڪيو آهي. هن وڌيڪ چيو ته پيڪا ايڪٽ لاڳو ٿيڻ سان پيپلز پارٽي پنهنجو آواز نه روڪيندي، پيپلز پارٽي هميشه عوام جي مسئلن تي آواز اٿاريو آهي ۽ اڳتي به اٿاريندي رهندي. پيپلز پارٽي ڪوڙن کان نه ڊڄي پيڪا ايڪٽ کان ڇو ڊڄندي. سنڌ سرڪار جي ترجمان ۽ ميئر سکر بئرسٽر ارسلان اسلام شيخ چيو ته سنڌ حڪومت وفاق تي دٻاءُ وجهڻ جي بدران آئين تحت عوام لاءِ حقن جو مطالبو ڪري رهي آهي، پيپلز پارٽي آئين جي حفاظت لاءِ آئين تحت عهدا قبول ڪيا ۽ پيپلز پارٽي زرعي ٽيڪس خلاف آهي ۽ پيڪا ايڪٽ جي ڪافي شقن خلاف آهي.

بقايا 05

پيپلز پارٽي جي اڳواڻ منظور وسان صحافين سان ڳالهيون ڪندي چيو ته مون اڳ ئي چيو هو ته 2025 ۾ پاڪستان تحريڪ انصاف پي ٽي آءِ ۾ اختلاف وڌي ويندا. هينئر کان ئي هنن جا اڳواڻ هڪ ٻئي کي ڇڏي هٽي رهيا آهن. هن چيو ته پي ٽي آءِ باني عمران خان جي آزادي جا امڪان نه هوندا ته هي پاڻ ۾ وڙهندا. هي انٽرنيشنل طاقتن جو انتظار ڪري رهيا هئا پر انهن طرفان ڪوبه ريسپانس نه پيو اچي. منظور وسان چيو ته ذوالفقار علي ڀٽو جي شهادت کان پوءِ اسان جي پارٽي کي به ٽوڙڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي پي ٽي آءِ ۾ شامل ٿيندڙ اوچتو آيا ۽ اوچتو واپس هليا ويندا. جڏهن ته عمران خان کان تمام گهڻيون غلطيون ٿيون آهن هاڻ اهو وڌيڪ غلطيون نه ڪري ته بهتر آهي، هن چيو ته پيپلز پارٽي هميشه صحافين جي حقن جي ڳالهه ڪئي آهي، پيڪا ايڪٽ تي به ڳالهيون ٿيڻ گهرجن. ملڪ ترقي جي رستي تي گامزن آهي، فنڊز ملندا آهن ته اهي واپس به ڪندا آهيون.

بقايا 06

فرحان لاڙڪ، فياض اوٽيرو ۽ جي يو آءِ جي مقامي اڳواڻن سميت ٻين جي اڳواڻي هيٺ ڦر مزاحمت تي قتل ٿيل عارف اوٽيرو ۽ زاهد ميراڻي جي قاتلن جي گرفتاري ۽ ملير جي گهگهر گلشن حديد، شاهه ٽائون سميت ٻين علائقن ۾ بدامني چوٽ چڙهڻ خلاف امن امان جي بحالي لاءِ گهگهر جي حسيني چوڪ کان مين نيشنل هاءِ وي گهگهر تائين ريلي ڪڍي وئي، ريلي ۾ سوين شهرين انتظاميه خلاف ۽ عارف اوٽيرو ۽ زاهد ميراڻي جي قاتلن جي گرفتاري لاءِ نعريبازي پڻ ڪئي، ان موقعي تي اڳواڻن مظاهري کي خطاب ڪندي چيو ته اڍائي مهينا اڳ گلشن حديد بچت بازار ۾ قتل ٿيل زاهد ميراڻي ۽ سوا مهينو اڳ گهگهر ۾ ڦر مزاحمت تي قتل ٿيل عارف اوٽيرو جا قاتل اسٽيل ٽائون پوليس هن مهل تائين گرفتار ناهي ڪري سگهي ۽ ملير جي ڪيترن ئي علائقن ۾ ڦر مزاحمت تي نوجوانن کي قتل ڪيو وڃي ٿو ملير پوليس امن امان قائم ڪرڻ ۾ مڪمل طور تي ناڪام وئي آهي ۽ نه ئي ڪنهن واقعي جا جوابدار گرفتار ڪري سگهي آهي، هنن چيو ته اسان ان سموري صورتحال جو ذميوار پوليس کي سمجهون ٿا جيڪي پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جي بجاءِ ونگاري بڻيل آهي، هنن جو وڌيڪ چوڻ هو ته ايس ايس پي ملير ڪاشف آفتاب عباسي بار بار يقين ڏيارڻ جي باوجود به ڇاٽايل وارداتن ۾ ملوث جوابدار گرفتار ناهي ڪري سگهيو جيڪا پوليس جي نااهلي آهي جڏهن ته پوليس امن امان جي بحالي بجاءِ منشيات، جوا جا اڏا، گٽڪو مائو وغيره ڪندڙن کان ڀتو وصولي ۾ رڌل آهي. اڳواڻن جو وڌيڪ چوڻ هو ته اسان مجبور ٿي پرامن احتجاج ڪري رهيا آهيون، عارف اوٽيرو ۽ زاهد ميراڻي جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ ۽ شهرين جي جان و مال جو تحفظ يقيني نه بڻايو ويو ته ملير پوليس خلاف ملير بچايو امن ڪميٽي" جي پليٽ فارم تان امن امان جي بحالي ۽ قاتلن جي گرفتاري لاءِ سڄي سنڌ ۾ احتجاجي مظاهرا ڪيا ويندا.

بقايا 07

۾ جاري آپريشن نتيجو ڪارائتو نه نڪتو نه مغوي راجيش ڪمار ڪيسواڻي کي بازياب ٿئي گهر پهتو. مغوي جي گهر ۾ روح راڙو ڪهرام مَتل. اعليٰ اختيارين کان نوٽيس وٺڻ جو مطالبو. تفصيل موجب ڪشمور ڊيرا موڙ رائيس مل تان 4 مهينا اڳ ڌاڙيلن هٿان اغوا ٿيل مغوي راجيش ڪمار ڪيسواڻي کي ڪشمور پوليس ڏوهارين جي قيد مان آزاد نه ڪرائي سگهي. گذاريل چئن مهينن کان مغوي راجيش ڪمار ڪيسواڻي جي بازيابي لاءِ ڪچي واري علائقي ۾ جاري آپريشن ڪارائتو نه نڪتو مغوي جي گهر ۾ روح راڙو ڪهرام مَتل. مغوي جي بازيابي لاءِ سياسي سماجي سول سوسائٽيءَ جي اڳواڻن پاران احتجاجي مظاهرا ڌرڻا هڙتالون ڪري ريليون ڪڍيون ويون پر سنڌ سرڪار ۽ ايس ايس پي زبير نظير شيخ مغوي کي زنجيرن ۾ جڪڙيل مغوي راجيش ڪمار کي بازياب نه ڪرائي سگهي، چار مهينا گذارڻ جي باوجود اعليٰ اختيارين نوٽيس نه ورتو. مغوين جي وارثن جون بازيابي لاءِ مدد جي اپيل التجائون

بقايا 08

۾ فوت ٿي ويو جنهن جو ڪيس پوليس آفيسرن ۽ اهلڪارن جي خلاف داخل ڪيو ويو آهي. سڪرنڊ ۾ ڦرجي الزام ۾ گرفتار جوابدار پوليس جي حراست ۾ فوت ٿي ويو جنهن تي جيل کاتي سنڌ جي وزير علي حسن زرداري نوٽيس وٺي ڇڏيو گهرو وزير جي نوٽيس وٺڻ کان پوءِ سڪرنڊ ٿاڻي جي ايس ايڇ او، هيڊ محرر ۽ پوليس اهلڪار کي نامزد ڪيو ويو آهي جنهن کان پوءِ ڪيس به داخل ڪيو ويو آهي. پوليس اختيارين ٻڌايو آهي ته ڪيس ۾ ڊي ايس پي، ايس ايڇ او سڪرنڊ، هيڊ محرر سميت 3 پوليس اهلڪارن کي نامزد ڪيو ويو آهي. پوليس موجب ڪيس داخل ٿيڻ کان پوءِ ڊي ايس پي سڪرنڊ فرار ٿي ويو آهي جڏهن ته ايس ايڇ او، هيڊ محرر ۽ هڪ پوليس اهلڪار کي گرفتار ڪيو ويو آهي. ايف آءِ آر جي متن موجب جوابدار محمد نواز زرداري کي تشدد ڪري قتل ڪيو ويو آهي. جوابدار جي جسم تي استري سان ساڙڻ جا نشان ۽ ڏندن جي تشدد جا به نشان آهن. ايف آءِ آر فوتي جوابدار جي پاءُ جي مدعيت ۾ داخل ڪئي وئي.

بقايا 09

جو ملڪگير هاري ڪانفرنس منعقد ڪيو ويو سنڌ، پنجاب، ڪي پي ڪي ، بلوچستان ۽ سرائيڪي وسيب سميت سموري ملڪ جي هاري اڳواڻن ڇهه نون ڪئنالن ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن کي رد ڪري ڇڏيو نون ڪئنالن ۽ ڊيمن جو ڪم فوري طور روڪي سنڌوءَ جا تاريخي وهڪرا بحال ڪرڻ جو مطالبو ڪيو ويو. ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ ڇهه نون ڪئنالن خلاف عوامي تحريڪ جي سهڪار سان پاڪستان ڪسان رابطا ڪميٽي طرفان پٽ شاهه ۾ ملڪگير هاري ڪانفرنس دوران سموري ملڪ جي هارين سنڌو درياهه جي تحفظ لاءِ اڪثريت راءِ سان قراردادون منظور ڪري ورتيون. ملڪگير هاري ڪانفرنس گرين پاڪستان منصوبن کي هاري دشمن منصوبا قرار ڏئي رد ڪري ڇڏيو زرعي ٽيڪس بل زراعت تي حملو قرار ڏنو ويو ڪانفرنس کي خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته ملڪ کي آءِ ايم ايف جو غلام بڻايو ويو آهي، آءِ ايم ايف ۽ ٻين سامراجي ادارن جي فرمائش تي ميڊيا ۽ عدليا کي قيد ڪيو ويو آهي. 26هين آئيني ترميم ۽ پيڪا ايڪٽ ترميمي بل سامراجي مفادن جي تحفظ لاءِ پاس ڪيا ويا آهن. ارسا ايڪٽ ۾ ترميم ڪري سنڌو درياهه جو پاڻي سنڌين کان ڦري غيرملڪي ڪمپنين کي وڪرو ڪرڻ جي سازش ڪئي وئي آهي. هنن چيو ته گرين پاڪستان، زرعي انقلاب، اڙان پاڪستان جهڙن خوبصورت نعرن ذريعي هارين کي بي دخل ڪيو پيو وڃي، ملڪ وڪرو ڪيو پيو وڃي، ملڪ جون زمينون غيرملڪي ڪمپنين کي ڏئي ملڪي سالميت داءَ تي لڳائي وئي آهي. پيپلز پارٽي اٽي ۽ اڇي جو نعرو ڏئي سنڌي قوم کان ٽئين شيون ڦري ورتيون. هاڻي وري بلاول_شهباز اتحادي سرڪار گرين پاڪستان جو نعرو هڻي، سرسبز سنڌ کي ريگستان بڻائڻ چاهي ٿي. ڪانفرنس ۾ ڪارپوريٽ فارمنگ، چولستان رڻا ۽ گريٽر ٿل ڪئنال خلاف سخت نعريبازي ڪئي وئي، ڪانفرنس ۾ سنڌياڻي ثقافتي گروپ طرفان ٽيبلوز پيش ڪيا ويا. قومي فنڪارن گيتن ذريعي سنڌوءَ تي ڌاڙن خلاف آواز بلند ڪيو. ڪانفرنس جي شروعات حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي جي ڪلام سان ڪئي وئي، ڪانفرنس جي صدارت پاڪستان ڪسان رابطا ڪميٽي جي مرڪزي جنرل سيڪريٽري فاروق طارق ڪئي. جڏهن ته مهمان خاص سنڌي هاري تحريڪ جو مرڪزي صدر غلام مصطفيٰ چانڊيو هو.جڏهن ته عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري , عوامي ورڪرز پارٽي جي فيڊرل سيڪريٽري بخشل ٿلهو،حقوق خلق پارٽي جي جنرل سيڪريٽري عمار علي جان، سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر عمره سمون، وومين ڊيموڪريٽڪ فرنٽ جي اڳواڻ عاليه بخشل، عوامي تحريڪ جي مرڪزي سينيئر نائب صدر نور احمد ڪاتيار، مرڪزي جنرل سيڪريٽري ايڊووڪيٽ ساجد حسين مهيسر، انجمن مزارين پنجاب جي صدر مهر غلام عباس، سنڌ هاري پورهيت ڪميٽي جي صدر فيض ڪيريو ڪسان ڪرڪيه تنظيم مردان جي اڳواڻ گلزار خان، حقوق خلق پارٽي جي اڳواڻ رفعت مقصود، حسنين جميل فريدي، هاري جدوجهد ڪميٽي جي اڳواڻ علي ڪوسو عوامي ورڪرز پارٽي سنڌ جي سينيئر نائب صدر يونس راهو، سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڊاڪٽر دلدار لغاري، درياهه خان زئور، ايڊووڪيٽ اسماعيل خاصخيلي، لال جروار، عبدالقادر رانتو اديب پروفيسر مشتاق ميراڻي، سنڌي مزدور تحريڪ جي مرڪزي صدر حاجي خان سمون، سنڌي شاگرد تحريڪ جي مرڪزي صدر نويد عباس ڪلهوڙو، سنڌي گرلس اسٽوڊنٽ تحريڪ جي مرڪزي آرگنائزر ايڊووڪيٽ ڪونج لاشاري، پروگريسو اسٽوڊنٽ فيڊريشن جي صدر علي احمد جتوئي، سجاڳ ٻار تحريڪ جي مرڪزي صدر فاضل ڪوسو، مريم اتڙ، شمشاد لغاري، علي نواز ڏاهري، بلاول لاشاري ۽ ٻين اڳواڻن شرڪت ڪئي . پاڪستان ڪسان رابطا ڪميٽي جي سيڪريٽري فاروق طارق چيو ته پنجاب ۾ اسان ڪارپوريٽ فارمنگ جي خلاف ۽ سنڌ جي ماڻهن سان گڏجي پاڻي جي منصفانه ورڇ لاءِ وڙهي رهيا آهيون. اسان مطالبو ڪريون ٿا ته سنڌو درياءَ تي ڇهن نون ڪينالن جي تعمير کي فوري طور تي روڪيو وڃي. اسان مطالبو ڪريون ٿا ته ڪارپوريٽ فارمنگ کي ختم ڪيو وڃي ۽ زمينون بي زمين هارين ۽ آبادگارن ۾ ورهايون وڃن سنڌي هاري تحريڪ جي مرڪزي صدر غلام مصطفيٰ چانڊيو چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ جي هارين کي غلام بڻائي سنڌ درياهه وڪرو ڪري رهي آهي، پيپلز پارٽي جاگيرداري نظام کي مضبوط ڪري سنڌ کي اونداهي دور ۾ ڌڪي ڇڏيو آهي، پيپلز پارٽي جو اقتداري دور سنڌ جي تاريخ جو ڪارو دور آهي، پيپلز پارٽي آمرن ۽ جابرن کان وڌيڪ سنڌ جي ڦرلٽ ڪئي آهي، هن چيو ته پيپلز پارٽي جي مڙهيل جاگيرداري نظام جو خاتمو ڪري، سنڌو درياهه جو تحفظ ڪرڻ سنڌ جي هارين جو اولين فرض آهي ڪانفرنس کي خطاب ڪندي عوامي تحريڪ جي مرڪزي صدر ايڊووڪيٽ وسند ٿري چيو ته مريم نواز هڪ اداري جي سربراهه سان گڏجي چولستان ۾ گرين پاڪستان منصوبي جو افتتاح ڪري، سنڌ کي ريگستان بڻائڻ جي سازش کي عملي جامو پهرايو آهي، پيپلز پارٽي جي مجرماڻي ماٺ ٻڌائي ٿي ته پيپلز پارٽي صدارتي سيٽ عيوض سنڌو درياهه وڪرو ڪري ڇڏيو آهي. هن چيو ته چولستان ڪئنال ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبن کي پاڻي فراهم ڪرڻ لاءِ ناهيو پيو وڃي، هڪڙي پاسي چولستان جي زمينن تي قبضا ڪري، مقامي هارين کي بي دخل ڪيو پيو وڃي ته ٻي طرف سنڌ جو پاڻي چورائي، انهن قبضا ڪيل زمينن کي آباد ڪرڻ لاءِ چولستان ڪئنال ناهيو پيو وڃي. ڪارپوريٽ ڪمپنين کي سنڌو درياهه جو پاڻي وڪرو ڪرڻ لاءِ صدر زرداري ارسا ايڪٽ ۾ ترميم ڪئي آهي، صدر زرداري سنڌ جون زمينون ۽ وسيلا نيلام ڪرڻ لاءِ اقتدار تي ويهاريو ويو آهي، صدارتي سيٽ عيوض صدر زرداري سنڌ وڪرو ڪري رهيو آهي. هن چيو ته سموري ملڪ جي هارين جا اڪثر مسئلا ساڳيا آهن. هارين کي فصلن جو مناسب اگهه نٿو ملي. ڪارپوريٽ فارمنگ ذريعي سموري ملڪ ۾ هارين کي بي دخل ڪيو پيو وڃي، زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن. چولستان جيان سنڌ جي ڪاڇي، ٿر عمرڪوٽ سميت سنڌ جي چپي چپي تي قبضو ڪيو پيو وڃي، گولاڙچي ۾ ڪارپوريٽ فارمنگ لاءِ ڳوٺاڻن کي جبري طور لڏايو پيو وڃي عوامي ورڪرز پارٽي جي فيڊرل سيڪريٽري بخشل ٿلهو چيو ته سنڌو درياهه مان ڇهه ڪئنال ناهڻ ختم ڪريو. ڪارپوريٽ فارمنگ ختم ڪري زمينون بي زمين هارين کي ڏيو. ڪڻڪ ۽ ٻين زرعي جنسن تي رعايتي اگهه جو فيصلو ڪري لاڳو ڪريو هن وڌيڪ چيو ته پيڪا قانون ۽ ايس آئي ايف سي جهڙا ادارا ناهڻ بند ڪريو پٽ شاهه ۾ منعقد ڪيل ملڪگير هاري ڪانفرنس جون قراردادون هن ريت آهن زرعي انقلاب جي نالي ۾ سنڌين سميت بلوچن، سرائڪين، پنجابي عوام، پختونن، ڪشميرين ۽ گلگتين جي زمينن، وسيلن پاڻي، جبلن ۽ ڪچي تي قبضو ڪيو پيو وڃي. هي دنيا جو واحد زرعي انقلاب آهي جنهن ۾ نه هاري شامل آهن. نه آبادگار شامل آهن. نه وري ملڪي زرعي ماهر شامل آهن. هي زرعي انقلاب اهي پيا آڻين جن جو اصل ڪم ملڪي سرحدن جي حفاظت ڪرڻ آهي پر پاڪستان مٿان عالمي سامراجي طاقتن جي بالادستي جي سبب پاڪستان جي اسٽيبلشمينٽ سياست کان ويندي معيشت، ملڪ ۾ شامل قومن جي زمينن، قومي وسيلن ۽ ڪاروبار تائين هر شيءِ تي قبضو ڪري ويٺل آهي. ملڪ جو عوام سمجهي ٿو ته پيپلز پارٽي ۽ نوازليگ سرڪار غير جمهوري طاقتن سان گٺ جوڙ ڪري اسپيشل انويسٽمينٽ فيسليٽيشن ڪائونسل جوڙي ننڍن صوبن جي معدنيات، زمينن ۽ وسيلن تي زرعي انقلاب ۽ معاشي ترقي جي آڙ ۾ قبضن جو لائسنس ڏئي ڇڏيو آهي. پيپلز پارٽي سميت نواز ليگ جون سموريون اتحادي پارٽيون سنڌ سميت ٻين قومن جي زمينن ۽ وسيلن تي قبضي ۾ سهولتڪار آهن. هن ڪانفرنس ۾ شريڪ سموري ملڪ جا ترقي پسند، عوام دوست جمهوريت پسند سياسي اڳواڻ، اديب، شاعر، هاري ۽ آبادگار مطالبو ٿا ڪن ته ڪارپوريٽ زرعي فارمنگ ذريعي ملڪ جي 48 لک ايڪڙن کان به وڌيڪ زمين غير ملڪي سرمائيڪارن ۽ فوج سان لاڳاپيل ڪمپنين کي ڏيڻ بدران مقامي بي زمين هارين کي ڏني وڃي ۽ زرعي سڌارا آندا وڃن. وڏيون جاگيرون ۽ ڪيٽيون ختم ڪري زمينون مقامي هارين ۾ ورهايون وڃن. ايس آءِ ايف سي جهڙا سرمائيدارن کي ملڪ وڪڻڻ وارا منصوبا ختم ڪري. ڪارپوريٽ فارمنگ ۽ ڇهه نون ڪئنالن جهڙا ملڪ دشمن، سنڌ کي سڪائي رڻ پٽ ۽ بيابان ڪندڙ ۽ ماحول دشمن منصوبا فوري طور ختم ڪيا وڃن. چولستان رڻا ۽ گريٽر ٿل ڪئنال رڻا کي فوري طور ختم ڪيو وڃي، هي ڪانفرنس ڇهه نون ڪئنالن کي رد ڪري مطالبو ٿي ڪري ته سنڌو درياهه تي ڪو به ڊيم يا ڪئنال جوڙڻ بند ڪيو وڃي ۽ سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي ڏنو وڃي. سنڌ جي پاڻي تي گذريل ڏيڍ سئو سالن کان لڳندڙ ڌاڙن جو حساب ڏنو وڃي، ڌاڙن ۾ ملوث پنجاب جي حڪمران ٽولي کي واڪو ڪرڻ لاءِ بين الاقوامي پاڻي ۽ ماحولياتي ماهرن ۽ ساک رکندڙ اڻ ڌرين اڳواڻن تي مشتمل بين الاقوامي ٽربيونل جوڙي، پنجاب جي ڌاڙن سبب سنڌ کي ٿيل نقصان جو ازالو ڪيو وڃي. بحريا ٽائون، ڊي ايڇ اي سٽي، ڪمانڊر سٽي، ذوالفقار آباد ۽ ٻين رهائشي اسڪمن ذريعي سنڌ جي زمينن تي ڪيل قبضا فوري ختم ڪرايا وڃن. بحريا ٽائون جي قبضي ڪيل سموري زمين واپس وٺي بحريا ٽائون جي متاثر مقامي ماڻهن کي واپس ڪئي وڃي. بحريا ٽائون طرفان زمينن تي قبضن ۾ ملوث سمورن جوابدارن کي قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. ڪينجهر، ڪارونجهر، هاليجي ڍنڍ، ڪير ٽرنيشنل پارڪ، مومل جي ماڙي، گورک هل ۽ گنجي ٽڪر سميت سنڌ جي سمورن تاريخي ثقافتي ماڳن ۽ جبلن تي قبضا ڪرڻ بند ڪيا وڃن منڇر ڍنڍ کي تباهه ڪري آبي جيوت جي نسل ڪشي ڪندڙ جوابدارن جي جاچ لاءِ جاچ ڪميشن جوڙي جوابدارن کي سخت سزا ڏني وڃي ۽ منڇر جي بحاليءَ لاءِ هنگامي قدم کنيا وڃن. 2007ع ۾ گڏيل قومن جي جنرل اسيمبلي طرفان زمينن تي اصل رهواسين جي حق کي بنيادي انساني حق تسليم ڪري، انساني حقن جي پڌرنامي ۾ شامل ڪيو آهي، پر ملڪ جا حڪمران ڪارپوريٽ فارمنگ ذريعي زمينون مقامي ماڻهن کان ڦري بنيادي انساني حقن جي ڀڃڪڙي ڪري رهيا آهن. هي ڪانفرنس مطالبو ٿي ڪري ته سنڌ سميت سمورين قومن جي زمينن تي انهن قومن جو حق تسليم ڪيو وڃي ۽ زمينون ڪنهن به سرڪار نه پر قومن جي اجتماعي ملڪيت آهن تنهن ڪري ڪا به سرڪار ڪنهن به ڪمپنيءَ يا سرمائيڪاري کي زمين الاٽ نٿي ڪري سگهي. سرڪار زمين فقط اسڪولن ۽ اسپتالن جهڙن عوامي ڀلائي جهڙن ڪمن لاءِ استعمال ڪري سگهي ٿي. زرعي ٽيڪس مڙهي هارين ۽ آبادگارن کي معاشي طور تي ڪاپاري ڌڪ هنيو ويو آهي، زرعي ٽيڪس ملڪ جي هارين ۽ آبادگارن مٿان حملو آهي، زرعي ٽيڪس وارو فيصلو فوري طور واپس ورتو وڃي. ڪڻڪ، ڪمند، چانورن سميت سمورن فصلن ۽ ڀاڄين جا هارين ۽ آبادگارن کي مناسب اگهه ڏنا وڃن. ڪڻڪ خريداري بند ڪري پاسڪو کي ختم ڪرڻ واري فيصلي کي هي ڪانفرنس رد ڪري ٿي ۽ مطالبو ٿي ڪري ته ڪڻڪ سميت سمورن فصلن کي حڪومت طرفان خريد ڪري فصلن جا مناسب اگهه مقرر ڪرڻ جو ميڪينزم جوڙيو وڃي. ٻاڻ جي بليڪ تي وڪري ۽ جعلي دوائن جي وڪري جي مافيا کي بي نقاب ڪري قانون جي ڪٽهڙي ۾ آندو وڃي. ٻاڻ جي بليڪ مارڪيٽنگ ۾ ملوث سرڪاري عملدارن کي گرفتار ڪري عبرتناڪ سزا ڏني وڃي. ٻج، ٻاڻ ۽ زرعي دوائن سميت سرمائيدارن جون سموريون جنسون جيڪي هارين تائين پهچن ٿيون، انهن جا اگهه گهٽايا وڃن. سرمائيدارن جو بي لغام مافيا وارو ڪاروبار ختم ڪري، مناسب اگهه تي هارين تائين ٻاڻ سميت سمورين جنسن جي فراهمي يقيني بڻائي وڃي. آسان قسطن تي بنا وياج جي هارين ۽ آبادگارن کي زرعي قرض ڏنا وڃن ۽ جديد مشينري مهيا ڪئي وڃي. زراعت کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هر ممڪن قدم کنيا وڃن ۽ هارين ۽ هارياڻين کي ملازمت جي تحفظ سميت سمورا بنيادي انساني حق ڏنا وڃن. هي هاري ڪانفرنس مطالبو ٿي ڪري ته ارسا ايڪٽ ترميم ۽ پيڪا ايڪٽ جهڙا ڪارا قانون فوري طور تي ختم ڪيا وڃن. هارين کي قانوني آئيني ۽ انساني حق ۽ انصاف ڏيڻ لاءِ هاري ڪورٽون قائم ڪيون وڃن. ڪانفرنس ۾ مطالبو ٿو ڪجي ته جيئن ڪئنيڊا جي ڪيوبڪ صوبي ۾ ميگ پائي نديءَ کي 2021ع ۾ قانوني تشخص جو حق ڏئي، درياهه کي شروع کان آخر تائين وهڻ جو حق ڏنو ويو آهي. تيئن سنڌو درياهه کي هڪ جيئرو جاڳندو وجود تسليم ڪري پاڻي، دريائي پيٽ ۽ ڪنارن کي ان جو حصو قرار ڏنو وڃي. سنڌو درياهه ڪروڙين انسانن، جانورن، پکي پکڻ ۽ ڊيلٽا جي جياپي جو واحد وسيلو آهي. ان ڪري سنڌو درياهه کي قانوني حق ڏئي ان جي وهڪري سان هٿ چراند ڪرڻ، درياهه مان نوان ڪئنال ڪڍڻ ۽ ڊيم ناهي پاڻي جي وهڪري کي روڪڻ وارن سڀني منصوبن کي قانوني ڏوهه تسليم ڪيو وڃي.

بقايا 10

هڪ ٻيو اهم قدم کڻندي هلندڙ مهيني هيسٽائين 28 ڪروڙ روپين جون ادائيگيون ڪري ڇڏيون ترجمان واٽر ڪارپوريشن موجب اهي ادائيگيون واٽر ڪارپوريشن جي تاريخ ۾ ڪنهن به هڪ مهيني ۾ سڀ کان وڌيڪ ادائيگيون ڪيون ويون آهن ان حوالي سان ڊپٽي مئنيجنگ ڊائريڪٽر فنانس واٽر ڪارپوريشن سيد افتخار علي شاهه وڌيڪ تفصيل ٻڌائيندي چيو ته ميئر ڪراچي جي هدايتن تي عملدرآمد ڪندي هلندڙ مهيني هيسٽائين ملازمن کي فيفو فرسٽ ان فرسٽ آئوٽ جي تحت ۽ ايمپلائيز جي مد ۾ 28 ڪروڙ روپين جون ادائگيون ڪيون ويون آهن جنهن ۾ پينشن ۽ گريجوئيٽي سي پي فنڊ ايل پي آر هائوس بلڊنگ ميريج لون ۽ فوت ٿيل ملازمن جي وارثن کي مالي مدد سميت ميڊيڪل پرميشن ڪيس سپليمنٽري بلز ميڊيڪل اسپتال / انسٽيٽيوٽ شامل آهن هن چيو ميئر ڪراچي واضح هدايت ڪئي آهي ته بيواهن کي ترجيحي بنيادن تي ادائيگيون ڪيون وڃن جنهن تي مڪمل عملدرآمد ڪيو پيو وڃي ۽ واٽر ڪارپوريشن جي حاضر سروس ۽ رٽائرڊ ملازمن جا جائز مسئلا حل ڪرڻ اسان جي اولين ترجيحات ۾ شامل آهي ۽ ان سلسلي ۾ مختلف وقتن تي ملازمن جي ڀلائي ۽ بهتري جي لاءِ مؤثر قدم کنيا ويا آهن ته جيئن ملازمن کي بقايائون جلد ادا ڪري سگهجن ٻئي طرف ميئر ڪراچي بئريسٽر مرتضيٰ وهاب ۽ ايم ڊي واٽر ڪارپوريشن انجنيئر اسد الله خان پاران ملازمن جي لاءِ شاندار خدمتون سرانجام ڏيڻ تي ڊي ايم ڊي فنانس سيد افتخار علي شاهه کي خراج تحسين پيش ڪيو

بقايا 11

آبادگار ٿاڻي جي حد، ڳوٺ گل محمد سنيو ۾ نظاماڻي ۽ سنيا برادرين وچ ۾ زمين جي تڪرار تان جهيڙو ٿي پيو ٻنهي ڌرين مورچا بند ٿي هڪ ٻئي تي اڌاڌند فائرنگ ڪئي، جنهن سبب علائقي ۾ ڏهڪاءُ واري صورتحال پيدا ٿي وئي، ذريعن موجب فائرنگ جي نتيجي ۾ سنيا برادري جا 12، جڏهن ته نظاماڻي برادري جا 2 ماڻهو زخمي ٿيا. زخمين ۾ نياز سنيو محمد نواز سنيو امرشي ڪولهي ڏٽي بخش سولنگي معشوق شيخ ۽ ٻيا شامل آهن واقعي جي اطلاع ملڻ تي ضلعي پوليس وڏي نفري سان موقعي تي پهچي وئي ۽ صورتحال تي ضابطو آڻڻ لاءِ ڇهه کان وڌيڪ موبائلون مقرر ڪيون ويون آهن. آخري اطلاعن موجب، زخمين کي ڊي ايڇ ڪيو اسپتال ٽنڊو محمد خان پهچايو ويو. جتي انهن کي طبي امداد فراهم ڪرڻ کان پوءِ زخمين کي سول اسپتال حيدرآباد منتقل ڪيو ويو آهي. پوليس جو چوڻ آهي ته صورتحال تيزيءَ سان ڪنٽرول ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي، جڏهن ته ٻنهي ڌرين کي ڳالهين ذريعي معاملو حل ڪرڻ لاءِ قائل ڪيو پيو وڃي

بقايا 12

هجڻ ڪري وارثن جو احتجاج موٽرسائيڪلن جي ٽڪر ۾ 3 زخمين مان نوجوان ساجد جوکيو کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ڪراچي روانو ڪرڻ لاءِ وارثن پاران 11,22 سرڪاري ايمبولنس کي بار بار فون ڪري منٿون ڪندا رهيا پر ڪين اهو چئي ايمبولنس نه موڪلي وئي ته وانڌي نه آهي جنهن ڪانپوءِ رورل هيلٿ سينٽر گهارو جي ايم ايس پاران ڪين فوري طور تي ايمبولنس ڏني وئي. گهارو زخمي نوجوان جي وارثن پاران 11,22 سرڪاري ايمبولنس جي خلاف احتجاج ڪندي چيو ته سرڪاري ايمبولنس سفارشي ماڻهن کي ڏنيون وينديون آهن، عام ماڻهن دربدر ٿيو پيو آهي هنن مطالبو ڪندي چيو ته 11,22 ايمبولنس سروس خلاف ڪاروائي ڪئي وڃي

بقايا 13

سکر مان نڪتل پيادل لانگ مارچ ۾ شرڪت ۽ ڪوريج لاءِ صحافين کي دعوت ڏني ۽ ملير جي مختلف علائقن جا دورا ڪري عوام کي سکر مان نڪتل پيادل مارچ ۾ شرڪت جي اپيل ڪئي. ان موقعي تي مرڪزي نائب صدر اشرف ٻهليم صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته سنڌو درياءُ ۾ اسان جو ساهه آهي، سنڌو درياءُ مٿان ڪنهن کي ڌاڙو هڻڻ نه ڏينداسين. سنڌ جي عوام نون ڪئنالن کي رد ڪري ڇڏيو آهي، ڪئنال ٺهيا ته سنڌ جون ذرعي زمينون بنجر ٿي وينديون سنڌ جا ماڻهون پاڻي جي ڦڙي لاءِ ترسندا سنڌ پڙپانگ ٿي ويندي. اشرف ٻهليم ۽ ٻين اڳواڻن چيو ته گرين پاڪستان جي نالي تي سنڌ جي هزارين ايڪڙ زمين تي قبضو ڪيو پيو وڃي. سنڌي هن وقت سجاڳ نه ٿيا ته ايندڙ نسل اسانکي معاف نه ڪندي، اسان سڀني کي گڏيل جدوجهد ڪرڻ گهرجي هن وقت اسانجي بقاءُ جو مسئلو آهي، سمورا سنڌ واسي هڪ ٿي ڪئنالن ۽ زمينن تي قبضن خلاف آواز اٿارين. هنن چيو ته جسقم (آريسر) پاران سنڌو درياءُ مٿان ڪئنالن جي اڏاوت ۽ سنڌ جون زمينون گرين پاڪستان جي حوالي ڪرڻ خلاف 28 جنوري تي سکر کان نڪتل سنڌو بچايو سنڌ بچايو پيادل لانگ مارچ 20 فيبروري تي گهگهر ملير پهچندو جتي شاندار استقبال ڪيو ويندو ۽ 23 فيبروري تي ڪراچي پريس ڪلب آڏو احتجاج رڪارڊ ڪرايو ويندو. جنهن ۾ سمورن سنڌو واسين صحافين اديبن شاعرن وڪيلن، ساڃاهه وندن کي شرڪت جي اپيل ڪجي ٿي

بقايا 14

لاءِ سعودي عرب اسمگل ڪرڻ جي ڪوشش ناڪام بنائي چئني عورتن کي حراست ۾ وٺي ڇڏيو اختيارين ڪراچي ايئرپورٽ تي ڪارروائي ڪندي عمري جي آڙ ۾ عورتن جي سعودي عرب اسمگلنگ جي ڪوشش ناڪام بنائي وئي، 4 عورتن کي ڪراچي ايئرپورٽ تي اڏامن کان آف لوڊ ڪيو ويو آهڙين عورتن ۾ شازيه بانو ظميرا عظيم، لبنيٰ ۽ ثنا شهزادي عمري جون مسافر هيون. ظاهري طور تي متاثر عورتون عمري جي ويزائن تي سعودي عرب وڃي رهيون هيون. شروعاتي جاچ موجب متاثر عورتن کي جبري مشقت جي حوالي سان سعودي عرب اماڻيو ويو هو متاثر عورتون انهي کان اڳ به سعودي عرب وڃي چڪيون هيون. اختيارين جو چوڻ آهي ته عورتن کي سعودي عرب اماڻڻ ۾ آسيه نالي عورت ملوث آهي جيڪا پنجاب پوليس جي اڳوڻي ملازم آهي. اميگريشن ذريعن موجب آسيه ئي متاثر چئني عورتن جا سفري خرچ برداشت ڪيا. جڏهن ته سعودي عرب ۾ قيام ۽ خرچن جي سهولتڪاري وسيم گجر نالي ايجنٽ ڪري رهيو هو. متاثر عورتن کان ايجنسين جي حوالي سان ڇاڻ ورتي پئي وڃي.

بقايا 15

شيخ،جنرل سيڪريٽري سنڌ ڊاڪٽر مسرور سيال جن گڏيل طور پريس ڪانفرنس کي خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان ۾ آمريڪا کي اڏا ڏيڻ کان انڪار ڪرڻ تي عمران خان کي تختي ۾ جيل ڏنو ويو آهي هنن چيو ته آصف علي زرداري سنڌ جي زمين ڪارپوريٽ ڪمپني کي ڪپائڻ بعد سنڌ جو پاڻي وڪرو ڪري ڏنو آهي پيڪا ايڪٽ تحت عوام کان اظهاري آزادي جو حق کسيو پيو وڃي پر اهي فيصلا قبول نه ڪنداسين. هنن چيو ته زرداري وارن سنڌ جا ٽاٽا وڪرو ڪري ڌاڙيل راڄ جو ٻج پوکيو آهي بدامني جي رستا روڪ ڪنداسين ,هنن چيو ته 17 فيبروري تي پي ٽي آئي اتحادي پارٽين سان گڏجي ڏهرڪي، وايا، گهوٽڪي، ڪشمور، شڪارپور کان سکر تائين امن مارچ ڪري سنڌ جي عوام کي سجاڳ ڪرڻ جي مهم هلائي ويندي. پريس ڪانفرنس بعد پي ٽي آئي ضلعي خيرپور جو جنرل سيڪريٽري نور حسن چانڊيو صوبائي قيادت کي تنظيمي ڪارڪردگي ۽ ايجنڊا پيش ڪندي ڪارڪنن جي مسئلن تي تفصيلي روشني وڌي. ان کان اڳ آيل مهمانن کي ثقافتي تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا 16

سيڪريٽري نديم الرحمان ميمڻ بدين ۾ ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي گهر پهچي المناڪ موت تي گهري ڏک ۽ تعزيت جو اظهار ڪيو ان موقعي تي هن چيو ته جي ادبي خدمتن کي هميشه ياد رکيو ويندو ڊاڪٽر آڪاش انصاري هڪ بهترين شاعر هجڻ سان گڏ هڪ بهترين انسان پڻ هو سندس وڇوڙي سان پيدا ٿيل خال ڪڏهن به پرجي نه سگهندو

بقايا 17

ويو آهي جنهن مان 24 کي ڪراچي ۾ گرفتار ڪيو ويو آهي. اميگريشن ذريعن موجب سعودي عرب ۾ بليڪ لسٽ، خيرات گهرڻ، منشيات فروشي، غيرقانوني قيام، نوڪري مان مفرور ۽ معاهدي جي ڀڃڪڙي ڪرڻ تي 94 پاڪستانين کي ڊي پورٽ ڪيو ويو. عمان مان 3، ٿائيلينڊ مان 1، عراق مان 9، برطانيه ۽ قبرص مان 2، موريطانيه ۾ انساني اسمگلنگ جي لاءِ موجود 5، انڊونيشيا مان 4 خرچي جي لاءِ گهٽ ۾ گهٽ ڪٽي قطر ڀڄتا 2 ۽ تنزانيه مان 1 پاڪستاني کي بيدخل ڪيو ويو متحده عرب امارات جي جيل مان آزادي ڏياري غيرقانوني ڪم ۽ ٻين الزامن جي تحت 39 پاڪستانين کي گذريل 48 ڪلاڪن دوران ڊي پورٽ ڪري اماڻيو ويو جن مان آءِ بي ايم ايس ۾ بٽ 7 بليڪ لسٽ ماڻهو به شامل آهن.

بقايا 18

پي اي سعدِيه جاويد، ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ ڊاڪٽر فاروق ستار جي پريس ڪانفرنس تي رد عمل ڏيندي چيو آهي ته ڊاڪٽر فاروق ستار جي اڄ جي پريس ڪانفرنس زهريلي سوچ جو عڪاس آهي، ڪراچي جي عوام ايم ڪيو ايم جي نفرت ۽ تقسيم واري سياست کي رد ڪري چڪي آهي. سنڌ حڪومت جي ترجمان سعديه جاويد چيو ته ايم ڪيو ايم جو تعصب ۽ نفرت تي ٻڌل بدبودار سياست جو جنازو نڪري چڪو آهي، عوام ايم ڪيو ايم جي ڊرامن کي رد ڪري چڪو آهي، هاڻي هي ڌانڌلين پڻ انهن کي ٻيهر زنده نه ٿيون ڪري سگهن. هن چيو ته جيڪي ماڻهو عوام جي حقن جي نالي تي ڪراچي کي يرغمال بڻائيندا رهيا، اهي ماڻهو هاڻي ڪراچي جو امن تباهه ڪرڻ لاءِ تيار آهن. انهن کي شرم اچڻ گهرجي، ڊاڪٽر فاروق ستار ٻهريون اهو ٻڌائي ته اقتدار ۾ هوندي ڪراچي لاءِ تباهي ۽ لساني سياست کان علاوه ڇا ڪيو؟ سعديه جاويد چيو ته ڊاڪٽر فاروق ستار جي پريس ڪانفرنس کان صاف ظاهر ٿيو آهي ته ايم ڪيو ايم ڪراچي ۾ امن نٿي چاهي، ڪراچي کي ورهائڻ واريون سازشون ناڪام ٿي چڪيون آهن، عوام ايم ڪيو ايم کي رد ڪري چڪي آهي. سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي جي سياست عوام جي خدمت تي مشتمل آهي، جڏهن ته ايم ڪيو ايم جي سياست لاشن، ڊپ ۽ ڌمڪين تي ٻڌل آهي.

بقايا 19

باءِ پاس وٽ زبردست ڌرڻو هنيو ويو، انڊس هاءِ وي تي ڪيترن ئي ڪلاڪن تائين لڳل ڌرڻي سبب ڪراچي پنجاب ۽ بلوچستان ايندڙ ويندڙ سوين گاڏيون بيهجي ويون، شروع ۾ ڊي آءِ پي انچارج شاهجهان شاهه ٽن ٿاڻن جي ايس ايڇ اوز سميت پوليس اهلڪارن سان ڪارڪنن کي ڇڙوڇڙ جي ڪوشش ڪئي پر انهن جي ڀرپور مزاحمت سبب پوليس پسپا ٿي موٽي وئي، شرڪاءُ امن کپي بس امن کپي، امن جي نگري امن گهري ٿي، ڌاڙيل راڄ نا منظور جا اپ ڌارينڊڙ نعرا هڻي رهيا هئا. ڌرڻي ۾ جماعت اسلامي کان علاوه بحالي امن ايڪشن ڪميٽيءَ ۾ شامل سياسي سماجي قومپرست تنظيمن جي اڳواڻن ٽوڙي واپارين،صحافي وڪيل اقليتن ۽ سول سوسائٽي جي نمائندن پڻ خطاب ڪيو اڳواڻن گهر ڪئي ته ڌاڙيلن ۽ انهن جي سرپرستن خلاف ڀرپور آپريشن ۽ تمام مغوين کي جلد بازياب ڪرائي سنڌ جو امن بحال ڪيو وڃي، جماعت اسلامي سنڌ جي امير ڪاشف سعيد شيخ پنهنجي خطاب ۾ عيد کان بعد فيصلا ڪن تحرڪ جو اعلان ڪندي چيو ته جيڪڏهن حڪومت امن بحالي ۾ سنجيدگي ڪونه ڏيکاري ته پوءِ رمضان شريف کان پوءِ پهرلو کان ڪراچي تائين نيشنل هاءِ وي کي بلاڪ ۽ وزيراعليٰ هائوس جو گهيراءُ ڪيو ويندو. هن گهر ڪئي پيپلزپارٽي پنهنجي صفن مان ڌاڙيلن جي سرپرستن کي ٻاهر ڪڍي، هن چيو ته سنڌ ۾ 17سالن کان پ پ جي حڪومت قائم آهي، ناپر ڪوٽ ۾ 9 پورهيتن کي اغوا ڪيو ويو اهڙي طرح شڪارپور ،ڪنڌڪوٽ ۽ گهوٽڪي مان ڪيترائي ماڻهو اغوا ٿيل آهن پر پوليس صرف پروٽوڪول ۾ لڳل آهي، پوليس رينجرز ايف سي ۽ پنوعاقل ڇانوڻي هجڻ جي باوجود سنڌ جو عوام امن کان محروم آهي. هن چيو ته پ پ حڪومت جو سنڌ ۾ ڀتوءِ منافقاڻو ڪردار آهي غريب ۽ امير لاءِ الڳ الڳ قانون آهي. حڪمران روز عوام کي لولي پاپ ڏيئي رهيا آهن .هن چيو ته مڙني مغوين جي بازيابي ۽ امن جي بحالي تائين اسان جي جنگ جاري رهندي، اقليتي اڳواڻ ۽ شهري اتحاد ڪنڌڪوٽ جي صدر ڊاڪٽر مهرچند چيو ته امن اسان جي ڊمانڊ نه پر حڪومت جي ذميواري آهي. اسان کي صرف امن کپي. عوام امن ۽ پنهنجي حقن لاءِ ميدان ۾ نڪري، ڪشمور ڪنڌڪوٽ ڌاڙيل راڄ ۽ اغوا انڊسٽري حوالي سان مشهور آهي،ايم ڊبليو ايم جي مرڪزي اڳواڻ علامه مقصود احمد ڊومڪي چيو ته هڪ سردار تي حملو ٿيو ته مرادعلي شاهه سميت سڀئي سردار ٻاهر نڪري آيا هتي غريبن جو الڳ ته اميرن لاءِ الڳ پاڪستان آهي ,ملي يڪجهتي ڪائونسل سنڌ جي صدر اڳوڻي ايم اين اي مولانا اسدالله ڀٽو چيو ته امن اسان جي بچن ضرورت آهي. امن کان سواءِ ڪجهه به نٿو ٿي سگهي. سنڌ جو وڏو وزير مرادعلي شاهه امن بحال نٿو ڪرائي سگهي ته ڪرسي خالي ڪري. پيپلزپارٽي حڪومت عوام کي تحفظ ڏيڻ بدران ڌاڙيلن جي سرپرست بڻيل آهي. جماعت اسلامي سنڌ جي جنرل سيڪريٽري محمد يوسف چيو ته سنڌ جو عوام ڌاڙيل راڄ کي قبول ڪونه ڪندا. جيڪو جديد اسلحو پوليس وارن وٽ به ڪونهي آهي اهو ڏوهارين وٽ موجود آهي. ايس يو پي جي ڊويزنل صدر ظريف ساگر بجاراڻي چيو ته امن جي ڳولا هر انسان پکي پرندي جي به ضرورت آهي . سنڌ ۾ آرٽيفيشل ڌاڙيل راڄ جا پيرا پ پ جي چونڊيل نمائندن جي گهرن ڏانهن وڃن ٿا ,پي ٽي آءِ جي اڳواڻ عبدالعزيز سومرو چيو ته جماعت اسلامي واحد جماعت آهي جنهن هيشه عوام جي ترجماني ڪئي آهي. پيپلزپارٽيءَ جي سرپرستي ۾ ڌاڙيل راڄ قائم آهي. ڌرڻي ۾ جماعت اسلامي سنڌ جي اڳواڻن حافظ نصرالله چنا، علامه حزب الله جکرو، سهيل شارق جي يو آءِ جي علي حسن مارفاڻي، جيئي سنڌ قومي محاذ جي عبدالسمع بلالي، ڪميونسٽ پارٽي جي ممتازمنگي،سنڌي ادبي سنگت جي زبير سومرو، تبديلي پسند جي همير چانڊيو سول سوسائٽيءَ جي ظفرعلوي، راشد لاشاري , عادل جان شيخ , وڪيل اڳواڻ علي اصغر ڀوهڙ، جيئي سنڌ محاذ جي عمران منگي اسدالله سومرو، ضلعي شڪارپور جي امير عبدالسميع ڀٽي , مقامي امير مولانا صدرالدين مهر پڻ ڌرڻي کي خطاب ڪيو. اسٽيج سيڪريٽري جا فرائض ڊپٽي جنرل سيڪريٽري امداد الله بجاراڻي سرانجام ڏنا.

بقايا 20

فرسوده سوچ ملڪ تي مڙهڻ نه ڏينداسين. آرمي چيف جنرل سيد عاصم منير پاڪستان جي مختلف يونيورسٽي مان آيل شاگردن سان ملاقات ڪئي، انهي موقعي تي آرمي چيف چيو ته پاڪستاني عوام خاص طور تي نوجوانن جو پاڪ فوج سان هڪ انتهائي مضبوط رشتو آهي، ملڪ دشمن عناصر جي فوج ۽ عوام وچ ۾ ڏار وجهڻ جي ڪوشش هميشه ناڪام رهي آهي ۽ رهندي. جيستائين قوم خاص طور تي نوجوان اسان سان گڏ بيٺل آهن پاڪ فوج کي شڪست نه ملندي، اسان ڪامريڊن جيان وڙهندا آهيون، اسان جي لاءِ پاڪستانيت سڀني کان وڌيڪ اهم آهي، پاڪ فوج جي سربراهه چيو ته اسان کي پنهنجي مذهب، تهذيب ۽ روايتن تي فخر آهي، هي فتنه الخارج ڪهڙي شريعت ۽ دين جون ڳالهيون ڪندا آهن؟ اسان ڪڏهن به فتنه خوارج کي پنهنجي فرسوده سوچ ملڪ تي مڙهڻ نه ڏينداسين. آرمي چيف چيو ته خيبرپختونخواهه ۽ بلوچستان جا بهادر ماڻهو دهشتگردن جي خلاف جمي بيٺل آهن. پاڪ فوج جي سربراهه چيو ته آرمي اڄ به فتنه الخوارج سان روزاني جي بنيادن تي وڙهي رهي آهي، اسان مذهب جي انهن جي تشريح کان متفق نه آهيون. اسلام دنيا ۾ سڀني کان ٻهريون مذهب آهي جنهن عورت کي عزت ڏئي آسمان تائين پهچايو چاهي هڪ عورت ماءُ، هجي، زال يا ڀيڻ ڪنهن به ڪردار ۾ اسلام عورت کي عزت ڏني آهي. هن چيو ته فتنه خوارج ڪير ٿيندا آهن اهڙن حقن کي ڦرڻ وارا؟ توهان کي اهو اختيار ڪنهن ڏنو؟ انهن کان اهي حق ڪير به نٿو ڦري سگهي، اسان اهڙي قسم جي گمراهه ڪندڙ گروهه کي ڪڏهن به پنهنجي ملڪ تي پنهنجو فرسوده اقتدار مڙهڻ جي اجازت نه ڏينداسين. آرمي چيف چيو ته اسان فتنه الخوارج جي فسادن سان وڙهي رهيا آهيون اهي عناصر اسلام جي غلط تشريح ڪري رهيا آهن خارجي عناصر اسلامي تعليمات جي ڀڃڪڙي ڪري رهيا آهن. فسادين جي باري ۾ اسلام جا حڪم واضح آهن. رياست جي سامهون سرينڊر ڪندڙ رحم جي اميد ڪري سگهن ٿا.

بقايا 21

بيان تي سنڌ حڪومت جي ترجمان سمعتا افضال سيد ردعمل ڏيندي چيو آهي ته ايم ڪيو ايم پنهنجي سياسي موت جو الزام سنڌ حڪومت تي لڳائي عوامي همدردي حاصل ڪرڻ چاهي ٿي، جن ڪراچي کي لساني سياست جي باهه ۾ ڌڪيو اڄ اهي سازش جو روئڻ روئي رهيا آهن. سمعتا افضال سيد چيو ته ايم ڪيو ايم جو قيام ئي لساني بنيادن تي ٿيو انتشار پسندي انهن جي عادت آهي، ايم ڪيو ايم هاڻي نه گهر جي رهي آهي نه گهاٽ جي. سنڌ حڪومت جي ترجمان چيو ته سڀني کي خبر آهي ته ڪراچي جو امن ڪير خراب ڪندو رهيو ۽ شهر ۾ امن ڪنهن قائم ڪيو متحده عوام کي گمراهه ڪرڻ ۽ نفرتون پکيڙڻ جو سلسلو بند ڪري، هن چيو ته سنڌ حڪومت عوام جي جان ۽ مال جي تحفظ لاءِ ڀرپور قدم کڻي رهي آهي، هن چيو ته ڪراچي جو عوام هاڻي لساني سياست نه پر ترقي چاهي ٿو ايم ڪيو ايم جي پروپيگنڊا هاڻي نه هلندي.

بقايا 22

جي ميتن کي پنهنجي سياست لاءِ استعمال ڪيو آهي. فاروق ستار ۽ ٻيا متحده اڳواڻ ذهن نشين ڪري ڇڏين ته الزام لڳائڻ سان سندن قد وڏو نه ٿيندو. ايم ڪيو ايم جي اڳواڻ فاروق ستار جي پريس ڪانفرنس تي ردعمل ظاهر ڪندي، سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته ڪراچي جا ماڻهو ڏهاڪن تائين متحده جي تشدد ڀريي ڌمڪين واري سياست جي رحم و ڪرم تي رهيا. هاڻ جڏهن متحده جون ڌمڪيون ڪم نه پيون ڪن. ته اهي عوام کي ڀڙڪائي حادثن جي آڙ ۾ فساد جون ڪوششون ڪري رهيا آهن. هن چيو ته متحده اڳواڻ فاروق ستار جا الزام بي بنياد، ڪوڙا ۽ منافقت تي ٻڌل آهن. فاروق ستار کي پيپلز پارٽي ۽ سنڌ حڪومت تي الزام لڳائڻ کان اڳ پنهنجي ڪاري تاريخ تي نظر وجهڻ گهرجي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت تي الزام لڳائيندڙ ماضي ۾ شهر جي امن ۽ ترقي کي تباهه ڪرڻ ۾ ملوث رهيا آهن. لساني فساد، تشدد، ڀتي خوري ۽ ٽارگيٽ ڪلنگ متحده جو وڙ رهيو آهي. هن چيو ته آفاق احمد جي گرفتاري قانون مطابق ٿي آهي، ڪو به قانون کان مٿانهون ناهي. متحده هاڻي واڳون وارا ڳوڙها وهائڻ بند ڪري. شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت عوام جا مسئلا حل ڪرڻ ۾ مصروف آهي، جڏهن ته ايم ڪيو ايم رڳو ڏٽيز ڦهلائڻ ۾ رڌل آهي، پشتونن ۽ اردو ڳالهائيندڙن وچ ۾ نفرت وڌائڻ جي سازش متحده پاڻ ڪندي آئي آهي. عوام چڱي ريت ڄاڻي ٿو ته اصل فسادي ڪير آهن.

بقايا 23

سنڌ جي سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ سان ڪراچي ۾ سندس آفيس ۾ ملاقات ڪئي، ملاقات ۾ سنڌ ۾ اي وي گاڏين ۾ سيڙپڪاري بابت خيالن جي ڏي وٺ ڪئي وئي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيني وفد کي سنڌ ۾ اي وي مينوفيڪچرنگ پلانٽ قائم ڪرڻ جي دعوت ڏني. ملاقات ۾ سيڪريٽري ٽرانسپورٽ اسد ضامن ۽ سنڌ ماس ٽرانزٽ اٿارٽي جي ايم ڊي ڪمال دايو پڻ شرڪت ڪئي. چيني وفد سان ڳالهائيندي سينيئر وزير ۽ اطلاعات، ٽرانسپورٽ ۽ ماس ٽرانزٽ واري صوبائي وزير، شرجيل انعام ميمڻ چيو ته سنڌ حڪومت پرڏيهي سيڙپڪارن کي ضروري رعايتون ۽ ڪاروبار دوست ماحول جون سموريون سهولتون فراهم ڪندي. هن چيو ته سيڙپڪاري جي لحاظ کان پاڪستان، خاص طور تي سنڌ، اسٽريٽجڪ لحاظ کان وڏي اهميت رکي ٿو سنڌ ۾ بندرگاهون، وڌندڙ روڊ نيٽ ورڪ، ۽ وڏي پيماني تي افرادي قوت موجود آهي. سينيئر وزير شرجيل انعام ميمڻ چيو ته مستقبل اليڪٽرڪ گاڏين جو آهي، ۽ سنڌ هن تبديلي ۾ ليڊرشپ ڪرڻ لاءِ تيار آهي. اسان بين الاقوامي سيڙپڪارن کي دعوت ڏيون ٿا ته هتي اي وي مينوفيڪچرنگ پلانٽس قائم ڪن. انهن پلانٽس سان معيشت کي هٿي ملندي ۽ هزارين نوڪريون پيدا ٿينديون. ملاقات دوران چيني وفد سنڌ جي اي وي سيڪٽر ۾ سيڙپڪاري ۾ دلچسپي ظاهر ڪئي ۽ صنعتي ترقي لاءِ سنڌ حڪومت جي عزم جي واکاڻ ڪئي. ان موقعي تي، قابل تجديد توانائي، بنيادي ڍانچي جي ترقي، ۽ ٽيڪنالاجي جي منتقلي ۾ امڪاني شراڪت داري تي پڻ ڳالهه ٻولهه ڪئي وئي.

بقايا 24

ڪارڪردگي تي بيان ڏيندي چيو آهي ته وفاقي حڪومت تحت قائم نيشنل هاءِ وي اٿارٽي سنڌ ۾ ترقياتي ڪمن ۾ ناانصافي بند ڪئي وڃي، سنڌ جو انڊس هاءِ وي گذريل 8 سالن کان وفاقي توجه جو منتظر آهي. جنهن کي شديد مرمت جي ضرورت آهي. هن چيو ته روڊن جي حالت ۽ مينيجمينٽ جو نظام ناپيد ٿيڻ سبب نيشنل هاءِ وي تي هر روز خطرناڪ حادثا ٿين ٿا، سنڌ ۾ وفاق طرفان ٺهرايل موٽروي ڪوالٽي جي لحاظ کان پنجاب کان گهٽ ڇو آهي. سنڌ حڪومت جي ترجمان سکديو هيماڻي چيو ته ڪيترن سالن گذرڻ کان پوءِ به حيدرآباد کان سکر موٽروي اڃا تائين نامڪمل آهي، ڪراچي کان حيدرآباد موٽروي انٽرنيشنل معيار جي نه پر گهٽ ۾ گهٽ پنجاب جي معيار جهڙو هجڻ گهرجي.

بقايا 25

علائقي ۾ سنڌو درياءَ جي ڍنڍ مٿان ناهيل بند جو صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه، ايم اين اي نعمان اسلام شيخ ۽ چيئرمين ڊسٽرڪٽ ڪائونسل سکر سيد ڪميل حيدر شاهه افتتاح ڪيو. افتتاحي تقريب کي خطاب ڪندي صوبائي وزير سيد ناصر حسين شاهه چيو ته هر سال جڏهن ته ٻوڏ ايندي آهي هتان جي ماڻهن کي وڏي تڪليف پيش ايندي آهي ۽ انهن جو وڏو نقصان ٿيندو آهي جنهن سبب هتان جا ماڻهو تمام گهڻا متاثر ٿيندا آهن ان ڪري ئي اسان سنڌو درياءَ جي ڍنڍ مٿان بند ناهي رستو ناهيو ويو آهي جيئن ٻوڏ دوران هتان جا ماڻهو متاثر نه ٿين، هتان جي يوسي نوراجا، پنهواري، سڌوجا ۽ سانگي جا رهواسي متاثر ٿيندا هئا ڍنڍ مٿان بند ناهڻ ڪري انهن کي ان جو فائدو ٿيندو. هن چيو ته ڪچي ۾ ڪيترائي روڊ تعمير ڪرايا ويا آهن ۽ وڌيڪ روڊ تعمير ڪرائڻ لاءِ ڪوششون ڪري رهيا آهيون جيئن ڪچي جي رهواسين کي سهولتون ڏئي سگهون، اسان اسڪول، اسپتالون ۽ روڊ تعمير ڪرائڻ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن اسان جا ڪيترائي پراجيڪٽ هلي رهيا آهن، پيپلز پارٽي جي هميشا ڪوشش رهي آهي ته سنڌ جي ماڻهن کي سهولتون فراهم ڪيون وڃن، جن علائقن ۾ روڊن جا ڪم رهيل آهن انهن کي به جلد مڪمل ڪيو ويندو، سيد ناصر حسين شاهه چيو ته ڪچي ۾ بجلي جو وڏو آزار آهي جنهن سبب پيپلز پارٽي سولرائز پروگرام شروع ڪيو آهي جنهن جي سروع هلي رهي آهي ڪچي جي ماڻهن کي سولر فراهم ڪيو ويندو جيئن هنن کي سولر جي سهولت به ملي سگهي.

بقايا 26

عوامي پارڪ نصرپور چوڪ نيشنل بائي پاس کان پيادل مارچ ڪري شهر جي مين ميڊيڪل اسٽور چوڪ وٽ پهچي ڌرڻو هنيو. پيادل مارچ جي اڳواڻي سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر زينت سمون، نصرت خاصخيلي، سنڌي گرلس اسٽوڊنٽس تحريڪ جي مرڪزي صدر رفيعه پليجو صبا سمون، فضا ملاح، قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي ڊپٽي جنرل سيڪريٽري الطاف خاصخيلي، جوائنٽ سيڪريٽري خادم سمون، قومي عوامي تحريڪ ضلعي متياري جي صدر ماجد خاصخيلي، عبدالغفور ڪوسو نعيم جان خاصخيلي، ظفر حسين خاصخيلي، فريد ملاح، دلبر اوڏ،حبيب الله مشوري ۽ ٻين ڪئي. ان موقعي تي ڌرڻي کي خطاب ڪندي سنڌياڻي تحريڪ جي مرڪزي صدر زينت سمون چيو ته سنڌ کي ديوار سان لڳايو ويو آهي. آصف زرداري واپاري ٿي سنڌ وڪڻي رهيو آهي. پٽ کي وزيراعظم بڻايو بنائڻ لاءِ سنڌو درياهه ۽ ٻين وسيلن جو سودو ڪيو ويو آهي. چولستان سميت 6 ڪئنال ٺهي ويا ته سنڌ دنيا جو وڏو ريگستان بنجي ويندي. لکين ماڻهو بک ۽ اڃ مري ويندا. آصف زرداري ۽ شهباز شريف ڪرپشن ۽ اقتدار خاطر سنڌ کي مال غنيمت بنائي لٽي رهيا آهن. سنڌ جون نياڻيون، نوجوان، هاري ۽ پورهيت رستن تي اچي پنهنجي درياهه کي بچائين هي وقت پنهنجو درياهه ۽ پنهنجي نسلن کي بچائڻ جو آهي. سنڌ جي ماڻهن ڪالاباغ ڊيم ناهڻ نه ڏنو اٿين ڪئنال به ناهڻ نه ڏيندا . پيپلز پارٽي هر دور ۾ عوام کي ڪوڙا دلاسا ۽ دوکا ڏنا آهن. ووٽ وٺڻ کانپوءِ زرداري ٽولي کي عوام ياد ناهي ايندو زينت سمون چيو ته 17 سالن کان سنڌ تي مسلط ڪيل پ پ حڪومت سنڌو درياهه لکين ايڪڙ زمين، ڪينجهر، ڪارونجهر، گورک، تيل، گئس، ڪوئلي سميت سمورا وسيلا ڪپائي ڇڏيا آهن. سنڌو درياهه تي ڌاڙن سبب سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي نٿو ڏنو وڃي، سمنڊ ٺٽي سميت ساحلي پٽي جي ضلعن جي لکين ايڪڙ زمين ڳڙڪائي ويو آهي. تمر جا ٻيلا ختم ٿي ويا آهن. غربت ۽ مهانگائي جي ڪري لکين خاندان بدحالي جو شڪار آهن. اربين روپين جو تيل، گئس ڏيندڙ سنڌ سڄي ملڪ ۾ سڀ کان وڌيڪ غربت جو شڪار آهن. گيس جي لوڊشيڊنگ ۽ بجلي جي لوڊشيڊنگ آهي، پيئڻ جو پاڻي ناهي. عظيم سنڌو درياهه اسان جي نسلن جي جياپي جو ذريعو آهي. آصف زرداري ايوان صدر ۾ ويهي 6 ڪئنالن ۽ گرين انيشيٽو منصوبن جي منظوري ڏني آهي، ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جي زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن. پيپلز پارٽي ۾ ويٺل هزارين ايڪڙن جا زميندار ڪرپشن، قبضن ۽ ٻين ڏوهن ۾ ملوث آهن. انهي خوف جي ڪري خاموش آهن ته انتقام طور گرفتار ٿي جيل ڌڪيا وڃن. گرين انيشيٽو سنڌ لاءِ موت جو منصوبو آهي. 7 ڪروڙ سنڌين کي قتل ڪرڻ جو منصوبو آهي. خاموش رهياسين ته 2030 تائين سنڌ برپٽ ۽ بيابان بنجي ويندي ۽ اسان جا ايندڙ نسل فقير ٿي ويندا. بدين، ٺٽو، ٽنڊو محمد خان، سجاول ۽ ڪراچي ٻڏي ويندا. زينت سمون چيو ته معاشي پاليسيون هاري ۽ مزدور دوست ناهن. سنڌ جي ڦرلٽ خلاف جدوجهد جي ميدان تي نه آياسين ته لاوارث ٿي مارجي وينداسين ۽ ڪو داد فرياد نه ٿيندو. سنڌي گرلس اسٽوڊنٽس تحريڪ جي مرڪزي صدر رفيع پليجو خطاب ڪندي چيو ته پاڻي لاءِ جدوجهد زندگي ۽ بقا جي جدوجهد آهي، سنڌو درياهه کي بچائڻ لاءِ لکين شاگرداڻيون پر امن جدوجهد ذريعي شاندار ۽ تاريخي ڪردار ادا ڪنديون. سنڌ جون نياڻيون سنڌو درياهه خلاف ڪا به سازش قبول نه ڪنديون. پيپلز پارٽي ۽ نواز ليگ سنڌو درياهه مان 6 نوان ڪئنال ڪڍي سنڌو درياهه کي سڪائي پڙپانگ ڪري سنڌي ماڻهن کي مارڻ چاهين ٿا. پاڻي زندگي آهي. سنڌو درياهه کي پڙپانگ ۽ بنجر بنائڻ واري سازش سنڌ جون بهادر نياڻيون برداشت نه ڪنديون. سنڌو درياءُ سنڌين جي جان آهي، سنڌو درياءُ تي نوان ڪئنال سنڌي نياڻين جي لاشن تي ٺهندا. ست ڪروڙ سنڌي پنهنجي درياهه کي بچائڻ لاءِ وڙهندا. رفيعه پليجو چيو ته 6 ڪئنال، گرين پاڪستان ۽ ڪارپوريٽ فارمنگ منصوبا اسان جي نسلن جا دشمن آهن. پ پ حڪومت وٽ عوام لاءِ ڪجهه ناهي. اسين ڪڏهن به درياهه تي ڌاڙو ۽ سنڌ دشمن ڪئنال ناهڻ نه ڏينداسين. سنڌياڻي تحريڪ جي جنرل سيڪريٽري نصرت خاصخيلي چيو ته حڪمرانن غربت م، بدحالي، قبيلائي جهيڙن، ڌاڙيل راڄ مسلط ڪرڻ ڪانپوءِ سنڌ کي نيلام گهر بنائي ڇڏيو آهي. زرداري حڪومت درياهه ۽ وسيلا وڪڻڻ ڪانپوءِ بلاول ۽ ٻيا پ پ حڪمران سنڌ جي عوام کي دوکو ڏيڻ لاءِ ڪوڙا بيان ڏئي رهيا آهن. ڌرتي ڌڻين جا ڳوٺ ڊاهي زمينن تي قبضا ڪيا پيا وڃن ۽ غير قانوني پرڏيهين کي تحفظ ڏنو پيو وڃي. انڊس رور سسٽم ۾ ضرورت جيترو پاڻي ناهي. نوان ڪئنال ۽ ڊيم سنڌ جو پاڻي چوري ڪرڻ لاءِ ناهيا پيا وڃن. سنڌ دشمن منصوبا ناهڻ نه ڏينداسين. 20 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪيو وڃي. 91 ناهه تي عمل ڪري سنڌ کي پنهنجي حصي جو پاڻي ڏنو وڃي. ڌاڙيلن کي پ پ وزيرن جي سرپرستي آهي. هي جياپي جي جنگ آهي. خاموش نه ويهنداسين. قومي عوامي تحريڪ ضلعي متياري جي صدر ماجد خاصخيلي چيو ته سنڌ جا ماڻهو سنڌو درياهه تي ڌاڙي خلاف جدوجهد ڪن. ڪراچي کان ڪشمور تائين رهندڙ ماڻهو درياهه کي بچائڻ لاءِ ٻارين ٻچين آواز بلند ڪن. اياز لطيف پليجو ۽ سنڌياڻي تحريڪ جو ساٿ ڏين. 6 ڪئنال ڪالاباغ ڊيم کان به وڌيڪ خطرناڪ آهن. وفاقي ۽ سنڌ حڪومت سنڌ کي مال غنيمت ڪري لٽي رهي آهي. سنڌ جا ماڻهو ساهه جي آخري هڏڪي تائين درياهه تي ڌاڙو هڻڻ نه ڏيندا. قومي عوامي تحريڪ جي مرڪزي سينيئر ڊپٽي سيڪريٽري الطاف خاصخيلي خطاب ڪندي چيو ته پيپلز پارٽي سنڌ دشمن فيصلا ڪري رهي آهي. سنڌ جي ماڻهن جيئن ڪالاباغ ڊيم نهڻ نه ڏنو ائين ڪئنال به نهڻ نه ڏينداسين. سنڌ جا ماڻهو سجاڳ آهن. ڪڏهن به ڪئنال ۽ گرين پاڪستان جهڙا خطرناڪ منصوبا نهڻ نه ڏينداسين. سنڌ سان هر دور ۾ ناجائزيون ڪيون ويون آهن. پنجاب سنڌو درياهه تي ڌاڙا هڻي رهيو آهي. 91 واري ناهه تحت سنڌ کي پاڻي نٿو ڏنو وڃي. تيل، گئس، ڪوئلي سميت سمورا وسيلا هڙپ ڪيا پيا وڃن. ڪئنالن سميت ڪو به ڏنگر برداشت نه ڪيو ويندو. سنڌ جي آباد زمينن کي بنجر ۽ پنجاب جي ريگستانن کي آباد ڪرڻ لاءِ ڪئنال ناهيا پيا وڃن. ڪئنال ٺهيا ته سکر ڪانپوءِ درياهه ۾ واري اڏامندي، پنجاب جي هڪ ڪروڙ زمين آباد ڪئي ويندي. سنڌياڻي تحريڪ جي اڳواڻ فريد ملاح خطاب ڪندي چيو ته سنڌو درياهه تي ڌاڙو برداشت نه ڪيو ويندو. سنڌي ماڻهو هاڻ سمجهي ويا آهن ته پيپلز پارٽي حڪومت وٽ ڪرپشن ۽ وسيلن جي ڦرلٽ ڪانسواءِ ڪجهه ناهي. سنڌ ۾ قانون ۽ انصاف ناهي. سنڌياڻي تحريڪ کي جس هجي ڪئنالن ۽ سنڌ دشمن منصوبن خلاف جدوجهد ڪري رهي آهي. قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ نعيم خاصخيلي خطاب ڪندي چيو ته سنڌي ماڻهو پنهنجي درياهه لاءِ جدوجهد جي ميدان تي آهن. وفاقي حڪومت سنڌي ماڻهن جي احتجاج کي نظرانداز ڪرڻ بند ڪري، قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ ظفر حسين خطاب ڪندي چيو ته گرين پاڪستان ۽ 6 ڪئنالن جي منظوري آصف زرداري ڏني آهي ۽ بدلي ۾ اقتدار ورتو آهي. سنڌو درياهه اسان جي زندگي آهي. پنجاب سنڌو درياهه تي قاتلاڻو حملو ڪيو آهي. ڪئنال ٺهيا ته سنڌ جا ماڻهو پاڻي ڦڙي لاءِ سڪي ويندا. گرين پاڪستان دراصل گرين پنجاب آهي. ڪڏهن زمينن تي قبضو ته ڪڏهن وسيلن تي قبضا ڪيا وڃن ٿا. سنڌ جي حقن لاءِ سڀني کي جدوجهد تيز ڪرڻ گهرجي. قومي عوامي تحريڪ جي اڳواڻ دلبر اوڏ خطاب ڪندي چيو ته آصف زرداري کي سنڌ جي وسيلن جو سودو ڪرڻ جو ڪو حق ناهي. سنڌي ماڻهو پنهنجي درياهه ۽ ٻين وسيلن لاءِ گڏ آهن. سنڌ جون نياڻيون قومي حقن ۽ جياپي جي جنگ ۾ پنهنجي ڀائرن سان گڏ آهن. وفاقي حڪومت ڪئنال ۽ گرين پاڪستان جا منصوبا بند نه ڪيا ته ان جا خطرناڪ نتيجا نڪرندا. سنڌ جو پاڻي چوري ڪرڻ، ڊيم يا ڪئنال ناهڻ غير آئيني ۽ غير قانوني منصوبا آهن. اسين سنڌ دشمن منصوبن کي رد ڪريون ٿا. ڪڏهن به غير آئيني ڪئنال ناهڻ نه ڏينداسين. آصف زرداري کي صرف پنهنجي ذاتي ملڪيت وڪڻڻ جو حق آهي. سنڌ جا وسيلا وڪڻڻ ۽ سنڌو درياهه جي سودي ڪرڻ جو هن کي ڪو به اختيار ناهي. اڳواڻن مطالبو ڪيو ته ڪوٽڙي کان هيٺ 20 ملين ايڪڙ فوٽ پاڻي ڇوڙ ڪيو وڃي. سنڌ دشمن 6 ڪئنال رد ڪيا وڃن. ڪارپوريٽ فارمنگ جي نالي ۾ سنڌ جي زمينن تي قبضا ۽ سودا بند ڪيا وڃن

بقايا 27

ڪئي وئي آهي، ٻڍهه بير ۾ 5 ڄڻن جي قتل واري واقعي جو ڪيس ٻڍهه بير ٿاڻي ۾ داخل ڪيو ويو آهي. ڪيس جي مدعي موجب مقتولن کي گاڏي ۾ فائرنگ جو نشانو بنايو ويو. پوليس موجب ڪيس ۾ امتياز، سرفراز، علي گوهر ۽ شعيب کي نامزد ڪيو ويو آهي جنهن جي گرفتاري لاءِ ڪوششون ڪيون پيون وڃن. معاملي جي وڌيڪ جاچ به شروع ڪئي وئي آهي. ياد رهي ته هڪ مهينو اڳ به پشاور جي علائقن پشتخره ۽ تهڪال ۾ ذاتي دشمني ۽ ملڪيت جي تڪرار تان فائرنگ جا واقعا پيش آيا هئا. ٻنهي واقعن ۾ 5_5 ڄڻا مارجي ويا هئا.

بقايا 28

سرحد جي قومي شاهراهه تي زونگ هوٽل پرسان تيز رفتار ٽرالر موٽرسائيڪل کي زوردار ٽڪر هنيو جنهن جي نتيجي ۾ ديهه چنگل مهر واسي ميهار سومرو تڏي تي ئي فوت ٿي ويو. جڏهن ته سندس 22 ورهين جي ڌيءُ مائي افروز ۽ گهرواري زخمي ٿي پيون جن مان مائي افروز زخمن جا سور نه سهندي دم ڏئي ڇڏيو حادثي ۾ ميهار سومرو جي گهرواري پڻ زخمي ٿي پئي، جنهن کي مقامي ماڻهن فوري طور تي طبي امداد لاءِ اسپتال منتقل ڪيو حادثي ڪانپوءِ ٽرالر جو ڊرائيور گاڏي ڇڏي فرار ٿي ويو جڏهن ته قومي شاهراهه جي خراب حالت سبب مسلسل ٽئين ڏينهن به انساني جانيون ضايع ٿي رهيون آهن. گذريل ٽن ڏينهن دوران قومي شاهراهه تي مختلف حادثن ۾ 3 ڄڻا فوت ۽ 7 کان وڌيڪ زخمي ٿي چڪا آهن. پوليس موجب، فوتين جا لاش ضروري ڪارروائي بعد وارثن حوالي ڪيا ويا آهن. فوت ٿيلن ۽ زخمي عورت جو تعلق ديهه چنگل مهر سان ٻڌايو پيو وڃي. مقامي رهواسين حادثي جي ذميواري قومي شاهراهه جي خراب صورتحال تي ڳڻتي جو اظهار ڪندي روڊ جي تعمير ڪرڻ جو مطالبو ڪيو آهي.

بقايا 29

بجلي ڪرنٽ لڳڻ سبب سڙي سخت زخمي ٿي پئي، نينگري جي رڙين تي وارثن پهچي کيس ڳنڀير جوڳي حالت ۾ ڪٽائي چانڊڪا اسپتال جي ايمرجنسي وارڊ منتقل ڪيو جتي ڊاڪٽرن نينگري جي فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي، ان موقعي تي فوتي نينگري جي پيءُ نظر محمد زنگيجو ٻڌايو ته منهنجي ڌيءُ گهر ڀرسان خالي پلاٽ تي ڇيڻا ٺڪي رهي هئي ته اوچتي بجلي جي 11 هزار تارن ۾ وڄڙي بجلي ڪرنٽ لڳڻ سبب سڙي سخت زخمي ٿي پئي جنهن کي ڳنڀير جوڳي حالت ۾ اسپتال آندو جتي ڊاڪٽرن سندس فوت ٿيڻ جي تصديق ڪئي آهي.

بقايا 30

نگراني ڪري رهيو آهي , درگاهه قلندر لعل شهباز مزار جي داخلي خارجي رستن تي خاردار تارون ۽ 12 واڪ ٿرو گيٽ لڳايا ويا، سيڪيورٽي جا انتظام انتهائي سخت ڪيا ويا، تفصيل موجب عظيم صوفي بزرگ حضرت قلندر لعل شهباز جو 773 هون ساليانو عرس مبارڪ اڄ کان قلندر جي نگري ۾ شروع ٿي آهي لکن جي تعداد ۾ زائرين سيوهڻ پهچي ويا آهن هر طرف دمادم مست قلندر جون صدائون بلند زائرين قافلن جي صورت ۾ قلندري ڌمالن تي رقص ڪندا درگاهه قلندر لعل شهباز مزار تي حاضري ڀري پنهنجي مرشد سان عقيدت جو اظهار ڪري رهيا آهن. جڏهن ته لنگر نياز تقسيم ڪرڻ جو سلسلو پڻ جاري آهي جڏهن ته ميلا شهباز جي چيئرمين ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري عرس مبارڪ جي نگراني ڪري رهيو آهي جڏهن ته درگاهه قلندر جي مزار جي داخلي ۽ خارجي رستن تي خضدار تارون ۽ 12 واڪ ٿرو گيٽ لڳائي مزار اندر چيڪنگ بعد زائرين کي مزار اندر ڇڏيو پيو وڃي جڏهن ته شهر ۾ دڪانداري سجائي وئي آهي روڊ جي ٻنهي پاسن کان ۽ مختلف جاين تي دڪاندارن پنهنجا عارضي دڪان قائم ڪري ڇڏيا آهن جنهن ڪشمش، طوط , ميلي جي اڇي رنگ جي مٺائي , مائو مٺائي سميت رانديڪن جا دڪان پڻ کلي ويا آهن ٻئي طرف سيد عبدالله شاهه انسٽيٽيوٽ آف ميڊيڪل سائنس طرفان شهر جي مختلف جاين تي ميڊيڪل ڪئمپون لڳايون ويون آهن جتي ڊاڪٽر ۽ پيرا ميڊيڪل اسٽاف عملي سميت دوائون موجود آهن جتي زائرين کي طبي امداد مهيا ڪئي پئي وڃي.

بقايا 31

سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ قائم ڪيل طبي ڪئمپن جو دورو ڪيو. دوري دوران ڊي سي ڄامشورو صحت کاتي، پي پي ايڇ آئي ۽ سيد عبدالله شاهه ميڊيڪل انسٽيٽيوٽ سيوهڻ پاران لڳايل ڪئمپن جو معائنو ڪري، پانڌيئڙن کان صحت جون سهولتون فراهم ڪرڻ لاءِ ڪيل انتظامن بابت ڄاڻ ورتي. ان موقعي تي ڊسٽرڪٽ هيلٿ آفيسر ڄامشورو ڊاڪٽر عبدالحميد ڪونهارو اسسٽنٽ ڪمشنر سيوهڻ وقاص ملوڪ ۽ ٻيا لاڳاپيل عملدار پڻ ساٿس گڏ هئا. ڊي سي ڄامشورو لاڳاپيل آفيسرن کي سختي سان هدايتون ڏنيون ته عرس مبارڪ تي ايندڙ پانڌيئڙن کي علاج جون هر ممڪن سهولتون مهيا ڪيون وڃن. ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو وڌيڪ چيو ته عرس مبارڪ جي موقعي تي عقيدت مندن کي صحت جون معياري سهولتون مهيا ڪرڻ لاءِ 32 ميڊيڪل ڪئمپ قائم ڪيا ويا آهن. انهن ڪئمپن جو بنيادي مقصد زائرين کي مفت علاج، مهيا ڪرڻ آهي جڏهن ته ڪئمپن ۾ ضروري دوائون ڊاڪٽر ۽ پيراميڊڪل اسٽاف جي موجودگي کي پڻ يقيني بڻايو ويو آهي. ٻئي پاسي ڊپٽي ڪمشنر ڄامشورو غضنفر علي قادري پانڌيئڙن جي حفاظت کي يقيني بڻائڻ لاءِ سيڪيورٽي انتظامن جو پڻ جائزو ورتو ۽ سيوهڻ ۾ قائم ڪيل مرڪزي سي سي ٽي وي ڪنٽرول روم جو دوري ڪري لاڳاپيل عملدارن کان معلومات حاصل ڪئي

شهدادپور ۾ مچ ڪچهري، لالٽين، ونجڻ، رلين، ڪُهاڙين ۽ اجرڪ سان سجاوٽ، ماڻهن جي واهه واهه

ڳوٺ علي خان سريوال ۾ جشن بهار جي آمد جي سلسلي ۾ حيدر شاهه جي صدارت هيٺ ثقافتي مچ ڪچهري ڪئي وئي

سائنس ۽ اسلام ڀلي پنهنجو ڪم ڪن، پر اسان کي پنهنجي تاريخ ۽ ثقافت کي وسارڻ نه گهرجي: حيدر شاهه /گنهور خان

سنڌ جي ثقافت بچائڻ لاءِ اهڙيون ڪچهريون هر شهر ۽ ڳوٺ ۾ ٿيڻ گهرجن: منور شاهه/ غلام شاهه ۽ ٻين جي پاڻ ۾ ڪچهري

شهدادپور(رپورٽ: رئوف جان باگراڻي) شهدادپور ويجهو ڳوٺ علي خان سريوال ۾ جشن بهار جي آمد جي سلسلي ۾ ثقافتي مچ ڪچهري /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

هالاڻي:سنڌي ادبي سنگت پاران ڪوٺايل مچ ڪچهري جو ڏيک

ترجمان ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن عبدالقادر شيخ پاران سنڌ جي نامور ليکڪ ۽ شاعر ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) ترجمان ڪراچي واٽر اينڊ سيوريج ڪارپوريشن عبدالقادر شيخ ڪراچي ميونسپل ڪارپوريشن جي دانيال سيال جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 2

سيٺارجا لنڪ روڊ هنڌان هنڌان اکڙيل، سفر عذاب، رهواسي مسئلن کي منهن ڏيڻ تي مجبور

مختلف علائقن ڏي ايندڙ ويندڙ لنڪ روڊن جي وڏي عرصي کان مرمت نه ٿي، سفر ڪرڻ ڏکيو ٿي پيو

ايمرجنسي جي صورت ۾ رهواسي سخت پريشانين کي منهن ڏيڻ لڳا، شڪايتن جو تدارڪ نه ٿي سگهيو

تڪ جي چونڊيل نمائندن کي اپيل آهي ته معاملي جو نوٽيس وٺي فورن روڊن جو مرمتي ڪم ڪرايو وڃي: رهواسي

سيٺارجا (اشفاق احمد شيخ) سيٺارجا کان سئي لنڪ روڊ، سيٺارجا کان هنگورجا لنڪ روڊ، سيٺارجا کان ڏيپارجا، سيٺارجا کان پير ٻيڙو لنڪ روڊ سالن /ڏسو صفحو 2 بقايا 4

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي لاڏاڻي تي دلي ڏک پهتو آهي: مخدوم سعيد الزمان

ڄام شورو (پ ر) سنڌي ادبي بورڊ جي چيئرمن مخدوم سعيد الزمان "عاطف" سنڌي ٻوليءَ /ڏسو صفحو 2 بقايا 3

خيرپور ناٿن شاهه لڳ پڳ ٻڌرائڻ جي تقريب، پ پ ايم پي اي شريڪ

ڳوٺ الله ڏنو کوسو ۾ مرحوم غلام رسول جي پٽ عبدالرسول کوسو کي پڳ ٻڌرائڻ جي رسم ٿي

ايم پي اي زبير احمد جوڻيجو، مشهود الحق گاڏهي ۽ ٻين نيڪ مردن پڳ کي ور ڏنا

خيرپور ناٿن شاهه (قربان علي ٻگهيو) ڳوٺ الله ڏنو کوسو ۾ کوسا برادري جي چڱي مڙس مرحوم رئيس سيٺ غلام رسول کوسو جي پڳدار پٽ رئيس /ڏسو صفحو 2 بقايا 5

خيرپور ناٿن شاهه: پڳ ٻڌرائڻ واري رسم ۾ معزز پڳ کي ور ڏئي رهيا آهن

گلشن حديد ۾ بچت بازار تي بندش، پورهيت بي روزگار، احتجاجي مظاهرو

سنڌي نوجوان جي قتل بعد ڊي سي ملير بچت بازار تي پابندي هڻي هئي: سراج مغيري

گذر سفر اسٽال ۽ ريڙها لڳائڻ سان ٿيندو آهي، انتظاميا بازار کولڻ جي اجازت ڏي: اپيل

ملير (ڊ ر) ملير جي علائقي گلشن حديد، پپري، اسٽيل ٽائون، شاهه ٽائون ۾ بچت بازارن جي بندش خلاف بازارن ۾ ريڙها ۽ اسٽال لڳائي روزگار /ڏسو صفحو 2 بقايا 6

ڏابيجي ويجهو جابلو علائقن ۾ ٻه پورهيت مٽي ڪرڻ سبب دٻجي فوت

ٽرالين ۾ مٽي ڪڍڻ دوران جبار مري ۽ عامر جمالي مٿان مٽيءَ جي ڀٽ ڪري پئي جنهن سبب ٻنهي ڄڻن دم ڏئي ڇڏيو

علائقي واسين پنهنجي مدد پاڻ پورهيتن جا لاش ڪرين ذريعي مٽيءَ جي ڍير مان ڪڍي مقامي اسپتال پهچايا

واقعي بعد انتظاميا ڪو به تحرڪ نه ورتو، نه ئي مڙهه کڻڻ لاءِ گاڏي ملي، سوزوڪين تي کڻائي اسپتال پهچاسين: وارث

گهارو (ن پاڪ) ڏابيجي جي علائقي ۾ افسوسناڪ واقعي ۾ 2 پورهيت فوت. ڏابيجي ويجهو جابلو علائقن مان ٽرالين ۾ مٽي ڪڍڻ دوران مٽيءَ جي ڀٽ ڪرڻ سبب 2 پورهيت دٻجي فوت ٿي ويا آهن دٻجي ويل ٻنهي پورهيتن /ڏسو صفحو 2 بقايا 7

ملير: مختلف علائقن جا رهواسي بچت بازار کي بند ڪرڻ خلاف احتجاجي مظاهرو ڪري رهيا آهن

هالاڻي ساس پاران مچ ڪچهري، فنڪارن جي سرور ڪا

ڳوٺ سومر قلپوٽو ۾ منعقد مچ ڪچهري جي صدارت محبوب علي ڏيپر ڪئي

ميول سولنگي، امتياز قلپوٽو، شريف سومرو ۽ ٻين شاعري ٻڌائي

هالاڻي(اقبال گاڏهي) سنڌي ٻولي کي قومي ٻولي جو درجو ڏيارڻ لاءِ سنڌو درياءَ مان ڇه ڪئنال ڪڍڻ خلاف سنڌي ادبي سنگت شاخ هالاڻي /ڏسو صفحو 2 بقايا 30

لاڙڪاڻي ۾ ٽيڪنيڪل ڪاليج جو استاد پل تان ڪري فوت

اياز لاکي کي علائقي واسين ٽراما سينٽر منتقل ڪيو جتي دم ڏنائين

اياز لاکو موٽرسائيڪل تي درگاهه تي ويل هو ڪيڏڪر پل تان ڪريو: وارث

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي سرڪٽ هائوس واري علائقي واسي ٽيڪنيڪل ڪاليج جو استاد 48 سالا اياز پٽ غلام حسين /ڏسو صفحو 2 بقايا 29

نصيرآباد ۾ خانگي اسڪول پاران سائنسي پروجيڪٽن جي نمائش

نمائش ۾ 15 کان مٿي پروجيڪٽ رکيا ويا، ٻارڙن پاران دلچسپي جو اظهار

نرسري کان پنجين ڪلاس شاگردن سائنسي پروجيڪٽ نمائش ۾ پاڻ مڃايو آهي:مهمان

نصيرآباد(رپورٽ اعظم ٽگڙ) روشني سائنس اسڪول نصيرآباد پاران سائنسي پروجيڪٽ نمائش جي تقريب ٿي گذري، روشني سائنس اسڪول /ڏسو صفحو 2 بقايا 28

نصيرآباد: شاگرد ۽ شاگرديائڻيون تيار ڪيل نمونا نمائش ۾ رکي ويٺا آهن

آڪاش جي شاعري ۽ مخصوص انداز بيان نوجوان نسل متاثر ڪيو: سردار شاهه

ڊاڪٽر آڪاش انصاري بهترين انسان سان گڏ هڪ بهترين شاعر به هو: صوبائي وزير

ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي وڇوڙي جو خال ڪڏهن به نه پرجي سگهندو: تعزيتي بيان

بدين: سنڌ جي تعليم واري وزير طرفان سيد سردار علي شاهه ناليواري شخصيت ڊاڪٽر آڪاش انصاري جي المناڪ وڇوڙي تي ڏک جو اظهار /ڏسو صفحو 2 بقايا 27

غوث علي شاهه پ پ جو مخلص ۽ ارڏو اڳواڻ هو: سعيد شاهه

هن شهيد سنڌ راڻي محترمه بينظير ڀٽو سان هر موڙ تي وفاداري جو ثبوت ڏنو

محترمه بينظير ڀٽو ڪيس پنهنجو ڀاءُ سڏيندي هئي: ورسي تقريب کي خطاب

ڪراچي اوير(رپورٽر) پ پ جي اڳوڻي معاون خصوصي، سپاف سنڌ جي صدر ۽ سنڌ ڪائونسل ميمبر سيد غوث علي شاهه جي 14هين /ڏسو صفحو 2 بقايا 26

لاڙڪاڻي ۾ پ پ شهيد ڀٽو پاران بدامني ۽ اقليتن جي حمايت ۾ ريلي

چيف آرگنائيزر سيد رستم شاهه جي اڳواڻي ۾ بينر ۽ جهنڊا کڻي نعريبازي

سنڌ حڪومت امن امان تي ڪنٽرول ڪرڻ ۾ ناڪام وئي آهي: اڳواڻن جو خطاب

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو سٽي طرفان وڌندڙ بدامني ۽ اقليتي برادري سان اظهار يڪجهتي /ڏسو صفحو 2 بقايا 25

پ پ خلاف اجائي واويلا ڪئي پئي وڃي: ڄام شبير علي

ائين هرگز ناهي هر اميدوار کي عوام چونڊيو آهي

عوامي طاقت سان سنڌ اسيمبلي ۽ قومي اسيمبلي ۾ پهتا آهيون

سنجهورو (خان محمد لنڊ) پيپلزپارٽي ايم پي اي ڄام شبير علي خان صحافين جي وفد سان ڳالهائيندي چيو ته پيپلزپارٽي خلاف اجائي واءِ ويلا ڪئي /ڏسو صفحو 2 بقايا 24

حيدرآباد ۾ واڙڪي وسي واسين جو هٽڙي پوليس خلاف احتجاجي مظاهرو

پوليس اٿالن چوديواري جو تقدس پامال ڪندي گهرن ۾ گهڙي عورتن ۽ ٻارڙن تي تشدد ڪيو: خدابخش لغاري

پوليس تشدد ڪري تجمل، مشڪور، عاجز، نادر ۽ عامر کي ڪنيي مقابلو ڄاڻائي ڪيس داخل ڪيو ويو آهي

نوجوانن مٿان ڪوڙي ايف آءِ آر ختم ڪري کين آزاد ڪيو وڃي ٻي صورت احتجاج جو دائرو وڌايو ويندو: چتاءُ

حيدرآباد (رپورٽ: فريد شيخ) حيدرآباد جي علائقي واڙڪي /ڏسو صفحو 2 بقايا 31

حيدرآباد: ايس ايڇ او هٽڙي خلاف وڙڪي وسي واسي پاران احتجاج ڪيو پيو وڃي

ساس سکر پاران شاعر ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي وڇوڙي تي ڏک جو اظهار

سکر(بيوروپورٽ) سنڌي ادبي سنگت سنڌ جي مرڪزي /ڏسو صفحو 2 بقايا 32

پيپلز پارٽي لاڙڪاڻي جو سينئر ورڪر محمد شريف مڪراڻي لاڏاڻو ڪري ويو

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) پاڪستان پيپلز پارٽي لاڙڪاڻي /ڏسو صفحو 2 بقايا 33

درياهه مٿان ڌاڙي خلاف وڪيلن ۽ بار ايسوسيئيشن کي ڪردار ادا ڪرڻو پوندو: اشرف سمون

سنڌو درياهه مان 6 ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ ريگستان ٿيڻ سان گڏوگڏ 5 ڪروڙ سنڌي بيروزگار ٿي ويندا: ناليوارو قانوندان

ٻئي طرف سنڌ جون هزارين ايڪڙ زمينون ڪارپوريٽ سيڪٽر کي ڏنيون پيون وڃن جيڪو سنڌين سان سراسر ظلم آهي

عدالتن جي آزادي ختم ڪئي وئي آهي، عدالتون حڪومت خلاف فيصلا ڏيڻ جي پوزيشن ۾ ناهن: صحافين سان ڳالهيون

ملير (ڊ ر) سنڌو درياهه مان 6 ڪئنال ڪڍڻ سان سنڌ ريگستان ٿي ويندي ۽ سنڌ جا 5 ڪروڙ ماڻهو بيروزگار ٿي ويندا جن جو روزگار زراعت تي آهي، /ڏسو صفحو 2 بقايا 34

سکر ۾ جي يو آءِ جو اجلاس، شهر جي مسئلن جي حل لاءِ تحريڪ هلائينداسين: اڳواڻ

سکر (بيورو رپورٽ) جي يو آءِ يونٽ فقيه العصر پاران مجلس عامله جو اجلاس يونٽ جي امير مولانا /ڏسو صفحو 2 بقايا 35

ڄام نواز علي: محمد عرس ڪٺوهر جي ايصال ثواب لاءِ تقريب ۽ پڳ ٻڌرائڻ جي رسم بعد دعا گهري پئي وڃي

شهدادپور ۾ مغل الائنس پاڪستان پاران شاگرديائڻين ۽ شاگردن ۾ ڊريسون تقسيم

پاران گورنمنٽ پرائمري مغل شاهي مسجد اسڪول ۾ تقريب پڻ ڪوٺائي وئي

تعليم کي هٿي وٺرائڻ لاءِ هر فرد ڪردار ادا ڪري: مرزا عدنان بيگ ۽ ٻين جو خطاب

شهدادپور(رپورٽ رئوف جان باگراڻي) شهدادپور ۾ مغل الائنس پاڪستان پاران گورنمنٽ پرائمري مغل شاهي مسجد اسڪول /ڏسو صفحو 2 بقايا 1

پڪو ٽاڻي جي پوليس نياڻي کي اغوا ڪندڙ کي گرفتار ڪرڻ لاءِ تيار ناهي، ڌمڪيون ملي رهيون آهن: قمبر واسين جي پريس ڪانفرنس

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) قمبر تعلقي جي ڳوٺ وزير شيخ جي رهواسڻ پيرسن عورت فيروزه زال ارباب چانڊيو پنهنجي ڌيءُ فرزانه، مامي

ڄام نواز علي لڳ مرحوم محمد عرس ڪٺوهر جي ايصال ثواب لاءِ خيرات، پڳ جي رسم، پ پ ايم پي اي جي شرڪت

ڄام نواز علي (سليم لسڪاڻي)ڄام نواز علي مرحوم محمد عرس ڪٺوهر جي روح ايثال ثواب پهچائڻ لاءِ خيرات دعا ۽ پڳ جي

ساس ڏيپارجا آڪاش انصاري ۽ ذوالفقار سيال جو وڇوڙو وڏو سانحو قرار ڏئي ڇڏيو

آڪاش انصاريءَ جو قتل سنڌي قوم، اديبن شاعرن، سنڌي ٻوليءَ ۽ شعور جو قتل آهي: تاج جويو

ذوالفقار سيال جو موت فطري هو هن جون اڻ ڳڻيون خدمتون وساري نه سگهبيون: منظور علي شاهه

عظيم شخصيتن جو ڇڏيل خال پرڻ مشڪل آهي، آڪاش انصاري جي موت جي جاچ ڪرائي وڃي

مورو(ن پاڪ) مورو ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏيپارجه طرفان سنڌ جي ٻن ناليوارن شاعرن اديبن ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ ۽ ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي وڇوڙي تي تعزيتي

مورو: ساس پاران ڪوٺايل تعزيتي ريفرنس کي تاج جويو خطاب ڪندي

گلشن حديد جي ناليواري ايمبلش اسڪول جي امتحان ۾ پوزيشن ڪٺندڙ ٻارڙن ۾ انعام ۽ ٽرافيون تقسيم

ملير (ڊ ر) گلشن حديد جي ناليواري تعليمي اداري ايمبلش اسڪول سسٽم گلشن حديد پاران امتحانن ۾ پوزيشن حاصل ڪندڙ شاگردن ۽ شاگردياڻين ۾ انعام ۽ ٽرافيون

ڪنڊڪوٽ انتظاميه جي نااهلي ڪارڻ شهر گندي پاڻي جي گهيري ۾

گندين نالين جو پاڻي روڊن توڙي گهٽين م تلاءَ جي صورت ۾ بيٺل، دڪاندار پريشاني کي منهن ڏيڻ تي مجبور

ڪافي دفعا ميونسپل ڪامورن کي شڪايت ڪئي آهي، پر ڪو به ڪڙتيل ناهي نڪتو: دڪاندار

نالن جي صفائي نه ٿيڻ ڪري گندو پاڻي اوور فلو ٿي وهي پيو، مڪاني ڪاتي وارو وزير نوٽيس وٺي مسئلو حل ڪري: مطالبو

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ ذوالفقار علي سومرو) ڪنڊڪوٽ ميونسپل انتظاميا جي نااهلي سبب شهر گندگي جي ورچڙهيل شهر جا روڊ رستا نالين جي گندي پاڻي هيٺ، تفصيل موجب ڪنڊڪوٽ ميونسپل انتظاميا جي نااهلي سبب نالين ۽ گٽرن جون گندو پاڻي شڪارپور روڊ تي تلاءُ جو ڏيک ڏيڻ لڳو، شڪارپور جي /ڏسو صفحو 2 بقايا 8

خيرپور پرسان ڀيل برادري جي پندرنهن کان وڌيڪ ڪٽنبن اسلام قبولي ورتو

خيرپور (ڊ ر) خيرپور پرسان ڳوٺ وارث گنيير ۾ سني رابطا /ڏسو صفحو 2 بقايا 11

سيتاروڊ: قمبر علي لغاري بلڊ ڪئمپ جو دورو ڪري رهيو آهي

سيتا ۾ بلقيس رضا ٽرسٽ طرفان عطيي لاءِ ڪيمپ قائم، شهرين رت ڏني

ٿيليسميا ٻارڙن جون حياتيون بچائڻ لاءِ سوين شهرين ڪيمپ تي پهچي رت عطيو ڪئي

هڪ انسان جي زندگي بچائڻ پوري انسانيت کي بچائڻ برابر آهي: قمبر لغاري/احمد سلطان

سيتاروڊ (منور اڪبر سولنگي) سيتاروڊ ۾ بلقيس رضا ٽرسٽ جي چيئرمين ڊاڪٽر احمد سلطان لغاري ۽ ٽائون ڪاميٽي سيتاروڊ چيئرمين /ڏسو صفحو 2 بقايا 9

باقراڻي پرسان ايزي لوڊ دڪان مان ڦرجي ڪوشش، ٻه ڦورو سوگها، ڪٽڪو

لاڙڪاڻو موئن جو دڙو تي ٻن موٽر سائيڪل سوارن جي دڪان تي ڪاهه

دڪاندارن ۽ ڳوٺاڻن مڙسي ڪري ڦورو پڪڙي مار ڏئي پوليس حوالي ڪيا

باقراڻي (رپورٽر) باقراڻي ٿاڻي جي حد لاڙڪاڻو موئن جو دڙو تي پير ابراهيم شاهه درگاهه پرسان بروهي سينٽر تي واقع ايزي لوڊ جي دڪاندار /ڏسو صفحو 2 بقايا 10

وڏي وزير پاران ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي لاڏاڻي تي ڏک جو اظهار

ڪراچي (اسٽاف رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي /ڏسو صفحو 2 بقايا 12

يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن ۾ ڊيلي ويجز تي ڪم ڪندڙ 2 هزار 860 ملازم فارغ

ٻئي مرحلي ۾ ڪانٽريڪٽي ملازمن کي نوڪري مان ڪڍيو ويندو، مقصد ملازمن جو انگ گهٽ ڪرڻ آهي: ذريعا

برطرف ڪيل ملازمن مان ڪيترائي ملازم 10 سالن کان وڌيڪ وقت کان خدمتون انجام ڏئي رهيا هئا

پهرين مرحلي ۾ سمورن ڊيلي ويجز ملازمن کي نوڪري مان ڪڍيو ويو آهي، ڪانٽريڪٽي ملازم به جلد فارغ ٿيندا

اسلام آباد: (م د) يوٽيلٽي اسٽور ڪارپوريشن سڄي ملڪ جي 2 هزار 860 ڊيلي ويجز ملازمن کي نوڪري مان ڪڍيو ويو آهي. /ڏسو صفحو 2 بقايا 13 ذريعن موجب پهرين مرحلي ۾ سمورن ڊيلي ويجز ملازمن کي نوڪري مان ڪڍيو ويو آهي،

ڏوڪري پوليس جي ڪارروائي، ٻه ڄڻا گرفتار

پوليس نويد ڏيرو جي گرفتاري لاءِ ڏيرا پاڙي ۾ ڇاپو هنيو

مزاحمت تي زين ڏيرو، ياسين جتوئي کي حراست ۾ ورتو ويو

ڏوڪري (قاضي سهيل)ڏوڪري پوليس جي ڏيرا پاڙي ۾ منشيات وڪرو ڪندڙن خلاف ڪارروائي، رپورٽ موجب ايس ايڇ او ڏوڪري احمد علي اوڊو /ڏسو صفحو 2 بقايا 14

لاڙڪاڻي ۾ سماجي تنظيم جي سرواڻ جي گهرواري جي پرس مان قيمتي موبائيل ۽ 20 هزار نڪري ويا

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي شهر جي مارڪيٽ ٿاڻي جي حد ريشم گلي مان وڪاري مهم هلائيندڙ سماجي تنظيم گرين

لاڙڪاڻي ۾ پيپلز هاري ڪميٽي پاران ڪئنالن خلاف ريلي، درياهه کي گلن سان ڀيٽا

صوبائي صدر پنهل لهر، علي مدد لاشاري جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاج ٿيو

پنجاب پاران 6 ڪئنالي منصوبو سنڌ کي بنجر ۽ ريگستان بڻائڻ جي سازش آهي: پنهل ساريو

سنڌ دشمن منصوبو ڪنهن به صورت ۾ قبول ناهي، پنجاب کي فيصلو واپس وٺڻو پوندو: خطاب

لاڙڪاڻو(بيورو رپورٽ) لاڙڪاڻي ۾ پيپلز هاري ڪميٽي سنڌ طرفان سنڌو درياهه مٿان ٺهندڙ 6 ڪئنالن /ڏسو صفحو 2 بقايا 15

لاڙڪاڻو: پيپلز هاري ڪميٽي پاران سنڌ دشمن منصوبن خلاف احتجاج ڪيو پيو وڃي

شهدادپور بار ۾ آل سنڌ لاءِ اسٽوڊنٽس ضلع سانگهڙ جي عهديدارن جي حلف برداري تقريب، تعلقي بار جي صدر قسم کڻايو

شهدادپور (ن پاڪ) شهدادپور بار ۾ آل سنڌ لاءِ اسٽوڊنٽس ضلع سانگهڙ جي عهديدارن جي حلف /ڏسو صفحو 2 بقايا 16

جي ايم مهر ميڊيڪل ڪاليج ٽيچنگ سول اسپتال جي ايم ايس سان ايس ايم سي وفد جي ملاقات

سکر(بيوروپورٽ) غلام محمد مهر ميڊيڪل ڪاليج ٽيچنگ سول اسپتال سکر جي اسسٽنٽ ايم ايس ڊاڪٽر الطاف اعوان ۽ ٻين سان سکر /ڏسو صفحو 2 بقايا 17

ڏکئي گهڙي ۾ پاڻ کي خدا جي گهڻو ويجهو محسوس ڪندي آهيان:يمنا زيدي

ڪراچي (م د) تازو فلم ناياب ۾ اداڪاري جا جوهر ڏيکاريندڙ يمنيٰ زيدي پنهنجي زندگي جي سخت تجربن تان پردو کڻي ڇڏيو يمنيٰ زيدي معياري /ڏسو صفحو 2 بقايا 18

سکر واسي جي ڌيءُ ڇهن مهينن کان پراسرار نموني گم

سکر(بيوروپورٽ) سکر جي گلي نمبر 4آدم شاهه ڪالوني، گرم گودي جي رهواسي غلام حسين مهر جي 5 ورهين جي ڌيءُ خوشي 4 مهينن کان /ڏسو صفحو 2 بقايا 19

ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري

باقراڻي (رپورٽ محمد عالم ٽنيو) : سنڌ جي ناليواري اديب ڊاڪٽر ذوالفقار سيال جي لاڏاڻي تي سندس پونئيرن سان تعزيت جو سلسلو جاري /ڏسو صفحو 2 بقايا 20

پرياروڊ ۾ بابا عاشق سائين جو 17هون عرس، گادي نشين چادر چاڙهي

پرياسٽي (ن پاڪ) ساهتي پرڳڻي جي شهر پرياروڊ بزرگ هفت زبان شاعر محمد ياسين المعروف بابا عاشق سائين جنهن جي مختلف ستن زبانن/ڏسو صفحو 2 بقايا 21

سڄڻ سائين امت جي وحدت ۽ اتحاد جو ضامن آهي: سعيد اعوان

سکر (بيورو رپورٽ) جماعت اصلاح المسلمين ضلعي سکر جي يونٽ عهديدران جي حلف برادري تقريب ۽ تربيتي ورڪشاپ جو انعقاد /ڏسو صفحو 2 بقايا 22

ڪنڊڪوٽ ۾ ڌوهاري بي لغام ،هندو دڪاندار يرغمال، موٽرسائيڪل ڦر

ڪنڊڪوٽ (رپورٽ: ذوالفقار علي سومرو) ڪنڊڪوٽ اي سيڪشن ٿاڻي جي حد بانشالا دربار ٻاهران موٽرسائيڪل سوار 3 هٿيارٻندن /ڏسو صفحو 2 بقايا 23

مٽياري ۾ جسقم پاران ڪئنالن خلاف احتجاجي مظاهرو نعريبازي

مٽياري (رپورٽ شهمير ميمڻ) مٽياري ۾ جسقم پاران ڪئنالن خلاف احتجاجي مظاهرو نعريبازي، خبر موجب. مٽياري ۾ جسقم پاران /ڏسو صفحو 2 بقايا 36

اهم شخصيتن جو وڇوڙو سنڌ ۽ سنڌي ادب جو وڏو نقصان آهي: ادبي سنگت ڏهرڪي

ڏهرڪي(رپورٽ وجي ڪمار چاولا) سنڌي ادبي سنگت شاخ ڏهرڪي پاران سنڌي ٻوليءَ جي نامور شاعر ڊاڪٽر آڪاش انصاريءَ ، شاعر، /ڏسو صفحو 2 بقايا 37

حڪومت سنڌ
SINDH PUBLIC PROCUREMENT REGULATORY AUTHORITY
TRANSPARENCY - FAIRNESS - VALUE FOR MONEY - ECONOMY - EFFICIENCY
سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي

عام اطلاع
(آڇون ڏيندڙن لاءِ اهم هدايتون)

سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي (SPPRA) شفافيت، منصفاڻن موقعن، ڪارڪردگي ۽ لاڳت جي اثرائتي حڪمت عملي کي فروغ ڏيڻ لاءِ اِي-پاڪ اڪيوزيشن اينڊ ڊسپوزل سسٽم (EPADS) متعارف ڪرايو آهي. هي هڪ مڪمل اِي-پروڪيورمينٽ پليٽ فارم آهي جيڪو خريداري جي سڄي عمل کي جديد ۽ اثرائتو بڻائڻ لاءِ تيار ڪيو ويو آهي.

هي نظام خريداري ڪرڻ وارن ادارن (پروڪيورنگ ايجنسيز) کي خريداري جي مڪمل ڪاروائي کي اثرائتي طريقي سان انجام ڏيڻ جي سهولت فراهم ڪري ٿو، جنهن ۾ سالياني خريداري منصوبا ۽ نوٽس طلبي ٽينڊرز (NITs) آڇ دستاويزن جي تياري ۽ اشاعت کان وٺي ڪانٽريڪٽ جي حتمي منظوري تائين سموري ڪارروائي شامل آهي. وڌيڪ اهو ته هي هڪ مربوط پليٽ فارم فراهم ڪري ٿو جتي آڇ ڏيندڙ / واڪ ڏيندڙ پاڻ کي رجسٽر ڪري سگهن ٿا.خريداري جي موقعن تائين رسائي حاصل ڪري سگهن ٿا ۽ پنهنجون آڇون آن لائين جمع ڪري سگهن ٿا، جنهن سان خريداري جي عمل ۾ شفافيت، ڪارڪردگي ۽ رسائي کي يقيني بڻايو وڃي ٿو.

هن نظام جي عملدرآمد لاءِ افتتاح ڪيو ويو آهي ۽ حڪومت سنڌ جي سمورن کاتن/ خريداري ڪرڻ وارن ادارن کي هدايت ڪئي وئي آهي ته هو پنهنجا ايندڙ سمورا نوٽيس براءِ طلبي ٽينڊر (NITs) صرف EPADS تي اپ لوڊ ڪن.

EPADS جون نمايان خاصيتون:

☑ EPADS هڪ خودڪار اِي-پروڪيورمينٽ سسٽم آهي جيڪو خريداري ڪرڻ وارن ادارن کي صرف رجسٽرڊ آڇون / واڪ ڏيندڙن کان واڪ وصول ڪرڻ جي اجازت ڏئي ٿو.

☑ اهو واڪ ڏيندڙن جي ڪاغذن ۽ لاڳاپيل قانون جي مطابق تعميل جي تصديق ڪري شفاف ۽ اثرائتي ۽ منظم واڪ جي عمل کي يقيني بڻائي ٿو.

☑ صرف اهي واڪ ڏيندڙ جيڪي EPADS تي ڪاميابي سان رجسٽرڊ هوندا، انهن ٽينڊرن ۾ حصو وٺي سگهن ٿا جيڪي EPADS تي اپ لوڊ ڪيا ويندا.

حڪومت سنڌ جي خريداري جي عمل ۾ بنا رڪاوٽ شرڪت کي يقيني بڻائڻ لاءِ سمورن دلچسپي رکندڙ واڪ ڏيندڙن کي هدايت ٿي ڪجي ته هو فوري طور تي هيٺ ڏنل لنڪ جي ذريعي EPADS سسٽم تي پنهنجي رجسٽريشن مڪمل ڪن ته جيئن ڪنهن به قسم جي پريشاني کان بچي سگهجي:

https://sindh.eprocure.gov.pk/#/supplier/registration

مدد جي لاءِ مهرباني ڪري EPADS جي آفيشل پورٽل تي وزٽ ڪريو يا سسٽم سپورٽ ٽيم سان رابطو ڪريو

✆ 051-111-137-237
✆ 021-99205356

(محمد ايوب علي خان)
مئنيجنگ ڊائريڪٽر
سنڌ پبلڪ پروڪيورمينٽ ريگيوليٽري اٿارٽي ڪراچي

INF/KRY/558/2025

هيءَ اخبار ايڊيٽر ۽ پبلشر غلام نبي چانڊيو پاران سم پرنٽنگ پريس، گرائونڊ فلور بي_آر_آر ٽاور حسن علي روڊ آف آءِ آءِ چندريگر روڊ ڪراچي مان شايع ڪري پڌري ڪئي